# چنڊ وسامي ويو

امر جليل

KAPTAN ABRO

# چنڊ وسامي ويو

۽

## ٻيون رهجي ويل ڪهاڻيون

امر جليل

ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا - انتساب

## DEDICATION

سنڌ وطن ۾ بيوطن ٿي وڃڻ وارن جي نالي، جن سنڌ جو عروج ڏٺو هو ۽ هينئر سنڌ جو زوال ڏسي رهيا آهن.

امر جليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهاڻين جي ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| | مان ڪنهن کي ڳوليان ٿو — امر جليل | 07 |
| 1. | اجالو | 23 |
| 2. | آزاد | 27 |
| 3. | وڻيون ۽ وڇوڙا | 29 |
| 4. | سپنن جي سِڄ | 36 |
| 5. | مان شريف آهيان | 40 |
| 6. | ضمير ستل آهي | 42 |
| 7. | اُڌما | 44 |
| 8. | عظيم عورت | 47 |
| 9. | چار ننڍيون ڪهاڻيون | 54 |
| 10. | ٻيا به غم آهن | 56 |
| 11. | هڪ خط - هڪ افسانو | 61 |
| 12. | زندگيءَ جي نه ڪٽندڙ ڪهاڻي | 66 |
| 13. | داغ | 70 |
| 14. | چنڊ وسامي ويو | 77 |
| 15. | تو تان بند ٻڌا ٿيو | 80 |
| 16. | لاش | 86 |
| 17. | مڙدي ڳالهايو | 88 |
| 18. | تنهائي | 91 |
| 19. | هن جڳ ۾ | 93 |
| 20. | انصاف جي ڳولا | 97 |
| 21. | ڪشمش | 98 |
| 22. | سڌريل ڳوناٺو | 102 |
| 23. | ڌرتيءَ جو درد | 104 |
| 24. | سائي مک (ترجمو) | 106 |
| 25. | ٻار ۽ ٻيا (ترجمو) | 112 |
| 26. | نانگ (ترجمو) | 115 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آتم ڪٿا

# مان ڪنهن کي ڀُوليان ٿو

ڪجهه ماڻهو ڏاڍو ياد ايندا آهن. ڪين وسارڻ اسان جي وس ۾ نه هوندو آهي. ڪي ماڻهو پنهنجي آمد سان اسان جي زندگيءَ ۾ مثبت يا منفي تبديلين جو سبب ٿي پوندا آهن. اهڙا ماڻهو اسان جي وجود ۾ مستقل حيثيت جا مالڪ ٿي پوندا آهن. منهنجون يادون مختلف علامتن سان منسلق آهن. اهڙين علامتن ۾ موسيقي، خوشبوءِ، ڪنڌر، پراڻن ڪتابن جا دڪان ۽ ڪباڙخانا سر فهرست آهن. پاڪستان ٽيٽرس ۽ نيشنل ٽيٽرس ۾ (1961-63) منهنجن ڊرامن جي هيروئن ريحانه صديقي هميشه لتا منگيشڪر جو هڪ گيت ورائي ورائي ٻڌندي هئي. ”مٹی سے کھیلتے ہو بار بار کس لے - ٹوٹے ہوئے کھلونوں سے پیار کس لیے.“

اج به جڏهن مان پنجاهه سال پراڻو لتا جو گيت ٻڌندو آهيان، تڏهن ريحانه جيئري جاڳندي منهنجين اکين آڏو اچي بيهندي آهي. سانوري، سلوڻي، هميشه مرڪندڙ. الاءِ ڇو اِهو گيت ٻڌي اڪثر روئي پوندي هئي. زندگيءَ جيڪڏهن وفا ڪئي، ۽ پاڻ کي پاڪستان ٽيٽرس ۽ نيشنل ٽيٽرس ۾ تباهه ڪندڙ ٻن ادائي سالن جي ڪٿا لکڻ تي آماده ڪري سگهيس، تڏهن ريحانه صديقيءَ جو ذڪر ضرور ڪندس.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ هنڪڙي ڏينهن اسٽيشن ڊائريڪٽر طاهر شاهه هڪ ڏاڍي سهڻي ڇوڪريءَ کي منهنجي آفيس ۾ وٺي آيو ۽ چيائين ته اج کان حنا هاشمي تنهنجي ڪمري ۾ توسان گڏ ويهندي. پُوءِ ويندي ويندي، کلندي چيائين، ”مونکي خبر آهي ته تون بي ضرر قسم جو ماڻهو آهين.“

حنا هاشمي افغان پرشين سروس ۾ اسٽاف آرٽسٽ هئي، ۽ ايراني نسل جي هئي. شڪل شبهه، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڪپڙي لٽي، ۽ رکَ رکاءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. خوشبوءِ جي دلداده هئي. طرح طرح جا پرفيوم استعمال ڪندي هئي. پر اڪثر مخصوص قسم جو هڪ پرفيوم لڳائيندي هئي. اتفاق سان اج به جڏهن اُن خوشبوءِ جو جهونڪو ڪٿان ايندو آهي، تڏهن خوشبوءِ سان گڏ حنا هاشمي به هلي ايندي آهي. آتم ڪٿا ۾ ريڊيو پاڪستان جو جڏهن تفصيلي ذڪر ايندو، تڏهن حنا هاشمي جو ذڪر به

مان ٻڌترِ پئجي ويو هوس. عجيب اتفاق آهي، 1962 ۾ ڪونج رسالي طرفان بمبئي ۾ هند سنڌ ڪهاڻي چٽا ڀيٽي ٿي هئي. ان چٽا ڀيٽيءَ ۾ منهنجي ڪنهن ڪهاڻيءَ کي پهريون انعام مليو هو. ملڪ ۾ ايوبي آمريت جو دور ۽ زور هو. ان وقت سوال اٿيو هو ته ناسازگار حالتن ۾ هندستان مان ملندڙ انعام قبول ڪرڻ گهرجي، يا قبول نه ڪرڻ گهرجي؟ پهرين ڀيري ۽ ٻئي ڀيري جڏهن پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان انعام آچيو ويو هو، تڏهن به ملڪ ۾ مارشل لا لڳل هئي! صوفي ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکڻ ڪري پهرين دفعي جڏهن شاهه لطيف ايوارڊ مليو هو (سن 2000) تڏهن به ملڪ ۾ مارشل لا هئي. ٻئي دفعي سن 2007 ۾ جڏهن ٽن ٻولين انگريزي، سنڌي ۽ اردوءَ ۾ صوفي مت جو پرچار ڪرڻ سبب شاهه لطيف ايڪسيلنس ايوارڊ ڏنو هئائون، تڏهن به ملڪ ۾ مارشل لا جو بدترين دور هو. اڪل پارت سنڌي ساهت سڀا، هندستان طرفان مون کي نيشنل ايوارڊ ڏنو هئائون، تڏهن به ملڪ ۾ مارشل لا هئي، ۽ سن هو 2006. ساڳي طرح پاڪستان ٽيليويز اسلام آباد سينٽر طرفان ڏهن سالن، 1991 کان 2000 جو آئوٽ اسٽينڊنگ/ بيسٽ پلي رائيٽر (ڊرامه نويس) جو جڏهن ايوارڊ ڏنو هئائون، تڏهن به آمريت جو دور هو.

روزِ اول کان مون ڏکين ۽ ڏنگين حالتن ۾ لکيو آهي. سوکيون ۽ سوليون حالتون ملن ها ته مان شايد لکي نه سگهان ها. گهٽ، ٻوسٽ ۽ تعزيرات جي ورن وڪڙن ۾ مان پنهنجي وجود ۾ وڏيڪ سگهه محسوس ڪندو آهيان. جبر جي جبل سان متو ٽڪرائڻ مونکي وڻندو آهي. مونکي اهڙي زندگي قبول ڪونهي جنهن ۾ چيلينجز ۽ آزمائشون نه هجن. گل ويڇايل راهن تي هلڻ بدران مونکي ڪنڊن ۽ ڀڳل شيشا ويڇايل راهن تي پيرين اُگهاڙو راهي ٿيڻ وڻندو آهي. جيڏانهن پورب پنڌ، تيڏانهن آئون نه وڃڻو هيءُ هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾. نارمل، عام رواجي حالتن ۾ مان ڪومائجي ويندو آهيان. ايبنارمل، غير معمولي حالتن ۾ مان تڙي پوندو آهيان. ڏکَ مونکي اڏول، ۽ سُکَ ماري وجهندا آهن.

سراج (1972)، منهنجو مهربان، دوست، سونهوءَ ساٿي جنهن هلال پاڪستان اخبار ۾ منهنجي لاءِ در، دريون ۽ روشندان کولي ڇڏيا هئا. سراج جو ذڪر مان "جيجل منهنجي ماءُ" ڪتاب ۾ آيل آتم ڪٿا جي قسط ۾ تفصيل سان ڪري چڪو آهيان. منهنجي لکڻ جي ڳالهه اچي ۽ اُن ۾ سراج جي احسانن جو ذڪر نه اچي، اها ڳالهه امڪان کان ٻاهر آهي. ڪالمن ۾ مونکي ڇوٽ ڇڏيندي سراج کي ان ڳالهه جي قطعي پرواه نه هوندي هئي ته پاڻ پارٽي پيپر جو ايڊيٽر هو، ۽ سڌو سنئون ذوالفقار علي ڀٽي آڏو جوابده هو.

طارق اشرف (1962) سهڻي رسالي جو ايڊيٽر، سون جهڙو سچو، زود رنج، بي انتها حساس ۽ هيڪلو. غلام نبي مغل ۽ فيروز ميمڻ ڪانسواءِ مون ٻئي ڪنهن

شخص کي سنڌس دوستيءَ جي دائري ۾ نه ڏٺو. هن منهنجيون اهڙيون اهڙيون متنازع ڪهاڻيون سهڻيءَ ۾ شايع ڪيون جن جي تصور کان چڱن چوکن ايڊيٽرن جا جيڪر ڍڍر ڍرا ٿي پون.

ڪجهه ٻيا دوست جيڪي ادب جي حوالي سان نه سهي، پر منهنجين ٻين قلمي مشغولين سبب منهنجي جيءَ سان جڙيل آهن. انهن ۾ شامل آهي عبدالڪريم بلوچ، جنهن منهنجو پهريون ريڊيو ڊرامو (1966)، ۽ پهريون سنڌي ٽيليويزن ڊرامو (1968)، ۽ پهريون اردو ٽيليويزن ڊرامو (1970)، ڊائريڪٽ ڪيا هئا.
شيخ حسن، فلم ڊائريڪٽر، جنهن مون کان پنهنجي فلم "نوري ڄام تماچي" لاءِ اسڪرين پلي ۽ ڊائلاگ لکرايا هئا. (1968). "نوري ڄام تماچي" منهنجي پهرين فلم هئي. ان کان پوءِ مون ست ٻيون فلمون لکيون (ڊائلاگ ۽ اسڪرين پلي) ۽ ڪَن جهلي توبهه تائب ٿيو هوس.

عابد لغاريءَ (1968) کي مان هميشه ياد رکندو آهيان. هن منهنجين ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب، "دل جي دنيا" (1969) شايع ڪيو هو.

ادب جي حوالي سان هينئر جنهن شخص سان منهنجي شناسائي ٿي آهي، سو آهي مختيار احمد ملاح. لکڻ پڙهڻ سان وابسته نوجوان آهي، محقق آهي. سنڌ جي کنڊ کڙچ مان منهنجيون گم ٿي ويل ڪهاڻيون ڳولي هٿ ڪيون اٿائين. اهو مختيار جو مون تي وڏو احسان آهي. هن مونکي ورهين جي اُٽڻ مان آجو ڪيو آهي. مان اڪثر وسوسن ۾ پئجي ويندو هوس ته ادب جي بارگاهه ۾ منهنجي اوسر ڪيئن ٿي هئي؟ مان ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذريو هوس؟ ادب جي بارگاهه جو مستقل مجاور ٿيڻ لاءِ مون ڪهڙا ڪهڙا چلا ڪاٽيا هئا؟ مان ڇا لکندو هوس؟ ڪيئن لکندو هوس؟ ڪو سبب ته آهي جو مون مسڪين مولائيءَ کي اوهان ايڏيون محبتون ڏنيون آهن! مون کي رکي رکي پنهنجين Roots، پاڙن لاءِ پُورَ پوندا هئا. اُن قسم جي ذهني ڪيفيت کي حيلا هلائي مون دل ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو. پر، دل دفينو ٿي نه سگهندي آهي. بظاهر دل ۾ دفن دوريءَ جا درد، تمنائون، محبتون ۽ اڻ ڏٺل خواب، آتش فشان وانگر دکندا رهندا آهن. ڏاڍي گهري هوندي آهي دل جي گهرائي!

ليپي پيل ڪهاڻين جا فائيل ڏسي لاشعوري طور تي مان ماضيءَ ۾ موٽي ويس.

اندرا مونکي ڏاڍي ياد آئي. بي انتها ياد آئي. منهنجو روح تاريخ جي خوني دور (48-1947) ۾ وڃي پهتو. رتن تلاءُ پرائمري اسڪول، ڪراچي، اکين آڏو اُڀري آيو- چٽو- واضح. ترانن جي گونج ٻڌڻ ۾ آئي، ٽيگور ۽ اقبال جا ترانا- پيرڊن ۽ رسيس،

۽ اسڪول بند ٿيڻ جا گهنڊ ٻڌڻ ۾ آيا! سڀ ڪجھ ڏسڻ ۾ پي آيو- سڀ ڪجھ ٻڌڻ ۾ پي آيو. زمان ۽ مڪان جي دوري بيمعنيٰ ٿي پيئي.

اندرا منهنجي ڪلاس ميٽ هئي. اسين پرائمري جا چار سال (1942-46) گڏ پڙهيا هئاسين. مان ڪيس هڪ پل لاءِ بہ وساري نہ سگهيو آهيان. هوءَ منهنجي وجود ۾، منهنجي تصور ۾ مون سان گڏ وڏي ٿيندي رهي آهي. ورهاڱي جي لاهن چاڙهن جي سزا ڀوڳيندي پوڙهي ٿي ويئي آهي. دل تي ڪنهن جي حڪومت هلي نہ سگهندي آهي. پوڻن ڏهڻن جي جهمگهٽ ۾ هوءَ هڪ پل پاڇي ڪري رکندي آهي، ۽ اُن اداس پل ۾ پنهنجي ڪاري ڪوجهي ڪلاس ميٽ کي ياد ڪندي آهي. اهو ديواني جو خواب ناهي، ۽ نہ ئي تصور جي تخيل ۾ پرواز، Wishful thinking آهي. اهو اعتبار اڻ لکيل دستور جي ناقابلِ ترميم. شِقَ آهي.

هستيءَ تي هميشہ لاءِ ڇاپ ڇڏي ويندڙ واقعا ٻال اوستا ۾ ٿيندا آهن. ان حد تائين جو ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي، تڏهن ماءُ جي ذهني ڪيفيت، سندس ڏک، سک، ڊپ ۽ مايوسيون ٻار جي دماغ ۾ لهنديون وينديون آهن. ننڍي وهيءَ ۾ ٻار جي ذهن تي ويهجي ويل ڊپ ۽ خوف جون صورتون سڄي عمر سندس پيڇو ڪنديون آهن. اسان جي سڄي سموري شخصيت اسانجي عمر جي پهرين سورهن سالن ۾ ٺهي راس ٿيندي آهي. اڳتي هلي زندگيءَ جي آزمائشن کي اسين عمر جي پهرين سورهن سالن ۾ ٺهي تيار ٿيل روين ۽ لاڙن مطابق منهن ڏيندا آهيون.

الاءِ ڪهڙي ڪهاڻيءَ ۾ لکيو هيم تہ اسين زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڀيرو ڀرپور ۽ مڪمل محبت ڪندا آهيون ۽ گردشن ۾ گمر ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اُن هڪ محبت جا عڪس ۽ پاڇولا ڏسندي باقي بچيل زندگي گذاري ڇڏيندا آهيون. سنڌو منهنجي لاءِ هر لحاظ کان اندرا جو مڪمل عڪس آهي. مان پاڻ فيصلو ڪري نہ سگهندو آهيان تہ اندرا ۽ سنڌوءَ مان ڪير ڪنهنجو پاڇو آهي ۽ ڪير ڪنهنجو عڪس آهي. ساھ ۾ سانديل هڪ صورت اسانکي انيڪ صورتن ۾ نظر ايندي آهي. جيڏانهن ڪبي آهي پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون ڏسبو آهي.

مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي "اندرا" جي عنوان سان اندرا جي باري ۾ لکي هئي، سن 1955 ۾- اڻ صدي اڳ، سترهن ارڙهن سالن جي عمر ۾. ٽيڪنڪ ڪچي آهي، ڦڪي آهي. فلمي آهي. پر موضوع جي لحاظ کان "اندرا" منهنجي ترجمان ڪهاڻي آهي. "اندرا" ڪانپوءِ اڄ تائين مان هڪ ئي موضوع مان ڦٽي نڪتل انيڪ موضوعن تي ڪهاڻيون لکي رهيو آهيان. حق، سچ ۽ محبت کان مٿاهون ڪوبہ مذهب ڪونهي. ملڪ وراهجي ويندا آهن. پر محبت ڀاڱا ڪري نہ سگهبي آهي. دل جي ڌرتيءَ

تي سرحدون ڪڙيون ڪري نہ سگھبيون آهن.

مونکي ڏک آهي، رنج ٿيو آهي، تہ ڇو مون گم ٿي ويل ڪهاڻين جي پهرين واليوم کي اوائلي ڪهاڻين جو عنوان ڏنو! مون ڇو پهرين واليوم کي ”اندرا“ جو عنوان نہ ڏنو؟ مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. مونکي ائين محسوس ٿي رهيو آهي. ڄڻ مون پنهنجي پرستش جهڙي پيار جي نفي ڪئي آهي. لڳي ٿو مون ڄڻ ناقابلِ معافي گناهہ ڪري وڌو آهي.

مان پنهنجي پبلشر پنهنجي ٻچن جهڙي محمد علي ماجد کي گذارش ٿو ڪريان تہ ڪتاب ”اوائلي ڪهاڻيون“ جو ٻيو ايڊيشن ”اندرا“ جي عنوان سان آڻي. ٻئي ايڊيشن لاءِ مان آتم ڪٿا جو نئون باب لکندس جنهن ۾ اندرا جي حوالي سان محبت، مذهب ۽ سياست بابت اندر جي اپٽار ڪندس. اِها منهنجي وصيت آهي.

جنهن جي نالي ۽ نسبت سان مون پنهنجي لکڻ جي ابتدا ڪئي هئي، تنهن جي نالي بدران ڪتاب کي ٻيو ڪو نالو ڪيئن ڏيئي ڇڏيم! اها ڪوتاهي مون کان ڪيئن ٿي ويئي؟ اها خطا مون کان ڪيئن سرزد ٿي؟ اوائلي ڪهاڻين جي عنوان سان آيل ڪتاب جو نئون ايڊيشن ”اندرا“ جي نالي سان ايندو.

مان ذهني طرح تيار نہ هوس تہ گم ٿي ويل ڪهاڻيون مان پنهنجين اکين سان وري ڪڏهن ڏسي سگهندس. شروعاتي دور جون سمجهي، مون گم ٿيل ڪهاڻين کي وساري ڇڏيو هو- ۽ ائين ڪندي مون بي ڌياني ۾ پلائي ڇڏيو تہ منهنجين ڪهاڻين جي ابتدا ”اندرا“ سان ٿي هئي. ڪهاڻي ”اندرا“ منهنجي پيڙهہ جو پٿر هو. اهوئي پٿر اڳتي هلي منهنجو قطبو ٿيندو. اندرا منهنجي ابتدا، اندرا منهنجي انتها آهي. منهنجي لاءِ ايشور ۽ الله هڪ ئي هستيءَ جا ٻہ نالا آهن.

ميڙي، چونڊي، هٿ ڪري گم ٿيل ڪهاڻين جو ضخيم مسودو مونکي ڏيئي مختيار ملاح هليو ويو. ڪهاڻين جو انبار ڏسي يقين نہ پئي آيو تہ مون ايڏي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيون هيون ۽ هند سنڌ جي رسالن ۾ مخزنن کي موڪليون هيون!

سچ ايرڻ سان منهنجي وجود ۾ اونده ٿي ويندي آهي. مان ڏينهن ڏٺي لکي پڙهي نہ سگهندو آهيان. پوءِ جيئن جيئن سج لهڻ شروع ٿيندو آهي ۽ سانجهيءَ کان پوءِ آسمان مان اونده جي چادر ڌرتيءَ تي لهڻ لڳندي آهي، منهنجي اندر ۾ اجالو ٿي پوندو آهي. ڪا جوت جلي پوندي آهي. اها ڪيفيت اُسر تائين هلندي آهي. پوءِ، پره جي پهرين ڪرڻن سان جيءَ ۾ جلندڙ جوت اُجهامڻ شروع ٿيندي آهي. اندر جو اجالو ڏينهن جي اونده ۾ غرق ٿي ويندو آهي. ائين ڇو آهي؟ مونکي ڪا خبر ڪونهي. اها ڪيفيت

مونتي ڪڏهن ڪان طاري آهي؟ ان باري ۾ بہ مونکي ڪا خبر ڪونهي. بس، مونکي فقط ايتري خبر آهي تہ جڏهن ڪرڪيٽ ڪيڏندو هوس، تڏهن ائين نہ هوس. ميچون ڪيڏڻ لاءِ صبح جو تازو توانو اٿڻ ضروري هوندو آهي، تنهن ڪري اسان رانديگرن کي سويل سمهڻ جي تربيت ڏني ويندي هئي. مان سويل سمهي پوندو هوس.

پوءِ، جڏهن ادب جي بارگاهہ جو در مون مولائيءَ لاءِ ڪليو، تڏهن آهستي آهستي سڀ ڪجھ بدلجي ويو. هستيءَ مَستيءَ جون ڪيفيتون بدلجي ويون. زندگيءَ جا رنگ روپ متجي ويا. نيم متجي ويا. سويل سمهڻ ويو وسرندو. ڏينهن بيمطلب، بيمقصد ٿي پيا. راتين جا راز ڪلندا ويا. اونده جا اسرار سمجھ ۾ ايندا رهيا. اها تبديلي اهڙي نموني، آهستي آهستي ايندي رهي، جو اندر ۾ هڪڙن شهرن جي ڊهڻ ۽ ڊٺل شهرن جي جاءِ تي نهي راس ٿيل نون شهرن جي خبر ئي نہ پيئي. مان جيڪي هوس، سو نہ رهيس. ٿيهن سالن جي جلاوطنيءَ ڪانپوءِ پوڙهو ٿي ڪراچي موٽي آيس. همعمر ۽ همعصر رانديگرن ڏاڍي سڪ ۽ پاٻوهہ مان مونکي ڳولي هٿ ڪيو، پر مون ڪين ڏاڍو مايوس ڪيو. مان ڪين اوپرو ۽ گم ٿي ويل لڳس. ان ۾ ڏوھ نہ هنن جو هو ۽ نہ منهنجو. رازن رمزن جي جهنگ ۾ ڀٽڪندي ڪرڪيٽ منهنجي لاءِ زندگيءَ جو فلسفو ٿي پيئي آهي. منهنجا همعمر ۽ همعصر ڪرڪيٽ کي اڄ تائين فقط راند سمجهندا آهن. زندگي شطرنج جي راند آهي، جنهن ۾ پيادو بادشاهہ کي ماري وجهندو آهي.

راتين جي جاڳڻ منهنجي لاءِ روزگار ۾ رنڊڪ نہ وڌي. موليٰ منهنجو داٿو پاٿي ميڊيا سان ڳنڍي ڇڏيو هو. اسٽيج، ريڊيو، فلمون، ٽيليويزن ۽ اخبارون ۽ رسالا. اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ مان انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي جو ڊائريڪٽر هوس، (1975). ۽ يونيورسٽيءَ جي ٽيچنگ اسٽاف کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پڙهائڻ جي سکيا ڏيندو هوس. صاحب ٿي ڪمري ۾ ويهڻ بدران مان هميشہ اسٽوڊيوز ۾ هوندو هوس- پاڻ پروگرام ٺاهيندو هوس، ۽ ٻين پرڊيوسرن جي ڪم جي نظرداري ڪندو هوس. مون مولائيءَ کي سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جڏهن وائيس چانسلر جي منصب تي ويهاريو هو (1989)، تڏهن بہ مان وائيس چانسلر جي آفيس بدران گهڻو ٽڙو اسٽوڊيوز ۽ ڪنٽرول رومز ۾ ڪم ڪندو هوس. اهي ڳالهيون يونيورسٽيءَ جي چانسلر، صدر پاڪستان غلام اسحاق خان جي ڪنن تائين بہ وڃي پهتيون هيون. ان حوالي سان غلام اسحاق خان ۽ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جي پاڻ ۾ آخر تائين ڇڪتاڻ هلندي رهي.

منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ راتيون جاڳي گذارڻ رنڊڪ بدران منهنجي ڪم ڪار جي نوعيت ۾ منهنجو مددگار رهيو آهي. مون هڪ درويش ڪان ٻڌو هو تہ

راتيون جاڳڻ ڪنهن ڪنهن ڪي نصيب ٿينديون آهن. درويش ويچاري جي ڳالهه جي معنيٰ مطابق مان ڏاڍو خوشنصيب آهيان. پر اصل ۾ درويش هيءَ حوالي سان اها ڳالهه ڪئي هئي ته راتيون جاڳڻ وارا خوشنصيب هوندا آهن. هن جو مقصد هو ته تهجد، نمازون، بندگيون، دعائون گهرندي ۽ گناهن کان توبهه تائب ٿيندي جيڪي ماڻهو راتيون جاڳي گذاريندا آهن، سي نصيب وارا هوندا آهن. ان لحاظ کان مان ڏاڍو بدنصيب آهيان جو منهنجين راتين ۾ نه هونديون آهن نمازون، نه هونديون آهن بندگيون! مان پڙهندي، لکندي، گيت ۽ پچن ٻڌندي راتيون گذاريندو آهيان.

منهنجا دوست ۽ دشمن مونکي ٻين ڳالهين کان علاوه انڪري به ابنارمل ۽ ٽڙيل سمجهندا آهن ڇو جو منهنجي زندگي شراب، شباب، روزي ۽ نماز کان وانجهيل رهي آهي. روزا ۽ نماز چڱا ڪم آهن، چڱن ماڻهن لاءِ. مان گناهه گار آهيان. مان انيڪ ۾ هڪ کي ڳوليندو آهيان.

گم ٿيل يا ڪتابن ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل ڪهاڻين جو ضخيم مسودو ڏسي، نه چاهڻ جي باوجود ماضيءَ ڏانهن موٽي ويس. زندگي ويڊيو ٽيپ تي رڪارڊ نه ٿيندي آهي جو Rewind، ورائي ڏسڻ ڪانپوءِ برائين، غلطين، گناهن ۽ عيبن کي ايڊٽ ڪري، زندگيءَ جي ويڊيو ٽيپ کي پوِتر ۽ پاڪ ڪري سگهجي. اهڙي گذاريل زندگي ڪهڙي ڪم جي جنهن تي داغ لڳل نه هجن!

1960 کان 1970 تائين مون لاڳيتو لکيو. ڏاڍو لکيو- اخبارن لاءِ، رسالن لاءِ، ريڊيو لاءِ، ٽيليويزن لاءِ ۽ فلمن لاءِ. انهن ڏهن سالن ۾ مون لکڻ ۾ تجربا ڪيا. اهڙيون ڪجهه ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ڪجهه ڪهاڻيون مون ورائي ورائي لکيون. "سپنن جي سچ"، "سپنا ۽ سنڪا،" ۽ "منهنجي دل موهن جو دڙو" هڪ ئي ڪهاڻيءَ جا ٽي روپ آهن. عجيب قسم جون اُتاولي عادتون آهن منهنجيون! ايڊيٽر يا پبلشر کي ڏيڻ مهل تائين پنهنجي تحرير مان مطمئن نه هوندو آهيان. تحرير ڇپجي ايندي آهي ته پڙهندو ناهيان. پڙهندو آهيان ته ڇپيل تحرير ۾ اصلاح جي ضرورت محسوس ڪندو آهيان. ان عادت مان اجو ٿي نه سگهيو آهيان. هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي، "عظيم عورت،" جو ورائي لکيل روپ، "شڪست" جي عنوان سان منهنجي ڪتاب، "جڏهن مان نه هوندس،" ۾ شايع ٿيل آهي. ساڳي طرح ڪهاڻي "سپنن جي سچ" جو ورائي لکيل روپ، "منهنجي دل موهن جو دڙو"، جي عنوان سان، پڻ ساڳي ڪتاب ۾ آيل آهي.

تحرير ڪنهن نه ڪنهن ڪيفيت جي اظهار جي صورت هوندي آهي. اسين سڀيئي لکندا آهيون ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ، ڪجهه سمجهائڻ لاءِ، پنهنجو غم ۽ غصو ظاهر

ڪرڻ لاءِ، وهمن ۽ سودائن جي اُپٽار لاءِ، خوف ۽ خوابن جي تشريح لاءِ. لکڻ هر صورت ۾ Communication آهي. ڪميونيڪيشن جيتري سولي، سڌي ۽ سادي، اوترو اوهان جي ڪيفيت ڪي موثر نموني پڙهندڙ تائين پهچائيندي. ڏکئي ڪان ڏکئي ۽ حساس کان حساس موضوع، جهڙوڪ مذهب، اعتقاد ۽ ايمان، مونجهارو پيدا ڪندڙ طريقي بدران پيرولين ڪان آجي سولي ۽ سادي نموني سمجهائي سگهبا آهن.

رهجي ويل ڪهاڻين جو مسودو پڙهندي مون محسوس ڪيو آهي ته مان نواڻ لاءِ تجربا ڪندي اظهار جي تجريدي abstract طريقي ۾ وڃي پيو آهيان. ڪهاڻيءَ کي مختصر نموني بيان ڪرڻ جو ڏانءُ به مونکي انهن ڏهن سالن، (1961 کان 1970) ۾ مليو هو. ڪجهه سالن ڪانپوءِ جڏهن سراج مونکي هلال پاڪستان ۾ لکڻ لاءِ بُک ڪيو هو، تڏهن اهو ڏانءُ منهنجي ڏاڍي ڪم آيو هو. ويندي جو ويجهڙائيءَ واري دور تائين مون انگريزي، سنڌي ۽ اردو اخبارن لاءِ ان ڏانءَ جي آڌار تي ڪالم لکيا آهن.

انهن ڏهن سالن دوران مون لکڻ ۾، اظهار جي ڏانءَ ۾ نت نوان رخ آزمايا. مان ڏاڍو خوشنصيب آهيان جو شروعاتي دور ۾ مونکي فراخ دل ايڊيٽر مليا هئا. نئين تجربي لاءِ مون تي ڪابه جهل پل نه هوندي هئي. مونکي چوٽ چڙهي ڏنو هئائون. مان ايتريقدر ته بيباڪيءَ سان لکندو هوس، جو رسول بخش پليجي منهنجي لاءِ ڳالهائيندي ڪجهه هن ريت چيو هو: جنهن ڏينهن امر جليل ذات جي شهزور گهوڙي کي لغام وجهي قابو ڪيو، تنهن ڏينهن ڪانپوءِ هو پٺ ورائي پوئتي نه ڏسندو.

اڄ سوچي رهيو آهيان ته رسول بخش پليجي جهڙو ڏاهو جيڪڏهن مونکي ڪرڪيٽ کيڏڻ واري دور ۾ ملي ها ته مان شايد تحمل Restraint سان ڪيڏي سگهان ها، ۽ گهڻي عرصي تائين کيڏي سگهان ها. بيٽنگ ڪندي ڪو فاسٽ بالر بائونسر يا اُڪو بال اڇلائيندو هو ته منهنجو جنون چريائپ جي حد پار ڪري چڙهيندو هو. جنون ۾ اچي مان سنڌس هر بال تي چوڪو يا ڇڪو هڻڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. نتيجو اهو نڪرندو هو جو چڱي چوکي بيٽنگ ڪندي، اُبتو سبتو شاٽ هڻي، آئوٽ ٿي، سڌو وڃي پويلين ۾ ويهندو هوس. ڪنهن به ڪوچ (سکيا ڏيندڙ) مونکي جنون تي غلبو حاصل ڪرڻ جي تلقين نه ڪئي هئي. ڪو به ڪوچ منهنجي لاءِ رسول بخش پليجو ثابت نه ٿيو.

1961 کان 1970 تائين مون هند سنڌ جي هر سالي لاءِ لکيو. انهن ڏهن سالن دوران 1962 ۾ ڪونج رسالي، بمبئي پاران ڪرايل هند سنڌ ڪهاڻي چٽا

پيٽيءَ ۾ منهنجي ڪهاڻي ”سوجهرو“ کي پهريون انعام مليو. روح رهاڻ رسالي، حيدرآباد پاران ”اروڙ جو مست“ کي 1964 جي بهترين ڪهاڻي قرار ڏنو ويو. انهن ۾ ميجتائن مونکي دل کولي لکڻ لاءِ اتساهه ڏنو. مونکي يقين اچڻ لڳو ته مان لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان. لکڻ کانسواءِ مان ڪوبه ٻيو ڪم ڍنگ سان ڪري نه سگهندس.

انهن ڏهن سالن دوران منهنجين ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب شايع ٿيو- ”دل جي دنيا“، جنهن کي پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۽ سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي پاران انعام مليو.

”دل جي دنيا“ سان گڏ ٻئي ڪتاب، ”جڏهن مان نه هوندس“ جو مسودو به تيار ٿي ويو هو. ”دل جي دنيا“ جو پبلشر عابد لغاري ڏاڍو نيڪ، پرهيزگار ۽ روزي نماز جو پابند هو. مون گناهه گار جو ڪتاب شايع ڪرڻ تي سندس والدين ۽ مٽ مائٽن سندس سرزنش ڪئي هئي. هن ڪتاب ”جڏهن مان نه هوندس“، شايع ڪرائڻ ۾ ڪا دلچسپي نه ڏيکاري. ”جڏهن مان نه هوندس.“ ڇپائڻ جو ڪم اشوڪ گنگواڻي هٿ ۾ ڪنيو. منهنجو ڪو نندو ڀاءُ هجي ها، ته هوبهو اشوڪ جهڙو هجي ها. مون سال ڏيڍ لاءِ اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهايو هو (1962) تڏهن اشوڪ ميٽرڪ ۾ پڙهندو هو. اڳتي هلي (1972). اشوڪ، ”هلال پاڪستان“ اخبار جو مينيجر ٿيو ۽ اخبار جي سرڪيوليشن چوٽ چاڙهي ڇڏيائين. ”دل جي دنيا“ شايع ٿيڻ جي سال- سوا سال کان پوءِ اشوڪ پنهنجي، ”موهن جو دڙو پبليڪيشنز“ پاران 1971 جي شروعات ۾ ”جڏهن مان نه هوندس.“ شايع ڪيو. ٻئي ڪتاب کي پڻ پاڪستان رائيٽرز گلڊ طرفان پذيرائي ملي.

”جڏهن مان نه هوندس“، جي عنوان بابت ڪجهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو. ”جڏهن مان نه هوندس.“ اصل ۾ لڇمڻ ڪومل جي هڪ اسٽيج ڊرامي جو عنوان هو ۽ عنوان مون کي ڏاڍو وڻيو هو. مون لڇمڻ ڪومل کان اجازت گهري ته پنهنجي هڪ ڪهاڻيءَ لاءِ ”جڏهن مان نه هوندس“ عنوان رکڻ جي اجازت ڏئي. هن اجازت ڏيئي ڇڏي. ان ڪهاڻي جي نسبت سان مون پنهنجين ڪهاڻين جي ٻئي ڪتاب کي نالو ڏنو، ”جڏهن مان نه هوندس.“

هڪ دفعو ٻيهر ورجائي ڇڏيان ته هڪ ساهيءَ ۾ ويهي آتم ڪٿا لکڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي. مان اُتاولو، اٽاٽائينڪو ۽ بنا ڪنهن ترتيب جي زندگي گذارڻ وارو شخص آهيان. مان پنهنجي لاءِ اڳواٽ ڪجهه به طئي ڪري نه سگهندو آهيان. جيڪڏهن ڪجهه طئي ڪري ويهندو آهيان ته اُهو منهنجي مٿان بوجهه ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن اهو طئي ڪري ڇڏيان ته ايندڙ هفتي حيدرآباد ويندس، ته پوءِ

سمورو هفتو منهنجي لاءِ بار ٿي پوندو آهي. بنا Planning (ترتيب) جي زندگي گذارڻ منهنجي عادت ٿي پيئي آهي. اهڙي صورت ۾ اهو فيصلو ڪري ڇڏڻ ته هن سال (2009) ڊسمبر تائين آتم ڪٿا لکي پوري ڪندس، منهنجي لاءِ ممڪن ناهي. منهنجي چئني طرف جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، تاريخ جهڙي نموني پاسا ورائي رهي آهي، تنهنکي نظرانداز ڪري فقط آتم ڪٿا لکڻ، منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هڪ هڪ واقعي، هڪ هڪ واردات ۾ مونکي ڪهاڻي نظر ايندي آهي.

آتم ڪٿا لکڻ لاءِ مون هڪ ٻي واٽ ڳولي لڌي آهي. نئون طرز آهي. نئون تجربو آهي. اها انوکي واٽ مون تڏهن ورتي هئي جڏهن (الاءِ ڪنهن!) مونکي نوابشاهه بابت ڪجهه لکڻ لاءِ چيو هو. تڏهن مون نوابشاهه جي تاريخ جاگرافي لکڻ بدران نوابشاهه ۾ گذاريل پنهنجي ٽن سالن جي عرصي دوران پيش آيل يُڌ، سوچ سمجهه ۾ آيل تبديلين ۽ باطني دنيا جي رازن ۽ رمزن تان ڪجهڙ پڙدن جو ذڪر ڪيو هو. اُها منهنجي آتم ڪٿا جي هڪ قسط هئي. ان کانپوءِ مون انيڪ مضمون لکيا آهن جيڪي اصل ۾ منهنجي آتم ڪٿا جو هڪ هڪ باب آهن. محمد علي ماجد جي ڇپايل ۽ گل حسن ڪلمتيءَ جي لکيل تحقيقي ۽ تاريخي ڪتاب "ڪراچي: سنڌ جي مارئي،" لاءِ مهاڳ ۾ مون آتم ڪٿا جو باب لکيو آهي.

آتم ڪٿا جي ڇڙوڇڙ قسطن کي نوجوان محقق مختيار احمد ملاح گڏ ڪري رهيو آهي. ملاح اهي سورهن قسطون ٻه هٿ ڪيون آهن جيڪي 1990 ڌاري عبرت مخزن ۾ شايع ٿيون هيون، ۽ اهي قسطون ظفر جوڻيجي 2007 ۾ پنهنجي ٽماهي رسالي "ويوز ائنڊ اوپنين" ۾ ٻيهر ڇاپيون هيون. اها ڳجهارت مونکي اڄ تائين سمجهه ۾ نه آئي آهي ته پنجاهه – پنجونجاهه سالن جي عمر ۾ مون آتم ڪٿا لکڻ جي تڏهن ضرورت ڇو محسوس ڪئي هئي!

آتم ڪٿا، گهڻو ڪري هڪ دور جي اختتام تي لکبي آهي. سياستدان گهڻو ڪري عمر جي آخري حصي ۾ آتم ڪٿا لکندا جڏهن هو سياست وغيره کان دستبردار ٿيندا آهن. عجيب اتفاق آهي ته بينظير ڀٽو جوانيءَ ۾ ئي پنهنجي آتم ڪٿا لکي ورتي، ڊاٽر آف دي ايسٽ، ۽ آتم ڪٿا شايع ٿيڻ کانپوءِ مختصر عرصي اندر گذاري ويئي.

ايڊمنڊ هليري، جنهن 1953 ۾ هماليه جبل جي چوٽي سر ڪئي هئي، وڏو مهمجو هيو. مهمجوئي تان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ هن نيپال ۾ جبلن تان لهڻ ۽ جبلن تي چڙهڻ جي سکيا ڏيڻ لاءِ مرڪز کوليو ۽ اتيئي رهي پيو. هن مهمجوئيءَ تان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي آتم ڪٿا لکي. سر ڊان بريڊمين کي مان ڪرڪيٽ جو پيغمبر سڏيندو آهيان. سرڊان بريڊمين 1948 ۾ ٽيسٽ ڪرڪيٽ تان رٽائر ڪرڻ کان ڪجهه عرصو

پوءِ پنهنجي آتم ڪٿا، Farewel to Cricket جي عنوان سان لکي هئي. ايڪٽر
بہ ايڪٽنگ ڇڏڻ کانپوءِ آتم ڪٿا لکندا آهن. خاص طرح سان هيرو جي رول تان رٽائر
ٿيڻ کان پوءِ- جيئن ڪلنٽ ايسٽ وڊ جي آتم ڪٿا آهي. ليکڪ کي جڏهن روانگيءَ
لاءِ در کڙڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، تڏهن هو آتم ڪٿا جي صورت ۾ دنيا آڏو
پنهنجو حساب ڪتاب ڇڏي وڃڻ جي تياري ڪندو آهي.

ويهہ – ٻاويهہ سال اڳ مون آتم ڪٿا لکڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي
هئي؟ تڏهن پنجاهہ- پنجونجاهہ سالن جو هوس. ڏندو مشٽندو هوس. ها، ائين برابر آهي
تہ مان بظاهر ڏاڍو صحتمند لڳندو هوس، پر اندران، پنهنجي وجود ۾، ذهني طرح مان
ٺيڪ نہ هوندس. ڏاڍو بيمار هوس. هن ملڪ ۽ ملڪ جي بہ مونهي معاشري ۽ ڪريل
حاڪمن کان منهنجي بيزاري انتها کي پهتل هئي. ملڪ ڇڏي، ڪنهن ڏوراهين ڏيهہ
پڄي وڃڻ جا پور پوندا هئا. آپگهات جو ارادو اعصابن تي حاوي هو. اُسهڻ جي گهڙي
گڏوگڏ هلندي هئي. شايد تنهنڪري، ويهہ – ٻاويهہ سال اڳ آتم ڪٿا لکڻ ويٺو هوس،
۽ ڪجهہ هفتن ۾ سورهن باب لکي ويو هوس. ڇا لکيو هيم، مونکي ياد ناهي!

هينئر، هن وقت، هن مهل، جڏهن مان ٽيهتر سالن جو ٿيو آهيان، منهنجي
ذهني ڪيفيت اهائي آهي جيڪا اڄ کان ويهہ – ٻاويهہ سال اڳ هئي- بلڪ، ائين چوان
تہ هن ملڪ ۽ ملڪ جي مصنوئي ۽ رياڪار حاڪمن ۽ معاشري کان منهنجي بيزاري
آسمانن کان اڳتي نڪري ويئي آهي. آپگهات جا پور پچائيندو آهيان، پر وري خيالن
جي ڄار مان نڪري ايندو آهيان. فرق فقط ايترو آهي جو هينئر اهڙي عذاب کي برداشت
ڪرڻ جي مون ۾ سگهہ پيدا ٿي پيئي آهي.

منهنجي اهڙيءَ ذهني ڪيفيت جي ڪڙڪ سي کان اڳ آمريڪا ۾ ڊاڪٽر
مظهر لاکي کي پيئي هئي. سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا SANA جي سڏ
تي 1999 ۾ آمريڪا ويو هوس. ڊاڪٽر مظهر لاکو سنا جو پريزيڊنٽ هو. فنڪشن تي
ڏينهن لاس اينجلس ۾ هليو هو. چوٿين ڏينهن ڊاڪٽر مظهر لاکو مونکي سينٽ لوئس
۾ پنهنجي گهروني وجي رهائيو هو. سندس ٻار ٻچا ٽن ڏينهن ۾ سنڌ آيل هئا. مان
ٽي ڏينهن ڊاڪٽر لاکي وٽ هوس. هن مونکي ان زماني کان پڙهڻ شروع ڪيو هو
جڏهن پاڻ ميڊيڪل جو اسٽوڊنٽ هو. چوٿين ڏينهن آمريڪا مان روانو ٿي پنجين
ڏينهن اسلام آباد پهتس. ڇهين ڏينهن ڊاڪٽر مظهر لاکي جو آمريڪا مان فون آيو. هن
فون تي اڌ ڪلاڪ مون سان ڳالهايو. سندس تفصيلي گفتگو جو حاصل مطلب هو تہ
منهنجي ذهني ڪيفيت تشويشناڪ حد تائين بگڙيل آهي، جنهن جو هڪدم علاج
ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي خبر هئي تہ ڏکهي عرصي کان منهنجي ذهني ڪيفيت ٺيڪ نہ هئي. نيورالاجسٽن ۽ سائڪياٽرسٽن منهنجو اسلام آباد ۾ ورهين تائين علاج ڪيو هو. پر ڪڙتيل تہ نڪتو هو. جيئن تہ مونکي پنهنجي ذهني ڪيفيت جي اسبابن جي خبر هئي، تنهن ڪري مان سائڪياٽرسٽن سان بحث ڪري سگهندو هوس. هڪڙي نوجوان سائڪياٽرسٽ ڪاوڙ وچان چيو هو. "جيڪڏهن هن ملڪ ۽ ملڪ جي معاشري کان بيمار ٿيڻ جي حد تائين بيزار آهين، تہ پوءِ هيءُ ملڪ ڇڏي ڇو نہ ٿو وڃين؟"

وراڻيو هيم، "بدقسمتيءَ سان هن ملڪ ۾ ڌرتيءَ جو اُهو حصو بہ آهي جنهن سان مونکي عشق آهي."

هن مونکي لاعلاج مريض سمجهي پنهنجي ڪلينڪ مان ڪڍي ڇڏيو هو. اهي ڳالهيون مون ڊاڪٽر مظهر لاکي کي ٻڌايون هيون. ڊاڪٽر لاکي صلاح مشوري کانپوءِ مونکي لنڊن ۾ پريڪٽس ڪندڙ ۽ برطانيہ جي اعليٰ ماهر نفسيات ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سومرو جي نگهداشت ۾ ڏيئي ڇڏيو. گذريل ڏهن سالن کان ڊاڪٽر مصطفيٰ سومرو جي هدايتن موجب دوائون وٺي رهيو آهيان. اڻ سڌي طرح ڊاڪٽر لاکي ۽ ڊاڪٽر مصطفيٰ سومري چئي ڇڏيو آهي تہ اهي دوائون مونکي سڄي عمر وٺڻيون آهن. ڊاڪٽر مصطفيٰ سان انٽرنيٽ تي رابطو رهندو آهي. هن بہ مونکي ان وقت پڙهيو هو، جڏهن شاگرد هوندو هو.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سومرو جي سارسنڀال هيٺ مان بيمار ٿيڻ کان اڳ واري ذهني ڪيفيت طرف موٽي ويو آهيان. بلڪ ائين چوان تہ مان پنجويهن ڇويهن ورهين واري ذهني ڪيفيت طرف هليو ويو آهيان- ڪم فهم ۽ ڪم ظرف حاڪمن کان بيحد بيزار، ۽ حالتن کان سخت چيڙاڪ ٿي پوڻ جي باوجود مان هٿتي رهندس. پنهنجي اعتراضن ۽ اختلافن جو تحريرن ۾ اظهار ڪندس. جنگ هارائڻ جي باوجود ميدان نہ ڇڏيندس. حق جي راهہ هڪ هوندي آهي. ان راهہ تان واپس نہ وربو آهي. ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻو آهي. دغا ۽ فريب کي دغا ۽ فريب سڏڻو آهي. تاريخي ڌرتي ڏونس قبول ڪرڻي ناهي. باطل آڏو پيڇي پوڻ قبول آهي، پر باطل آڏو جهڪڻ هرگز قبول ناهي. سچ ۽ محبت کان مٿاهون نہ ڪو ملڪ آهي ۽ نہ ئي ڪو مذهب آهي.

ڏهن سالن (1961 کان 1970) جون ڳالهيون آتم ڪٿا جي هڪ باب ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. اهي ڏهہ سال منهنجي زندگيءَ جا اهم ترين سال آهن. جنهن ڪتاب کي بيخياليءَ ۾ "اندرا" بدران "اوائلي ڪهاڻيون" نالو ڏنو هيم، ان ڪتاب ۾ آيل آتم ڪٿا جي باب ۾ ٻڻ مون انهن ڏهن سالن جو ذڪر ڪيو آهي. ڏاڍو طويل ذڪر آهي. ٻن قسطن ۾ پورو ٿيڻو ناهي. انهن ڏهن سالن جو ذڪر، ڪنهن نہ ڪنهن صورت

۾، ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان آتم ڪٿا جي انيڪ قسطن ۾ ايندو رهندو.

اهي ڏهه سال 1961 کان 1970، منهنجي لاءِ Formative يعني حتمي شڪل ڏيندڙ سال هئا. انهن ڏهن سالن ۾ لکيل ڪجهه ڪهاڻيون منهنجن پهرين ٻن ڪتابن، "دل جي دنيا"، ۽ "جڏهن مان نه هوندس،" ۾ آيون آهن. گذريل چاليهه سالن کان اهي ٻئي ڪتاب اوهان لاءِ بار بار شايع ٿي رهيا آهن. مونکي افسوس آهي ته اخلاقي طريقه ڪار نه هئڻ سبب ڪتابن کي نئين ايڊيشن جو ڪريڊٽ نه ٿو ڏنو وڃي. جيڪڏهن هر سال نه، ته هر ٻئي سال وري وري شايع ٿيڻ جي صورت ۾ ٻنهي ڪتابن جا ويهه ويهه ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن.

هن ڪتاب "چندرَ وسامي ويو"، ۾ پڻ اهي ڪهاڻيون آهن، جيڪو مون 1960 کان 1970 تائين لکيون، ۽ هند ۽ سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون. انهن ڪهاڻين مان جيڪي ڪهاڻيون مروج انداز ۾ لکيل هيون، مان ڪتابن ۾ شامل ڪندو ويس، ۽ تجريدي ۽ تجرباتي طرز ۾ لکيل ڪهاڻيون ڇڏيندو ويس. گذرندڙ وقت سان گڏ مان انهن آزمائشي ۽ نئين انداز ۾ لکيل ڪهاڻين کي وساريندو ويس. اهي ڪهاڻيون جيڪڏهن ڳولي، هٿ ڪري مختيار ملاح مون وٽ ڪٺي نه اچي ها، ته شايد اهي ڪهاڻيون مونکي ڪڏهن ياد نه اچن ها. مختيار ملاح جو اهو ڇوڙ ته هڪ سنجيده پڙهندڙ جو حق آهي ته هو پنهنجي پسنديده ليکڪ جون سموريون تحريرون پڙهي ۽ انهن جو اڀياس ڪري- خاص طرح سان اهي تحريرون جيڪي هن شروعاتي دور ۾ لکيون هيون، ۽ هن لاءِ پيڙهه جو پٿر ثابت ٿيون.

مختيار ملاح جي اها ڳالهه مونکي دل سان لڳي آهي. هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ مان پنهنجن محبوب ليکڪن جون شروعاتي تحريرون ڳولي ڳولي پڙهندو آهيان. برٽرينڊ رسيل جي اوائلي تحريرن جي کوج ڪندي مونکي سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ملي پيو. اها منهنجي لاءِ حيرت انگريز کوجنا هئي، ڇو جو مون برٽرينڊ رسيل کي هميشه جديد مفڪر ۽ فيلسوف جي حيثيت ۾ پڙهيو آهي ۽ بار بار پڙهيو آهي. مونکي ڏاڍو تعجب لڳو ته برٽرينڊ رسيل ڪڏهن ڪهاڻيون به لکيون هيون!

ساڳي طرح شيخ اياز جي اوائلي تحريرن جي تلاش ڪندي مونکي سندس اردو ڪهاڻين جو ڪتاب هٿ لڳو هو.

سٺ ستر سال پراڻن مخزنن جي ورق گرداني ڪندي مونکي اهو ڏسي تعجب ٿيو ته اسان جي سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪنهن سمي شاعري به ڪئي هئي. طارق اشرف 1973 ۾ "امر جليل نمبر" شايع ڪيو هو. هن هندستاني

رسالن ۾ شايع ٿيل منهنجي شاعري، نمبر ۾ ڏيئي ڇڏي هئي. اهو پڙهندڙن لاءِ وڏو انڪشاف هو ته امر جليل ڪڏهن شاعري به ڪئي هئي!

مختيار ملاح جي دليلن سان اتفاق ڪندي مون فيصلو ڪيو آهي ته، ڪچيون هجن يا ڦڪيون، مان پنهنجيون سموريون تحريرون پڙهندڙن آڏو رکندس. ڪانئن ڪجهه به نه لڪائيندس.

انهن ڏهن سالن دوران اپياس، آگاهي ۽ سکيا خاطر مان جنون جي حد تائين ڪتاب پڙهندو هوس. مان ڏسڻ چاهيندو هوس ته مختلف ملڪن ۾ ڪهڙي قسم جو ادب تخليق ٿي رهيو آهي- ۽ مان ڇا لکي رهيو آهيان. اها عادت مونکي ڪرڪيٽ طرفان ورثي ۾ ملي آهي. مان ڪشالا ڪري ڏسڻ ويندو هوس ته ٻيا وڪيٽ ڪيپر ۽ بيٽس مين ڪيئن وڪيٽ ڪيپنگ ۽ بيٽنگ ڪري رهيا آهن. مونکي تربيت مليل آهي ته سکيا جا در ڪنهن به صورت ۾ بند ٿيڻ نه گهرجن. هر عمر سکڻ جي عمر هوندي آهي. هر پَل اسان جي تجربي ۾ اضافو ڪندو آهي. هر گذرندڙ گهڙي اسان کي ڪجهه نه ڪجهه سيکاري ويندي آهي. مون پنهنجي زندگيءَ جا پنجويهه سال فاصلاتي طريقه تعليم ۾ سکيا وٺندي ۽ سکيا ڏيندي گذاريا آهن. فاصلاتي طريقه تعليم جو بنيادي قول آهي، ته سکڻ جو عمل جنم کان مرڻ تائين جاري رهندو آهي.

اپياس دوران ڪي تحريرون مونکي ڏاڍو متاثر ڪنديون هيون. مان چاهيندو هوس ته اُهي غيرملڪي تحريرون ترجمو ڪري پنهنجن پڙهندڙن کي پڙهايان. مون ڪجهه ڪهاڻيون ترجمو ڪيون هيون، پر ٽن چئن ڪهاڻين کان وڌيڪ ترجمو ڪري نه سگهيو هوس. مونکي پنهنجين طبع زاد تحريرن لاءِ ايتريقدر ته جهجهو مواد ملندو هو، جو مان ترجمن لاءِ وقت ڪڍي نه سگهندو هوس. جيڪي ٽي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون هيم سي ٽيئي ڪهاڻيون مختلف موڊ جون آهن، ۽ مون هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون آهن. اوهين آمريڪي ليکڪ وليم سيرويان جي ڪهاڻي "ٽانگ" غور سان پڙهجو- مخفي معنائن سان ڀرپور ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيون "ٻار ۽ ٻڍا"، ۽ "سائي مڪ"، اوهان کي سوچ ۾ وجهي ڇڏينديون.

"چندر وسامي ويو" ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون پڙهندي اوهان کي 1961 کان 1970 وارن سالن ۾ گذاريل منهنجي زندگيءَ جا اولڙا ۽ عڪس نظر ايندا.

1961 کان 1970 وارن ڏهن سالن جي آتم ڪٿا جي نئين قسط مان ايندڙ ڪتاب ۾ ڏيندس. ان قسط ۾ هن قسط دوران اڻپورن واقعن، حادثن، لاهن ۽ چاڙهن جو تفصيلي ذڪر ڪندس. رهجي ويل قصن کي اتلائيندس. دل جي گنبذ ۾ بند صدائن کي سڏيندس- وري ڪو پڙاڏو، وري ڪو پڙلاءُ ٻڌندس.

مان عرض ڪيان ٿو ۽ اهو عرض ورجائي ورجائي ڪندو رهندس، تہ منهنجي آتم ڪٿا ۾ تسلسل تلاش ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجو. موٽ ۾ اوهان کي مايوسي ملندي.

**امر جليل**

پهرين مارچ، 2009

B-702, Sand View Homes,
Frere Town,
Clifton-Karachi, Sindh.

E-mail: amarjaleel@cyber.net.pk
amarjaleel36@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُجالو

اڄ وري پنهنجو منحوس منهن کڻي اسان جي وچ ۾ اچي بيٺو. وڏو تنگ آهي. گهڻائي ڀيرا نالا رکايا اٿائين پنهنجا! ڪڏهن چوائي پاڻ کي ملان، ڪڏهن سڏائي ساڌو ۽ ڪڏهين روپ ڌاري پادريءَ جو. سندس اصل نالي جي سڌ اسان کي به نه هئي. تنهن ڪري اسان ڪيس سڏيندا ئي تنگ هئاسين.

هو هميشه اسان کي وڙهائڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. هينئر به ڪٿي نه ڪٿي ضرور موجود هوندو. پر اسان تنهن دوستن پوئين دفعي اهڙي ته الر ڪئي سينس. جو نه وري هن طرف جو رخ ڪيائين ۽ نه ئي ڪندو.

پلا الر به چو نه ڪيونس ها!

وڪٽر ۽ سويو پچائي ڪيندا هئس ته سڌو مون وٽ هليو ايندو هو.

چي: "پلا دنيا ۾ ڪنهنجو راڄ هئڻ گهرجي؟ تنهنجو يا تنهنجن ٻن دوستن جو؟"

ڪرڙي اک ڪري چيومانس، "نه منهنجو. نه منهنجن دوستن جو. سنسار ۾ راڄ هئڻ گهرجي ڪُل جڳ جي ڪلتار جو."

"ڪُل جڳ جو ڪلتار؟" توڪيو هئائين.

وراڻيو هيومانس، "ها. ڪل جڳ جو ڪلتار: جنهن مٽي کي مان ڏيئي مونکي فتاح ۽ منهنجن ٻن دوستن کي سويو ۽ وڪٽر بڻايو آهي."

ٺٺولي ڪندي چيو هئائين، "مٽيءَ کي مان مليو. پر نالا ته جدا جدا اٿوءَ نه."

"نالا جدا جدا آهن، پر خيال مختلف ناهن." ته پهه جواب ڏنو مانس. اسين پريم مالها جا موتي آهيون."

وٺي پڳو. مٺ محبت ۽ امن امان ڪان ٺهندو آهي. سو ڪيئن ترسي ها! پر پوئين دفعي جڏهن آيو ته ذري گهٽ اسان ۾ فساد ڪرائي ڇڏيو هئائين. اها ڳالهه ٻڌائڻ ڪان اڳ مان پنهنجو ۽ پنهنجن ٻن دوستن جو تعارف ڪرائڻ ضروري سمجهان ٿو.

منهنجو نالو فتاح آهي. سويو ۽ وڪٽر منهنجا جگري دوست آهن. مون کي پوري ريت ياد ناهي ته اسان جي دوستي ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي هئي. باقي اهو سو يقين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان چئي سگهان ٿو تہ ازل کان جڏهن هيءَ ڪائنات بہ وجود ۾ نہ آئي هئي، اسان پاڻ ۾ دوست آهيون. هڪ واقعو، جيڪو هينئر خواب ٿو معلوم ٿئيم. ڪڏهن بہ ڀلائي نہ سگهندس.

ننڍڙا هئاسين،

شام جو وقت هوا سان تيئي هڪ وڻ هيٺان ڪيڏي رهيا هئاسين. اوچتو چئني طرف اجالو ڦهلجي ويو. سانجهہ جا سايا دور ٿي ويا. اچرج مان نيڻ کڻي نهاريوسين. هڪ وڻندڙ ءِ من موهيندڙ صورت ان روشنيءَ ۾ ويڙهيل هئي.

پڇيوسينس، ”تون ڪير آهين؟“

جواب ڏنائين، ”پارو، مان پريم آهيان. منهنجو ڪم آهي دلين ۾ اُجالو ڪرڻ.“

”اسان جي دلين ۾ بہ اُجالو ڪر، پريم!“ پنهنجا پتڪڙا هٿ کڻي عرض ڪيوسين.

”مون کي پنهنجو ڪنڌؤ تہ مان توهانجي آتما کي روشن ڪندو رهندس.“ هن پيار سان وراڻيو.

”آتما ڪيئن روشن ٿيندي آهي، پريم؟“ اسان پڇيس.

”هڪ ڏينهن پاڻ ۾ پيهي پاڻ مان پرڙائيندؤ. هن جيون جا اڻڏٺل راز. حسد ءِ ڪينو، نفرت ءِ حقارت توهان کان دور ڀڄندا. اڄ ننڍڙا آهيو، سياڻي وڏا ٿيندؤ تہ آتما جي روشني بہ توهان کي پانءِ پوندي،“ اسان کي ڳرانڍڙي وڌائين ءِ اتيئي اوجهل ٿي ويو. پنهنجي لاٽ سان اسان جون دليون جرڪائي ويو. ماضيءَ جي ڪوهيڙي مان ڪر موڙي، حال ۾ هليا آيا آهيون.

اڳ بہ ماڻهن اسان جي سڪ سنگت جو مثال ڏيندا هئا ءِ اڄ بہ ڏيندا آهن. پر اسانجي دوستي هُن منحوس کي نہ آئڙي. هڪ ڏينهن مڪريل مرڪ پائي، پورڙو ٿي، منهن لٽڪائي پڇيائين، ”توهان ۾ اُتم ڪير؟“

وڪٽر چيو ”مان اتم آهيان.“

وڪٽر جي تڪڙ تي سوپي ءِ منهنجو منهن لهي ويو.

منافق پڇيس، ”ڪيئن؟“

جواب ڏنائين، ”منهنجي دل ۾ سوپي ءِ فتاح لاءِ اڪٽ روشني آهي.“

منافق جو منهن ملول ٿي ويو. سوپي ڏانهن ڏنائين. سوپي جواب ڏنس ”مان اُتم. منهنجي دل ۾ وڪٽر ءِ فتاح لاءِ پيار جي پريات آهي.“

آخري وار مون تي ڪيائين. جواب ڏنومانس، ”اتم مان آهيان. منهنجي دل ۾ سوپي ءِ وڪٽر جي پيار جو ساگر ڇوليون ٿو ماري.“

ڀڄي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن پنهنجي هار جو بدلو ونڻ آيو.

چيائين. ”توهان ۾ سچو ڪير؟“

هن دفعي وار سنڌائتو هنيائين.

اسان منجهي پياسين.

چيائين. ”يل فيصلو ڪري وٺو. مان سياڻي ايندس.“

دل ۾ سوچيم ته حقيقت ۾ سچو مان ئي آهيان. مون ڪي چڱن ڪمن لاءِ جنت جي آڇ آهي. ان ڪان اڳ جو ڪجهه چوان. وڪٽر چيو ”اسان جا پاپ يسوع مسيح پاڻ سان کڻي ويو. مان معصوم ئي مرندس.“

سوپي رڙ ڪئي. ”نه وساريو ته مان دنيا جي قديم تهذيبي ڌرم مان آهيان.“ ڪشمڪش ۾ اونڌه ٿي ويئي.

سج لهي ويو.

آسمان جي هڪ چيڙي ڪان ٻي چيڙي تائين رت هارجي ويئي. تاريڪي ڦهلجي ويئي. هڪ ٻئي ڏانهن نفرت سان ڏٺوسين. حقارت جي جوالا جاڳي اٿي. ڏڪار دلين کي ڪارو ڪري ڇڏيو.

ان وقت اونداهه ۾ اوچتوئي اوچتو اُجالو ڦهلجي ويو. پريم اسان جي سامهون اچي بيٺو. ڪيڏي نه ڪشش آهي منجهس!

پڇيائين. ”جو. اڄ توهان تي ڇايا ڇانيل آهي؟“

”ها. هڪ مسئلو اسان جي ڪلپنا ڪان دور ٿيندو ٿو وڃي.“ وراڻيوسين.

”ڪهڙو؟“

پڇيوسينس. ”ٻڌاءِ ته اسان ۾ سچو ڪير.“

پريم اپياس ۾ ماٺ ٿي ويو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ ڪنڌ کڻي چيائين. ”ان بحث ۾ باهه آهي. ان ڳالهه ۾ ڳالهوڙو آهي. ان کوجنا ۾ خون خرابو آهي.“

”ڪجهه به ٿي پوي.“ اسان وراڻيو. ”اسان کي ٻڌاءِ ته اسان ۾ سچو ڪير.“ جواب ڏنائين. ”توهان ٽيئي سچا آهيو. توهان ٽنهي کي سچ ۽ سڪ جو پرچار ڪرڻو آهي. توهان ٽنهي پاڻ سان نفرت نه. بلڪ محبت آندي آهي. توهان ٽيئي سچا آهيو.“

”اهو وري ڪيئن؟“ ڪامي چيوسين. ”سچو اسان مان هڪ هوندو.“

”پريم مالها ۾ هڪ موتي ته نه هوندو آهي!“ هن چيو ”مالها ۾ موتين جو اڪٽ سلسلو هوندو آهي. ٽٽندو ته پريم مالها به ٽٽي پوندي.“

”انهن ويچارن لاءِ اسان وٽ وقت ڪونهي.“ چيوسين. ”ٻڌاءِ اسان ۾ سچو ڪير.“

پريم اونهن خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڪنڌ کڻي چيائين. ”ان جو جواب هُن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇو." پريم ٻڙ جي وڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

ٻڙ هيٺ هڪ فقير ويٺو هو.

"هن بيمار ۽ ٻڪايل بيڪاريءَ کان!"

"ها. هن وٽ توهان جي سوال جو جواب آهي." پريم چيو.

پريم اتي ئي ترسي پيو.

بيڪاري ٻي حال پيو ڏٺو.

پڇيومانس، "ڪيئن. مان سچو آهيان نه؟ مون ڪي جنت جي آڇ آهي."

بيڪاريءَ جواب نه ڏنو.

وڪٽر چيو. "بيڪاري چئه ته مان سچو. اسان جو يسوع مسيح پاڻ سان هن جڳ جا پاپ کڻي ويو آهي."

بيڪاريءَ ٿڪل نگاهن سان آسمان ڏانهن ڏٺو.

سوپي پڇيس، "سچو ته مان آهيان نه بيڪاري؟ مان دنيا جي پراڻي ڌرم مان آهيان." بيڪاري خاموش رهيو.

"چپ ڇو آهين؟ جواب ڏي." گڏجي رڙ ڪئي سين.

اسان ڏانهن ڏسندي چيائين، "مان بکايل آهيان. مون کي ماني ڏيو."

اسان تنهي حيرت ۾ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. پريم به اچي اسانجي پر ۾ بيٺو. بيڪاريءَ پنهنجو خالي ڪشتو اڳتي ڪندي چيو. "مون کي روٽي ڏيو. مان بکايل آهيان."

ڪيس ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ڪجهه به نه هو.

اوچتو فقير جي ڪشتي ۾ ڪا شيءِ پئي. ڏٺوسين ته ڪنهن ڪشتي ۾ ماني وڌي هئي ۽ هو هينئر وڃي رهيو هو.

فقير چيو. "سڀ کان سچو آهي اُهو انسان، جنهن بکايل کي روٽي ڏني."

پريم اسان تنهي کي ڳراٺڙي پائيندي چيو. "اجالي کي پنهنجو ڪري سنسار مان بک جو ڀوت ڀڄائي ڪڍو. سچائي توهان تنهي کي مرحبا جون مالهائون پارائيندي."

پريم اسان جي دلين ۾ اُجهامندڙ وٽ کي ٻيهر جلائي هليو ويو.

اونده دور ٿي ويئي. (1964)

■

# آزاد

مان طوطو آهيان.

مالڪ، منهنجو آقا، پيار منجهان مون کي ميان مٺو سڏيندو هو.

"خوش آمديد" ۽ ياد ڪرايائين ۽ "خدا حافظ" به. پر انهن ٻن اکرن جي وچ ۾ جيڪا دنيا سمايل آهي، تنهن جي باري ۾ نه مون ٿي ڪڏهن پڇيس ۽ نه ڪڏهن پاڻ ئي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين. مان ته ان ۾ ئي خوش هيس، جو منهنجي لاءِ سون جو پڃرو ٺهرايو هئائين. چئني طرف سونهري شيخون هونديون هيون ۽ وچ ۾ لڏڻ لاءِ سونهري پينگهه! ان سونهري قيد ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جا گهڻائي قيمتي لمحا گذاري ڇڏيا. جيتوڻيڪ سامهون آقا جو باغيچو هو ۽ ان ۾ لاتعداد گل ۽ مکڙيون هر روز ٽارين کي سينگاريندا هئا، پر مون نه گل ئي پسند ڪيا، نه وري ماڪ جا چمڪندڙ موتي! مان ان گهمنڊ ۾ گرفتار هيس ته منهنجي چوگرد سون ئي سون هو. زندگيءَ جا آثار چڻ موڪلائي ويا هئا. مالڪ جڏهن به پڃري مان ٻاهر ڪڍندو هوم، ته اڏامڻ بدران پڃري جي شيخن کي چنبڙي پوندو هيس. ۽ پوءِ مون محسوس ڪيو ته منهنجو ڪنڌ وڏن ماڻهن وانگر اڪڙيل ۽ سوئر وانگر سخت ٿيندو ويو.

اها منهنجي مردهه زندگيءَ جي انتها هئي. قيد ۾ رهندي به پاڻ کي آزاد پرندن کان وڌيڪ خوش قسمت محسوس ڪرڻ لڳس. نه مون کي بهار جي آمد جو انتظار رهندو هو نه ڪڏهن خزان جي خيال کان اداس ٿيندو هيس. ها فقط هڪ دل هئي جا هڏن جي پڃري ۾ ڌڙڪي رهي هئي. اهڙي ماحول ۾ ڪڏهن به آزاديءَ کي اهميت ڪين ڏنم.

پر هڪ ڏينهن انقلاب آيو.

مالڪ مون کي پر پٽارڻ لاءِ پڃري مان ٻاهر ڪڍيو هو ۽ مان لالچي انسان وانگر سونهري شيخن کي چنبڙيو پيو هيس.

ان وقت هڪ خوبصورت پکي اڏامندو آيو ۽ منهنجي سامهون گلاب جي ٻوٽي تي ويهندي مون کان پڇيائين:

"هنن شيخن کان وحشت نٿي ٿيئي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون فخر سان ڏانهس نهاري، سونهري شيخن کي پيار منجهان چميو. مون ڏانهن نهاريندو پڇيائين:

”ڪڏهن گلاب جي گل کي به چميو اٿئي؟“

مون انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

وري پڇيائين. ”ڪڏهن بهارن ۾ آزاديءَ جا گيت به آلا پيا اٿئي؟“

مون وري به انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

گلاب جي گل تان ماڪ جو موتي پنهنجي چنهب سان چوسيندي پڇيائين،

”ڀلا ڪائنات جو حسن ڏٺو اٿئي؟“

مون وراڻيس. ”سونهري پڃري کان وڌيڪ حسين شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪهڙي هوندي.“

هن هڪدم پڇيو. ”ڪڏهن آڪاش جي بلندين تي شفق جي سرخيءَ ۾ لهندڙ سج جو رجيل سون به ڏٺو اٿئي؟ سرمئي رات جا ڪارا ڪارا پاڇا ۽ انهن جي دامن تي تاڪيل ٽمڪندڙ ستارن ۾ لازوال حسن جو جلوو پسيو اٿئي؟“

اهي ڳالهيون مون اڳ ڪڏهن به نه ٻڌيون هيون. پر سونهري پڃري سان ايترو ته انس هيم، جو حقيقت کي ٺڪرائيندي چيم:

”سڄي عمر آسمان جا تارا ڏسندي ڏسندي منهنجي اکين جي جوت به جلي ويندي.“

آزاد پرندي چيو. ”سڄي عمر هي پڃرو ۽ سندس سونهري شيخون ڏسندي ڏسندي پنهنجي دل ۾ وڌندڙ انڌيرو به ڏٺو اٿئي؟“

منهنجي دل ته احساسن جو مدفن هئي، پر تڏهن به آزاديءَ جي پرندي جي ڳالهه ٻڌي، هڪ اڻ ڄاڻ جذبو منهنجي جيءَ ۾ جاڳي اٿيو.

پڇيو مانس:

”شام کان پوءِ جا اونده ايندي، تنهنجو ڇا ٿيندو؟“

چيائين. ”نادان، رات جي اونده کانپوءِ وري صبح ايندو، سج ايرندو ۽ هيءَ دنيا ستارن جي چادر لاهي نور جو چوغو پائي منزل ڏانهن وڌندي رهندي.“

وڌيڪ ٻڌڻ منهنجي لاءِ ناممڪن هو.

پر هوا ۾ ڦڙڪايم.

جسم کي چنڊيم.

دل ۾ خواهشن جنم ورتو ته مان به آزاديءَ جا گيت ڳايان.

۽ پوءِ، هڪ ٽي ٽينگ سان سونهري پڃري کي ڇڏي ڏنم ۽ آزاد پکيءَ سان منزل ڏانهن اڏامي ويس. (1962)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڇيون ۽ وڇوڙا

هن دفعي ڳوٺ پهچنديئي مون فيصلو ڪيو ته ڪجهه به ٿي پوي، پر هڪ دفعو فريده سان ضرور ملندس. مون ريل ۾ ئي فريده سان ملڻ جا طريقا تجويز ڪري ڇڏيا هئا ۽ پڪ هيم ته هڪ نه هڪ بهانو ته ضرور ڪامياب ثابت ٿيندو. دل کي يقين هيم ته فريده به مون وانگر اسڪول جا حسين لمحا هرگز نه وساريا هوندا ۽ نه ئي ڪانئس سندس شرير ڪلاسيءَ جون حرڪتون وسريون هونديون. ڪلاس ۾ منهنجن شرارتن تي جڏهن هوءَ پنهنجا گلابي چپ موتين جهڙن ڏندن ۾ ڀيڪوڙي ٿهڪ ضبط ڪندي هئي، ته مونکي جڻ وڏيڪ احمقانه حرڪتن ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. ڪيس کلائڻ لاءِ پاڻ کي هرممڪن ڪوشش ڪري بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪندو هيس. ماستر سوال ڪندو هو تاريخ تي ۽ مان ڪيس جواب ڏيندو هيس جاگرافيءَ مان! پوءِ هوءَ کلندي هئي ۽ مان خوشيءَ سان ماستر جي لڪڻ اڳيان هٿن جون تريون کولي بيهندو هيس. هڪ دفعو جاڻي ٻجهي انگريزيءَ جي پيرڊ ۾، بينچ تي منهن رکي سمهڻ جو بهانو ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيم. ڪجهه دير ڪانپوءِ ماستر جو آواز بند ٿي ويو ۽ ڪلاسين جي ٽهڪن ۾ فريده جا ٽهڪ نمايان ٿيڻ لڳا ۽ مان اهي ٽهڪ ٻڌي من ئي من ۾ گد گد ٿيڻ لڳس. اوچتو هڪ چماٽ زوزات ڪندي ڪن تي پيم ۽ سڄو دماغ جڻ لڏي ويو. اهڙيون گهڻيون ئي حرڪتون ان زماني ۾ ڪيون هيم. ڪڏهن قميص ابتي پائي ايندو هيس ته ڪڏهن هڪ پير ۾ چمپل ته ٻئي ۾ بوٽ پائيندو هيس. يا ڪڏهن هڪ پير ۾ ڳاڙهو ته ٻئي ۾ ڪارو بوٽ پائي فريده جي اڳيان باندرن جهڙا ٽپ ڏيندو هيس. اڄ به جڏهن اهي احمقانه حرڪتون ۽ بيوقوفيءَ واريون شرارتون ياد اينديون اٿم، تڏهن ازخود پيشانيءَ تي پگهر جا قطرا شرمندگي جو مظاهرو ڪندا آهن.

فريده اوچتو ئي اوچتو ميٽرڪ ۾ اسڪول ڇڏي ڏنو هو ۽ منهنجون حرڪتون به شايد سندس تبسم سان گڏ موڪلائي ويون هيون. مون بيوقوفيون ڇڏي ڏنيون ۽ مون سان عجيب اداسي دامنگير رهڻ لڳي. وچڻ وقت هوءَ مونسان ملي به نه سگهي هئي ۽ منهنجي دل ۾ پڻ ان ارمان دم توڙي ڇڏيو ته هڪ ڏينهن ڪانئس خلوت ۾ دل جهلي پڇان ها ته. فريده زندگي جي راهن ۾ تون مونکي ڀلائي ته نه ڇڏينديئن، مونکي

وساري ته نه ڇڏينديئن! ڏس فريده، هي منهنجا ٺهڪ منهنجون شرارتون، منهنجون حرڪتون، سڀ فقط توکي خوش ڪرڻ خاطر آهن. اڄ تون وڃي رهي آهين ته فريده يقين ڪر ته منهنجا ٺهڪ به مونکان موڪلائي ويندا. هي ڪلڻ ۽ ڪلائڻ جا موقعا به موڪلائي ويندا. شرارتون ۽ حرڪتون مونکان رسي وينديون. بس هڪ تنهائي ۽ اداسي هميشه مونسان دامن گير رهندي.

ٽيو به ائين. فريده جي وڃڻ کانپوءِ منهنجي احمقانه زنده دليءَ تي ڪلر چڙهي ويو. خوشيون ويران ٿي ويون ۽ هڪ مجبور ڪندڙ سنجيدگي آهستي مون کي پنهنجي مضبوط گرفت ۾ جڪڙي ڇڏيو.

سنجيدگيءَ بيو ڪجهه ته نه ڏنم. باقي مئٽرڪ پهرين سال پاس ڪيم. اڄ مئٽرڪ پاس ڪئي ڇهه سال گذري چڪا آهن. ان عرصي ۾ هڪ دفعو به فريده کي نه ڏٺو هيم. ڪيس ڏسڻ ۽ ملڻ جي تمنا ڪتابن جي ڍڳ هيٺان دٻجي وئي. ان عرصي ۾ فقط ايتري سڌ هيم ته فريده اسان جي نيڙي شهر جي اسڪول ۾ ماستريائي هئي ۽ سندس مڙس پي. ڊبليو. ڊي ۾ ڪلارڪ هو. شاديءَ ۽ نوڪريءَ کانپوءِ هوءَ وري ڪڏهن به ڪراچي نه آئي هئي.

۽ هن دفعي نه ڄاڻان ڇو فريده کي ڏسڻ ۽ ملڻ جي تمنا آرس موڙي سجاڳ ٿي پئي ۽ منهنجي سيني ۾ ضدي ٻار وانگر ڇڙيون هڻڻ لڳي. ريل ۾ ئي طريقا ۽ بهانا ڳولهي ڪڍيا هيم ۽ ان ڏينهن گهر پهچنديئي هڪ رٿ تي عمل ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيم.

ٻئي ڏينهن صبح جو فريده کي ڏسڻ جي اشتياق ۾ نيرن به چڱي طرح ڪين ڪيم. دل صبح کان ئي ڌڙڪڻ جي رفتار ٻيڻي ڪري ڇڏي هئي ۽ رکي رکي هڪ سرد آهه خواه مخواه بيخياليءَ ۾ نڪري ٿي وئي ۽ پوءِ پنهنجو بهترين سوٽ پاتي، ڪوٽ جي ڪالر ۾ گلاب جو ڪاغذي گل لڳائي، تيار ٿي پوئين در کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هيٺ آيس. سوٽ منهنجي اعتماد کي پختو ڪري ڇڏيو. ان سوٽ سان مون ڪراچيءَ جي ڪلبن ۾ ڊانس جي دوران گهڻن ئي "سوسائٽي گرلز" کي هيسائي پنهنجي رعب ۾ آندو هو. اڪثر ڊانس ڪندي پڇنديون هيون.

"سئيٽ، تنهنجي سوٽ جو جواب سڄي ڪلب ۾ ناهي."

۽ مان آڪڙجي ڪين ڪوڙ ڳالهائيندو هيس. "ڊيئر هي سوٽ منهنجي پاءُ خاص مون لاءِ سبرائي آمريڪا مان موڪليو آهي."

"ان ڪري سمارٽ پيو لڳين." هڪ ڪلي چوندي هئي.

"ٿينڪ يو."

۽ هينئر ساڳيو سوٽ پاتي، فريده سان ملڻ وڃي رهيو هيس. پوئين در مان

ٻاهر نڪرندي سٻاجهي سامهون ملي وئي. سٻاجهي کي ڏسنديئي هڪ ڪراهت آميز جذبو ابري آيم ۽ منهنجا وڌندڙ قدم بيهي رهيا. نفرت نگاهن ۾ تري آئي، پر اخلاق مرڪڻ تي مجبور ڪيو. سٻاجهي به هيڏا ڏند ڪڍي هي هي ڪري کلڻ لڳي. سندس ناس سان ثقيل زبان ڪاڪڙي تائين لهي وئي. ڪراهت اخلاقي جذبي تي حاوي ٿي ويئي.

سٻاجهيءَ جي دل به سندس زبان وانگر ڪاري ۽ ڪٽ لڳل آهي، اول نمبر جي مڪار گلاخور، سڪن ۽ آلن کي باهه ڏيندڙ ۽ بيحد چالاڪ چغل خور آهي. سندس اهي ڪارناما سڄي شهر ۾ مشهور آهن. سيني کي سندس چالبازين جي ڄاڻ آهي، پر سڄي شهر ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو گهر هوندو جتي سندس مڪريل چالبازين جو ڄار وڇايل نه هجي! مڙس کي زال سان وڙهائڻ، سس کي ننهن سان، ماءُ کي ڌيءَ سان ۽ پيءُ کي پٽ سان وڙهائڻ ته سندس ڏائي هٿ جا ڪم آهن. مان هميشه حيران ٿيندو هيس ته ايترين دغابازين ڪانپوءِ به ماڻهو ۽ خاص ڪري گهريلو عورتون ڪيس چاهين ڇو ٿيون! هر هنڌ سندس آجيان ۽ آدرياءُ ٿيندو هو.

مونکي مرڪندو ڏسي ٻانهون ڊگهيون ڪري مونکي سيني سان لڳايائين. سندس وات جي بدبوءِ دم گهٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ ساهه منجهائي ٻاڻ کي سندس گرفت مان آجو ڪيم. کلندي چيائين. ”ابا هنن ٻانهن ۾ توکي ڪٽي لوڏيو اٿم.“

”ها. مائي.“ مون بيدليءَ سان وراڻيو.

”اڄا به تون منهنجي هٿن جو ٻار آهين.“ هن منهنجو منهن پنهنجن سخت ۽ کهرين آڱرين ۾ ڪندي چيو.

مون درجي ڇانئڻ ڇڏي ڏني. فرار ۾ بهتري ڄاتم. مون پنهنجو قدم ٻاهر مس ڪڍيو ته هن منهنجي پيرن ۾ پازيب وجهي ڇڏيا. نهايت رازداريءَ سان چيائين.

”پٽ. فريده ڏاڍو تي ياد ڪريئي.“

”سٻاجهي.“ مون حيرت مان منهن ورايو.

”ها پٽ.“ هن ناس جي دٻلي کوليندي چيو. ”ڪالهه اڄا تنهنجو پڇيو هئائين.“

”سٻاجهي“ منهنجو ساهه منجهڻ لڳو.

”ويچاري ڏاڍن ڏکن ۾ آهي. هن غمگين لهجي ۾ وراڻيو.

”سٻاجهي!“ مون درسان ٽيڪ ڏيندي چيو. ”سٻاجهي! مونکي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ سڀ ڪجهه.“

سٻاجهي پنهنجين ڇڇين اکين ۾ چمڪ پيدا ڪندي جواب ڏنو.

”توهان ڇوڪرن کي ڇا هي. ڇئن سنگتن ساٿين ۾ ويهي دل ته ٿڌي ڪندا

آهيو. پر ويچاريون نياڻيون ڇا ڪن!"

مون مجرمن وانگر ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

"سچ چوندا آهن ته وڏن شهرن جا ڇوڪرا معصوم ڇوڪرين کي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي سڄي عمر لاءِ در بدر ڪري ڇڏيندا آهن."

مون ڪيس جواب نه ڏنو ڇيائين.

"ويچاريءَ توکي خط ته گهڻائي دفعا لکيا."

"مونکي؟" مون حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي.

"ها، توکي." هن منهنجن اکين ۾ نهاريو.

"توکي ڪيئن خبر پئي." مون ڪيس ٻانهن کان وٺي جهنجهوڙيو

"خبر اٿس پٽ، ته توکي ٻچن وانگر نپايو اٿم." هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

"حال به بس مون سان اوريندي آهي." هوءَ چوندي رهي.

مون سپاجهيءَ کي منهن ورائي به نه ڏنو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. مون سوٽ بدلي سادا ڪپڙا پهريا. گلاب جو گل سپاجهيءَ جي ٻانهن ۾ مهتجي ويو هو. مان پلنگ تي ويهي رهيس. عجيب عجيب سوال ذهن ۾ اپرڻ لڳا. آخر خط ڪيڏانهن ويا؟ مونکي ته فريده جو هڪ خط به نه پهتو هو. ته پوءِ خط گم ڪيئن ٿي ويا! ۽ پوءِ اوچتو هڪ شڪ منهنجي دل ۾ جاڳيو. ضرور خطن جي گم ٿيڻ ۾ بابا جو هٿ آهي، بابا منهنجي معصوم محبت جي نڙيءَ تي لت ڏني آهي. مونکي تباهه ڪيو آهي. ها. منهنجي جذبن جو خون ڪيو آهي. منهنجن تمنائن جي توهين ڪئي آهي. منهنجا ڪن گرم ٿي ويا. ساهه تکو ٿي ويم ۽ انتقام جي چڻگن ذهن جي گوشي گوشي ۾ باهه لڳائي ڇڏي. هڪدم پيڊ کڻي بابا کي خط لکيم ته توهان فريده جا خط لڪائي اخلاقي ڏوهه ڪيو آهي. توهان مونکي تباهه ڪيو آهي. هينئر مان توهان کي اطلاع ٿو ڏيان ته مان هرگز اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر نه ويندس.

خط پوسٽ جي ڳاڙهي دٻي ۾ وجهي، مان وسامندڙ دل سان گرلس اسڪول ڏانهن هلڻ لڳس. قدمن ۾ ڄڻ وزني پازيب پئجي ويا هئا. دل کي سمجهايم. ته موٽي وڃ. هينئر فريده سان ملڻ ۾ ڇا رکيو آهي. تو سندس محبت جي توهين ڪئي آهي. خطن کي ڇهه سال گذري چڪا آهن. هينئر پراڻن زخمن کي تازو ڪرڻ سان ڇا ورندو! پر يقين سر گوشي ڪئي ته. نه وڃ، اڄ به فريده کي تنهنجو انتظار آهي. هوءَ اڄ به تنهنجي منتظر آهي. ڪيس اميد آهي ته تون هڪ ڏينهن سندس قدمن ۾ ڪنڌ جهڪائي پنهنجن غلطين جي تلافي ڪندين!!

اسڪول جي ڦاٽڪ وٽ ويٺل پٽيوالي کي پنهنجو نالو ۽ اچڻ جو مقصد لکي ڏنم. ٿوري دير ۾ پٽيوالو مونکي هيڊمسٽريس جي آفيس ۾ وٺي آيو. هيڊمسٽريس وڏي عمر جي هئي. ويهڻ لاءِ چوندي پنهنجي عينڪ مان مونکي غور سان ڏٺائين ۽ پوءِ رسمي تعارف ۾ مون کيس ٻڌايو تہ مان فريده جو سوٽ آهيان ۽ خاص کيس ملڻ لاءِ ڪراچيءَ مان آيو آهيان. هيڊمسٽريس مونکي ملاقاتي ڪمري ۾ ويهاري پاڻ آفيس موٽي وئي.

مان بيچينيءَ سان فريده جو انتظار ڪرڻ لڳس. ان انتظار ۾ اضطراب هو. ۽ منهنجو روح ان اضطراب ۾ گهٽجڻ لڳو.

قدمن جي آواز تي نگاهون در جي گلابي پردي ڏانهن نهاري وري مايوسيءَ مان جهڪي تي ويون. دل چئي رهي هيم تہ هينئر بہ فريده مونکي ڏسي مرڪندي ۽ سندس خوبصورت اکين ۾ خوشين جا لڙڪ تري ايندا!

پردي کي هلڪي جنبش آئي ۽ مان اٿي بيٺس. فريده هڪدم اندر هلي آئي ۽ ڪجهہ چوڻ بنا اولهہ واري دريءَ جو پردو ڪيري مونکي ويهڻ لاءِ چيائين. مون کيس پيرن تائين نهاريو. هوءَ هينئر مڪمل گهريلو عورت نظر اچي رهي هئي. بدن پرجي ويو هيس ۽ سندس گلابي چپ ڪومائجي ويا هئا. سندس ڪپڙا سادا هئا. هرڪ جي سٽڻ ۽ ڇيٽ جي معمولي ڍلي قميص- مٿي تي ململ جو سستو رئو ڍڪيل هيس. سندس ڪنهن بہ زاويہ کان دوشيزگي ظاهر نٿي ٿي. سندس شخصيت ۾ وقار هو.

”ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو؟“ هن بلڪل رسمي نموني ۾ پڇيو. سندس چپن تي مرڪ بہ نہ پيدا ٿي.

”ڪم!“ مان ان سرد آڌرڀاءَ لاءِ تيار نہ هيس.

”هي حسابن جو پيرڊ آهي.“ هن رڪائي سان چيو.

مون کيس ياد ڏياريو.

”مان رشيد آهيان فريده.“

”مون نالو ٻڌي سمجهيو هو تہ توهان هوندا.“ هن خشڪ لهجي ۾ ڳالهايو.”پر ڪم ڪهڙو اٿو؟“

”فريده مان....“

هن منهنجو جملو اڌ ۾ ڪپي ڇڏيو. ”مان مسز فريده عزيز آهيان.“

”پر تون منهنجي لاءِ اڄ بہ فريده آهين. ساڳي اسڪول واري فريده!“ مون وراڻيو.

هن هڪدم چيو. ”اسڪول جا ڏينهن گذري ويا مسٽر رشيد. توهان هوش جون ڳالهيون ڪيو.“ هن سخت ناگوار لهجو اختيار ڪيو. مون سوچيو. شايد فريده

مونکان ناراض آهي. خطن جا جواب نه ڏيڻ ڪري شايد هوءَ بيحد خفا آهي.

”فريده مان..... “

”مسز عزيز چئو.“ هن ساڳي لهجي ۾ ڳالهايو. ”هن اسڪول ۾ مردن کي اچڻ جي اجازت ناهي. مهرباني ڪري آهستي ڳالهايو.“

”ڇا تون ساڳي فريده ناهين؟“ مون دٻيل آواز ۾ چيو.

”هينئر مان ڇئن ٻارن جي ماءُ ٿي چڪي آهيان.“ هن بيرخيءَ سان جواب ڏنو مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

ڪجهه دير ماٺ ۾ رهي، پوءِ مون شڪسته لهجي ۾ چيو.

”تہ مسز عزيز مان معافي وٺڻ آيو آهيان.“

”ڇا جي؟“..... ساڳي بيرخيءَ سان هن ورائيو.

”خطن جا جواب نہ لکڻ جي.“ مون آهستہ چيو.

”ڇا جا خط؟“ هن حيرت مان اکيون ڦيرايون.

”تنهنجو هڪ خط بہ مون تائين پهچي نہ سگهيو فريده..... تنهنجا خط بابا مون تائين پهچڻ نہ ڏنا. ورنہ مان تنهنجي خطن جا جواب قلم کي خون ۾ ٻوڙي ڏيان ها.“

”مسٽر رشيد!“ فريده پر وقار ۽ رعب دار آواز ۾ چيو. ”توهان ڪهڙن خطن جون ڳالهيون ٿا ڪيو؟ مون توهان کي ڪڏهن بہ خط ڪين لکيو آهي ۽ نہ ئي ڪا راهه و رسم توهان سان هيم. توهان احمقانہ ڳالهيون ڪري رهيا آهيو.“

مون آسمان کي اسڪول تي ڪرندو محسوس ڪيو.

”تو ڪڏهن بہ مونکي خط نہ لکيو هو.“

”نہ. ڪڏهن بہ نہ.“

”تہ پوءِ، تہ پوءِ مون کي معاف ڪر فريده.“ منهنجو ساهه منجهي رهيو هو ۽ نڙيءَ ۾ ڪنڊا ٿي چڀيم. اکين ۾ انڌيرو ڇائڻ لڳو. مون اولهه واري دريءَ جو پردو هٽائي ڇڏيو. ڪو شخص ٻاچي وانگر دريءَ وٽان هٽي ويو. هن چيو.

”اسان سنڌي عورتن ۾ اڃا مغربي ماحول پيدا ٿي نہ سگهيو آهي.“

مان خاموش هيس، زبان تي ڄڻ فالج ڪريو هو.

”هينئر توهان وڃي سگهو ٿا.“ هن آهستي چيو.

”مونکي معاف ڪر فريده.“ مون اکيون هيٺ ڪندي چيو. ”مون غلط سمجهيو هو. مونکي معاف ڪر.“

”توهان هميشہ کان بيوقوفيون ڪرڻ جا عادي آهيو.“ فريده آخري جملو چئي. اولهه واري دريءَ جو پردو ڪيري ڇڏيو. ان طرف رستو هو. مان ڪنڌ جهڪائي. ضمير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ملامت سهندو. اسڪول کان ٻاهر نڪري رهيو هيس تہ در تي هڪ شخص مونکي غور سان گهوريو. سندس نظر ۾ نفرت هئي. منهنجي دل ۾ وسوسا جاڳڻ لڳا. مان اولهہ واري دريءَ وٽ اچي بيهي رهيس. اندران هڪ مرد ۽ فريده جي ڳالهائڻ جو آواز اچي رهيو هو.

مرد چيو.

”مونکي خبر نہ هئي تہ تون ايتري قدر ذليل بہ آهين.“

”پر منهنجي ڳالهہ بہ تہ ٻڌو.“ فريده التجا ڪئي.

”ڇا ٻڌان. تہ تنهنجو اسڪولي عاشق توسان ملڻ آيو هو.“ مرد حقارت مان رڙ ڪئي.

”مان توهانجي ٻارن جي ماءُ آهيان.“ فريده روئي پئي.

”مڪريل.“ مرد ساڳي نفرت ۽ حقارت سان ڳالهايو. ”اڄهو هينئر ويچاري مائي سٻاجهيءَ مونکي تنهنجن ڪِڌن ڪرتوتن کان آگاهہ ڪيو ۽ چڱو ٿيو جو پنهنجن اکين سان بہ ڏسي ورتم.“

منهنجن ڪنن وڌيڪ ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هر طرف سٻاجهيءَ جا هيبتناڪ پاڇا نچي رهيا هئا. ٽپي رهيا هئا. دل گهريو تہ مرد کي حقيقت کان آگاهہ ڪيان، پر مان مجبور هئس ۽ خبر هيم تہ جڏهن مرد جي عقل تي خود ساختہ غيرت جا پردا پئجي ويندا آهن، تڏهن هو فقط انتقام جي آگ ۾ سڙندو ۽ پچندو رهندو آهي. سمجهائڻ بيڪار هو.

مان ٿڪل قدمن سان موٽڻ لڳس. مون سوچيو. هينئر ڇا ٿيندو....؟ سيائي بابا کي منهنجو بي ادب خط ملندو.... ۽..... فريده جي ازدواجي ۽ پرسڪون زندگيءَ ۾ آيل طوفان کي ڪير روڪيندو..... ۽ دلين جي وٿين ۽ وڇوڙن کي ڪير پرينندو.

(1962)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سپنن جي سيج

## صبح جي ڳالھ

”عورت! عورت بيوفا، دغاباز ۽ مڪار آھي.“

آشا خاموش، اُداس، وياڪل.

”خاموش ڇو آھين؟ جواب ڏي. منھنجي سوال جو جواب ڏي آشا.“

اکين ۾ اُلڪو.

چپ ٿڙڪيس- ڦڙڪيس.

”منھنجي مجبوري بہ تہ ڏس، شامو.“

”مجبوري! ھون! مان تنھنجي لاءِ سڀ ڪجھ ڇڏي آيو آھيان. سڀ ڪجھ ٺڪرائي آيو آھيان.“

”تون مرد آھين شامو. تنھنجي لاءِ ائين ڪرڻ آسان آھي. تون سورج آھين، مان چنڊ جو داغ. ھڪ غلط قدم مونکي جيون لاءِ گرھڻ لڳائي ڇڏيندو.“ التجاء.

مان آتش.

مان باھ بره جي.

”مونسان بحث نہ ڪر آشا. منھنجي سوال جو جواب ڏي. مونوٽ وقت ڪونھي.“

”تڏي دل سان تہ سوچ.“

”منھنجي دل ۾ جوالا ٽي ٺھڪي. مان تڏي دل ڪٿان آڻيان.“

”ڪجھ تہ سوچ- ڪجھ تہ ويچار. جيڪڏھن تون ڇوڪري ھجين ھا تہ ....“

”بڪواس بند ڪر چئہ. مونسان پڇي ھلندئين يا نہ. سماج جي ديوار ڪيرائيندئين يا نہ؟“

ھوءَ چپ چاپ پاڇو.

وڃايل- ٽڪل، ۽،

اڃايل.

فضائن ۾ پٽڪو.

”مان پنهنجن هٿن سان پنهنجي پيار جي دنيا اجاڙيندس، پر پنهنجي پيار تان پنهنجي پتا ۽ ڀائرن جي عزت ٻليدان نہ ڪنديس.“ سڏڪا. دل جا زخم. دل جو ڪائو پرزا.

گهائل منهنجا گيت.

”ائين نہ چئہ آشا. چئہ تہ اڄ منهنجي پيار جي هتيا ڪئي اٿئي. چئہ تہ منهنجي پيار کي ڀالو اڇلائي هنيو اٿئي.“

”مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرشامو.“ لڙڪ.

”سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان! تون ڪليل ڪتاب آهين. آشا- بيوفا، دغاباز، ڪوڙي. تنهنجو پيار پارس ناهي، هيري جي ڪڻ آهي.“

”منهنجي پيار جو ايمان نہ ڪرشامو.“

”ايمان! تو منهنجي دل ٽوڙي ڇڏي. منهنجي پيار کي جوتي ماَن تان قربان ڪري ڇڏيئہ. منهنجي پيار کي پٿر سمجهي ٺڪرائي ڇڏيئہ. سوچيان ٿو جيڪر..... جيڪر ان پٿر مان ٻيو تاج محل ناهين ها..... پر..... نہ. تون تہ بيوفا آهين.“

## منجهند جي ڳالهہ

”عورت! عورت بيوفا، دغاباز ۽ مڪار آهي.“

دوستن جا ٿهڪ خاموش.

تجسس نگاهون.

”چو خير تہ آهي! اڄ عورتن کي ائتم بم سان اڏائيندين ڇا؟“

”هوءَ آشا هئي نہ..... آشا..... جيڪا چوندي هئي. مان تنهنجي لاءِ پنهنجي جيون جي جوت ٻہ اُجهائي ڇڏينديس، تنهن آشا منهنجي پيار جو ايمان ڪيو آهي، ڪندن.“

”ڪيئن؟“

”مونسان پچي هلڻ تي راضي نہ ٿي.“

”چو؟ توسان پيار نہ هئس ڇا؟“

”ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين ڪندن! چيائين- پتا جي عزت- ڀائرن جو مان..... هونهہ. ڪوڙي. بڪواس.“

”عورت آهي ئي بڪواس. ياد اٿئي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جي پروفيسر ڇا چيو هو؟ عورت تنهنجو ٻيو نالو بيوفائي آهي.“

”پٽس ڪنهن انجنيئر سان پرٽائڻ جي لالچ ڏني هوندس. اڄ حيلا هلائي دامن ڇڏايائين.“ شڪوہ.

منزل وڃايل.

رستا اڻاڳها ۽ اوکا.

”پلائي چڏ اهڙي بيوفا کي، دوست. وساري ڇڏ نہ تو ڪڏهن ڪنهن مڪار عورت کي چاهيو هو.“

”ائين ئي ڪندس ڪندن، ائين ئي ڪندس.“

”پر پيار جي واپار ۾ مان هميشہ فائديمند رهيو آهيان.“

”مون وانگر پنهنجي پريتما کي آزمائي ڏس ڪندن. عورت ڪڏهن بہ ڪنهن مرد سان وفا نہ ڪئي آهي.“

”پر جنهن کي مان چاهيان ٿو، شامو، سا ائين نہ ڪندي. هوءَ پيار جي ديوي، وفا جي پتلي آهي.“

”آزمائي ڏسينس ڪندن، آزمائي ڏسينس.“

”سڀ عورتون تنهنجي آشا جهڙيون ناهن.“

## شام جي ڳالهہ

”عورت! عورت بيوفا، دغاباز ۽ مڪار آهي.“

ممي اُداس اداس، خاموش،

منهنجي من جا ڦاٽ.

”عورت ڀڳوان جي ڪريل ڪلا آهي، صحرا جي رڄ- زخمن جي پيڙا آهي.“

”سچ ٿو چئين شامو.“

مان پاڳل.

مان باغي.

”سچ ٿو چوان! اهي اڪر تنهنجا آهن ممي- تون جيڪا خود عورت آهين.“

”ها، مان عورت آهيان پٽ. توکي جنم ڏنو اٿم منهنجا لال، پر ڪڏهن بہ ڪنهنجو ڪنڌ نہ جهڪايم.“

”۽ هن آشا جي ڀڇيءَ منهنجا سڀ سپنا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا- ڪوڙا واعدا ڪندي رهي.“

”آشا!“ چرڪ.

”ها آشا. جنهن لاءِ مان بغاوت ڪيان ها. توهان کي ڇڏي ڏيان ها.“

”اڄ بہ توکي آشا ياد آهي.“ عجب. غصو.

”ها. پر ڪيس وساري ڇڏيندس. توهان مونکي ڇڙواڳ سڏيندا آهيو نہ؟ ها.

مان ڇڙواڳ آهيان. آواره آهيان. ٻڌين ٿي ممي، مان آڪاش جو بادل آهيان."

"شامو. شرم نٿو اچيئي اهڙيون ڳالهيون ڪندي! گهر تي مصيبت اچي پئي آهي ۽ تون آشا جون ڳالهيون ڪري رهيو آهين."

"گهر تي بم ڪريو آهي ڇا؟"

چوٽ.

ضرب،

"گهاو.

"اسان لاءِ تہ زلزلو آهي شامو. تنهنجي پتا کي دل جو دورو پيو آهي. ڀڳوان! جڳ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين."

"آخر ٿيو ڇا هي. ٻڌائين ڇو نٿي."

"ٿيو ڇا هي؟ ڪملا تنهنجي دوست ڪندن سان ڀڄي ويئي."

"منهنجي ڀيڻ ڪندن سان ڀڄي ويئي!!"

ڪاڪ محل جي ڪرڻ جا آواز،

ڌرتيءَ ۾ ڏار،

بادلن ۾ باھ. (1966)

■

# مان شريف آهيان

مون ڪيس پهريون دفعو ”وول هائوس“ تان اُن وٺندي ڏٺو. سندس بي پناهه حسن جارجيٽ جي نفيس نقاب مان ڀڪي رهيو هو. مان دڪان ۾ گهڙي ويس ۽ سندس پاسي واري ڪائونٽر وٽ اجايو ٽيريلن جون قميصون ڏسڻ لڳس. هوءَ اُن منتخب ڪرڻ لڳي ۽ مان وقت ڪاٽڻ لاءِ دڪاندار سان بحث ڪرڻ لڳس ته ٽريلين کان نائلان جون قميصون وڌيڪ بهتر آهن. هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي ساهيڙيءَ سان ڪجهه سرگوشي ڪري مرڪي ڏنائين. بل چڪائڻ لاءِ هن پرس ڪوليو ۽ مان ڪانئن اڳ بحث ختم ڪري دڪان تان لهي آيس. مان شوڪيس وٽ سندن انتظار ڪرڻ لڳس. ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻئي دڪان کان ٻاهر آيون. هن جي نگاهه مون تي پيئي ۽ وري به پنهنجي ساهيڙيءَ سان سرگوشي ڪري اڳتي هلي ويئي. ٻئي ڄڻيون ايلفيءَ کان هر بازار ڏانهن ڦري ويون. مون وچايل چار ويڙهڻ نه چاهيو. ”لفٽ“ ڪافي هئي، ۽ هينئر ڪيبائڻ ناممڪن هو. ڪٽ پيس جي دڪان وٽ هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪل ضبط ڪندي جنرل اسٽور تي چڙهي وئي. سندس ساهيڙيءَ پڻ مون ڏانهن ڏسي ذري گهٽ ٺهڪ ڏنو. ڏپ ڏاؤ ويندو رهيو. مان پڻ اڪيون پوري دڪان ۾ گهڙي ويس. سندن پاسي واري ڪائونٽر تي اچي بيٺس. دڪاندار کان هڪ شيشي ”پانڊز“ ۽ هڪ ”ڪوليبري“ ڪولڊ ڪريم وٺي وري به حسب عادت بحث شروع ڪيم. دڪاندار کي مختلف مثال ڏيئي قائل ڪرڻ لڳس ته پانڊز جون ڪريمون ڪاليبريءَ کان بهتر آهن پر ”مرڪولائيزڊ ويڪس“ جو جواب ناهي. مان بحث کي ڊيگهه ڏيندو، ٻنهي ڇوڪرين کي ويجهو ٿيندو ويس.

ايتري ۾ ٻيا ڪجهه خريدار دڪان ۾ داخل ٿيا. سيلزمين انهن ڏانهن رجوع ٿيو ۽ مون موقع جي نزاڪت جو فائدو وٺندي، ڇوڪريءَ کي ڀرپور نگاهه سان ڏٺو. هوءَ ڪجهه دير مون ڏانهن حيرت ۾ ڏسندي رهي ۽ مرڪ سندس چپن کان موڪلائي ويئي ۽ سندس نگاهون رومال، سينٽ ۽ سندس سامهون ڪائونٽر تي رکيل سامان تي جهڪي ويون. هوءَ صورت، شڪل ۽ هر زاويه کان پڙهيل لکيل تي نظر آئي. مون دل ۾

۽ ٿي انگريزي جملا محبت جي اظهار ڪرڻ لاءِ تراشيا.

سوچيم ته چوانس: ”تنهن جي حسن مون کي گهائي وڌو آهي.“ پر جملو بلڪل پسند نه آيم. بلڪل احمقاڻو انداز هو. پوءِ سوچيم ته چوانس، ”تنهن جي حسن ڪري هيءَ روشني آهي.“

پر اهو به ڪو خاص انداز نه هو. ڀلا اهڙي نموني محبت جو اظهار ڪيئن ٿو ڪري سگهجي!

۽ پوءِ- نيٺ هڪ جملو سمجهه ۾ آيو. پڪ هيم ته هوءَ به ٻڌڻ کانپوءِ منهنجي محبت ۾ بيچين ٿي اٿندي. سوچيم ته جذباتي آواز ۽ روماني انداز ۾ کيس چوان:

”توکي ڏسڻ کانپوءِ.....يقين ڪر ته توکي ڏسڻ کانپوءِ خدا جي وجود ۾ اعتقاد ٿي پيو اٿم.“

اظهار- الفت ڪرڻ لاءِ مون خشڪ چپن تي اجا زبان مس ڦيري ته هن منهنجا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. مون کي منهنجي گهرو نالي سان مخاطب ٿي چيائين: ”مان مسز مشتاق آهيان. ڪالهه به ته توهان اسان وٽ چانهه پيتي هئي.“

ندامت ۾ منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. مشتاق منهنجو جگري دوست هو. ڪالهه چانهه پيئندي مون شرافت جو اظهار ڪرڻ لاءِ نگاهه به مٿي نه ڪئي هئي ۽ اڄ!

(1962)

■

# ضمير سنتل آهي

صبح کان رستن تي رلندي شام ٿي وئي هئي، ۽ پوءِ جڏهين پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته منهنجو جسم بيحد ٿڪجي چڪو هو. ضمير جو آواز حواسن تي حاوي ٿيڻ لڳو. مون رلڻ جي دوران هر ممڪن ڪوشش ڪري ضمير جي احتجاج ڪي خيالن تي حاوي ٿيڻ نه ڏنو هو. پر نثر هت اچي وري ضد ڪرڻ لڳو. مون رستي تي بي گهر، بکايل ٻارڙا ڏٺا. انگ اگهاڙي ممتا ڏٺم. پيٽل پدري شفقت ڏٺم ۽ هر هڪ درد ناڪ منظر تي ضمير رڙ ڪري ٿي اٿيو ته، ڏس ڏس، درد وغم جي تصوير ڏس- مفلسيءَ ۽ مجبوري جا مجسما ڏس. غربت ۽ افلاس جي جهلڪ ڏس. زندگيءَ جي حقيقت ڪي سڃاڻ...... ضمير رڙيون ڪندو رهيو پر مون ڪي سندس رهنمائي پسند نه آئي. مون ڪيس اتي ئي سمجهائي ڇڏيو ته، محترم ضمير صاحب مون ڪي توهان جي بڪواس کان نفرت آهي.

پر ڪمبخت ضمير ڪمري تي پهچندي ئي وري جاڳي اٿيو. منهنجي ذهن ۾، منهنجي خيالن ۾ ۽ منهنجي تن بدن ۾ بيچينيءَ جو احساس پيري ڇڏيائين. مون ڪانئس ڪني ڪترائڻ چاهي، پر بدبخت اڳيان ڦري اچي بيٺو.

”تون سنڌي ادب ۾ جڪ ماريندو آهين نه؟“

ضمير کهري آواز ۾ پڇيو.

”ها“ مون ندامت ۾ ڏبجندي جواب ڏنو.

”ته پوءِ پنهنجن ڪهاڻين ۾ سچائي جي پهلو ڪي ڇو نٿو اپارين؟“ ضمير پڇيو مان خاموش رهيس.

هن زهريلي لهجي ۾ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”زندگيءَ جي سطح تي رڙهندڙ روحن جون ڪهاڻيون ڇو نٿو لکين.“ هن منهنجي دل ۾ جهاتي پاتي. ”اڄ تو زندگيءَ ۽ انسان جي قدرن ڪي لاچاريءَ جي قدمن ۾ تڙپندي ڏٺو آهي. تون هميشه کان حقيقتن کان متاثر ٿيو آهين. تنهنجي دل رني به آهي. ته پوءِ تون سماج جي سڄاڳيءَ لاءِ ڇو نٿو لکين. ظلم و ستم خلاف آواز ڇو نٿو اٿارين. نادان انسانن ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن لغزشن کان آگاه چو نتو ڪرين. ڇو ڇو.....“

”ڇو جو مان ترقي پسند نہ آهيان.“ مون ضمير کي منهن تي چماٽ هڻندي چيو. ”مان ترقي پسند نہ آهيان.“

ضمير منهن لڪائي سمهي پيو.

۽ مون ان بادشاهہ جو قصو لکڻ شروع ڪيو جنهن کي ست ڏيئر هيون ۽ ڪيس هڪ پٽ جي تمنا هئي.

بادشاهہ تير ڪمان ڪٽي انب جي وڻ هيٺان اچي بيٺو.....! (1961)

■

# اُڏما

"پريو! پريو، مان اُداس آهيان."
پريوءَ مونن مان منهن ڪڍي مونڊانهن نهاريو.
"منهنجي آتما اشانت آهي، پريو!"
"ڇو؟ من وياڪل اٿئي ڇا؟"
"ها، پريو!"
"آتما جي اشانتي دور ڪرڻ لاءِ رام نام جپيندو ڪر."
"سڄي ڄمار رام نام جپيو اٿم، پريو!"
"نتيجو؟"
"نتيجو ڪجهه به نه نڪتو."
"۽ من؟"
"من مرجهايل ئي رهيو. پريو!"
پريو گهري اپياس ۾ خاموش ٿي ويو.
"پريو، توهين خاموش آهيو؟"
"ماڻ آتما جي شڪتي آهي."
"۽ منهنجي دک جي دوا؟"
"من جي مرجهايل مکڙي ٽڙي گل ٿيندءِ."
"ڪڏهن، پريو؟"
"جڏهن هن جڳ جوڳوڙهو اپياس ڪندين."
"اپياس لاءِ اکيون؟"
"ظاهر کي پلائي باطن سان من لڳاءِ."
"فائدو؟"
"من جي جوت جلي پوندءِ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ پوءِ، پريو؟“

”هن پاپي جهان ۾ سچ کي سلي سگهندين.“

”سچ مان توهان جي مراد، پريو؟“

”سچ ڪان متي ڪابہ شي ناهي.“

”۽ ڌرم ؟“

”ڌرم جو ٻيو نالو سچائي آهي.“

”۽ انسان؟“

”انسان جي منزل سچائي آهي.“

”ڀڳوان!“

”جڏهن سچائي ۽ نرملتا سان پنهنجي من مندر ۾ جيون جوت جلائيندين، تڏهن ڀڳوان پاڻ پنڌ ڪري تنهنجا درشن ڪرڻ ايندو.“

”سچ جي سڃاڻ؟“

”سچ کي ظلم ڪان نفرت آهي.....“

”۽......“

”سچ کي حسد جلائي ڇڏيندو.....“

”ٻيو؟“

”سچ فريب ۽ مڪاريءَ جي ساگر ۾ ٻڏي ويندو.“

”سچ جي پرک؟“

”پيار جي ڪسوٽي.“

”۽ پيار؟“

”پيار اتئي پوڄا.“

”پيار مان توهانجي مراد، پريو؟“

”انسانيت جي شيوا.“

”۽ انسانيت؟“

”انسانيت انسان جو ماڳ آهي.“

”ماڳ تي رسڻ جي راهہ؟“

”راهون جدا جدا آهن. پر ماڳ سين جو ساڳيو آهي.“

”مونکي دڳ لاهيو، پريو!“

”پيار سان سيني جي دل جيتي وٺ. جي دامن ۾ دغا مليئي تڏهن بہ موت ۾ دعا ڏي.“

” مان محبت جا موتي انسانيت جي قدمن ۾ نڇاور ڪندس.“

"انسان تي انسان کان نفرت ڪرڻ ڇڏي ڏي."

"پرينت کي پنهنجو ڪندس، پريو!"

"پريم جي مالا ۾ ياڻپيءَ جا موتي پوئي، سک سانت جو سنديش ڏيندو رهه."

"اها ئي منهنجي جيون جي آس رهندي، پريو!"

"اها آس اٿئي تہ پوءِ تن من جون تمنائون مٽائي ڇڏ. تنهنجي منزل تو تائين پنڌ ڪري ايندي."

۽ پوءِ پريو منهن مونن ۾ وجهي ويهي رهيو. (1962)

■

# عظيم عورت

ٻڌندڙ حيرت ۽ دلچسپيءَ سان منهنجي تقرير ٻڌي رهيا هئا. آخري جملو ادا ڪرڻ لاءِ مون پنهنجي آواز ۾ التجا ۽ لهجي ۾ گنڀيرتا پيدا ڪري. مائيڪ کي هڪ هٿ سان جهليندي چيم:

”دوستو، دنيا جو ڪوبہ مذهب نفرت نٿو سيکاري. ڪوبہ مذهب ظلم ۽ ستم جي جوالا نٿو جاڳائي. ڪوبہ مذهب خون خرابي جي اجازت نٿو ڏئي. دنيا جي سڀني مذهبن جو بنيادي اصول آهي پيار!“

ماڻهن جي اکين چمڪ پيدا ڪري ڏنو. دل جي پوري يقين ۽ قوت سان آخري جملو پورو ڪندي چيم:

”ساٿيو، توهين هندو هجو يا مسلمان، يهودي آهيو يا عيسائي، توهين سڀ انسانيت ۽ اخلاق جي مالها جا موتي آهيو. نيڪ لڇڻ توهانجي ڏور آهن. توهانجي پيار سان هيءَ مالها قائم رهندي، ۽ جي جدا ٿيندو تہ نہ مالها رهندي ۽ نہ ئي توهانجو وجود.“

سڄو هال تاڙين سان گونججي اٿيو.

سڄي ملڪ جو دورو ڪيو هوم. ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ اخلاق، مذهب ۽ انسانيت جي اهميت تي تقريرون ڪيون هيم. پر اهڙي آجيان ۽ جوش خروش ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ڪين ڏٺو هوم. سڄو هال شهر جي عالمن، پروفيسرن ۽ شاگردن سان سٿيو پيو هو.

اڃا تاڙيون وڄي رهيون هيون جو مان آڊيٽوريم جي پوئين در مان منتظمين (انتظام ڪندڙن) سان گڏ پوئين ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيس. سامهون واري ڏاڪڻ مان هجوم هيٺ لهي رهيو هو. مذهب تہ مختلف هئن، پر منزل ساڳي هئن. هڪ ئي انساني سيلاب وانگر ڏاڪڻ لهي رهيا هئا. اهڙن نظارن لاءِ سڪندو رهندو آهيان. جڏهن بہ انساني ايڪي، سڪ ۽ محبت جا منظر نظر ايندا اٿم، تڏهن انسان جي مستقبل کان مايوس ڪين ٿيندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان خاص دعوت تي ان شهر ۾ ليڪچر ڏيڻ آيو هيس. منتظمين مونکي يونيورسٽي گيسٽ هائوس ۾ رهايو هو. سڀ مونکي گيسٽ هائوس تائين ڇڏڻ آيا. مون کانئن ڪجهه ڪلاڪن جي اڪيلائي گهري ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. ساڳيءَ رات مون کي هڪ عام جلسي ۾ پڻ تقرير ڪرڻي هئي.

ڪمري جي خاموشيءَ ۾ پاڻ کي آرام ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنم. ڪنن ۾ اڃا به تاڙين جا آواز وڄي رهيا هئا. بيخبريءَ ۾ آڱريون اکين سان لڳايم. پنبڻيون آليون هيون. شايد خوشيءَ ۽ ڪاميابيءَ جا لڙڪ هئا! پر ايتري ناموس ۽ عزت هوندي به منهنجي اندر وارو انسان اداس ٿي رهيو. سندس ڪومايل چپن تي مرڪ نه موٽي. ها، جڏهن ڪيس گهائل ڪيو هئم تڏهن سندس بچڻ جي به اميد ڪانه هئي. پر پوءِ، رات ڏينهن اخلاق ۽ انسانيت جو گهرو مطالعو ڪندي سندس گهاءُ ڀري ڇڏيم. پر سندس خشڪ چپن تي مرڪ نه موٽائي سگهيس. جڏهن ڪيس چوٽ رسائي هئم، تڏهن مان هڪ ڪاليج جو معمولي ليڪچرار هئس ۽ هيئنر سندس زخم ڀرڻ لاءِ وسيع ۽ اونهو مطالعو ڪندي ملڪ جو مشهور پروفيسر ٿي ويو هئس.

ڪلاڪ کن مس آرام ڪيو هوندم، جو پٽيوالو ملڻ وارن جا ملاقاتي ڪارڊ کڻي آيو. انهن ۾ اخباري عيوضي ۽ رات جي جلسي جا منتظمين هئا. مون کين ڊرائنگ روم ۾ ترسايو. ڪرسيءَ تان اٿيس ته پٽيوالي چيو، "توهان سان ملڪ ملڻ آئي آهي." سندس منهن تي مرڪ هئي.

"ڪير ملڪ!" مون کانئس عام رواجي انداز ۾ پڇيو، "ڪا سوشل ورڪر آهي؟"

"نه سائين."

"نه پوءِ ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهائيندي هوندي." مون چمپل پيرن ۾ وجهندي چيو.

"نه، سائين نه." هن هڪدم چيو.

"خير، ڪير به هجي." مون ڪيس ٻين مردن سان هال ۾ ويهارڻ مناسب نه سمجهيو. چيومانس، "ڪيس اندر وٺي اچ ۽ ٻين مهمانن کي ترسڻ لاءِ چئه."

پٽيوالو در تائين وڃي وري موٽي آيو. ادب سان چيائين، "سائين، توهين شايد نٿا ڄاڻو ملڪ، هن شهر جي مشهور طوائف آهي."

هڪدم وراڻيم، "ڪيس عزت سان وٺي اچ."

پٽيوالو هليو ويو.

مان ٿوال سان منهن اگهي رهيو هئس جو هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي. منهنجي ڏانهس پٺ هئي. بنا ڏٺي چيومانس، "توهين ويهو، مان اڃهو حاضر ٿيس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصو تنهاين ۽ اڪيلائن جو آيو جن ۾ ڪتابن جي پناهه وٺي گهائل من جي پيڙا ڪي گهٽ ڪيم. پاپ جو پورو پورو پراشچت ته ڪري نه سگهيم، پر پنهنجي ذاتي گناهه جي بي انت گهراين مان اُڀري انسانيت ۽ اخلاق جو مجاور ٿي پيس. ناموس جي پس منظر ۾ جيڪي داغ لڪل هئا. تن کي ڪوبه ڏسي نه سگهيو.

پر شايد هوءَ ان ڳالهه جي غلاظت ۾ منهنجي ناموس جون پاڙون ڏسڻ آئي هئي.

”مان پاڻ کي ڪڏهن به معاف نه ڪندس، زبي.“ مون ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”مان ماضيءَ جا داستان دهرائڻ نه آئي آهيان، سر.“ هن ادب سان وراڻيو.

”مون توکي دوکو ڏنو آهي، زبي.“ آهستي چيم.

مان ان وقت پنجاهه سالن جي لڳ ڀڳ هئس. تعليم ۽ تحقيق جا تجربا حاصل ڪيا هئم، پر جيڪا سمجهه زبيءَ زماني جا ظلم سهي حاصل ڪئي هئي، تنهن مونکي مات ڪري ڇڏيو.

چيائين، ”توهانکي بدنام نه ڪنديس، سر.“

منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. هوءَ چوندي رهي، ”فخر سان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندي آهيان ته مان پڻ ڪڏهن توهانجي شاگرد رهي چڪي آهيان.“

زبيءَ جي لهجي ۾ بلڪل ساڳي عزت پئي لڳي، جيڪا اڄ کان پندرهن سال اڳ ڏيندي هئي. جنهن عورت کي مون دوکو ڏنو، جنهن عورت کي مون زبيءَ مان ”ملڪ“ ٺهڻ تي مجبور ڪيو، سا مونکي اخلاق جا سبق سيکاري رهي هئي.

”مان توسان شادي ڪري پنهنجن گناهن کي ڌوئي ڇڏيندس.“

”توهين اڄ جنهن علم، شهرت ۽ عزت جا مالڪ آهيو. تنهن کي پنهنجي ٻچڙي وجود سان داغدار نه ڪنديس.“ هڪدم اعتماد سان وراڻيائين.

ضمير جو تيز خنجر دل جي گهراين ۾ لهي آيو.

منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو.

هوءَ ڪيتري نه عظيم هئي!

”هڪ عرض کڻي آئي آهيان.“ هن اڪيون جهڪائيندي چيو.

مون هڪدم چيو، ”گناهه جي ڪارنهن لاهڻ لاءِ مان علم ۽ عزت تان هَٿُ کڻي ڇڏيندس.“

”وساري ڇو نٿا ڇڏيو ان گناهه کي، جنهنجو ڪوبه گواهه ڪونهي. نه زبي ۽ نه زبي جي اندر واري عورت.“ هن وراڻيو.

خاموشي ٽوڙيندي چيائين، ”هڪ عرض ڪٽي آئي آهيان.“

”چئه.“

”اسد هينئر ڇوڏهن سالن جو ٿي چڪو آهي.“ هن چيو.

”ڪير اسد؟“

”اسانجو اسد.“هن ڇت ۾ نهاريندي ڳالهايو.

مان حيرت، ۽ شرمسار نگاهن سان ان عورت ڏانهن ڏسڻ لڳس، جنهن گناهه جي نشانيءَ کي پهرين پيار جو تحفو سمجهي سيني سان سانڍي رکيو هو.

”اسد کي پنهنجي ماحول کان ڌار ڪرڻ چاهيان ٿي.“ هن درد ۾ ٻڏل آواز سان چيو ”ڪيس اسڪول ۾ داخلا به نٿي ملي.“

”ڇو؟“ مون خشڪ نڙيءَ سان چيو.

”ڇو جو هو هڪ وئشيا جو پٽ آهي.“ هن چپ پيڪوڙي چيو.

”منهنجو به ته آهي.“ مون هڪدم ورائيو.

”هرگز نه،“ هن اعتراض ڪيو. ”اهو داغ توهانجي ناموس تي لڳڻ نه ڏينديس.“

منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو.

چيائين، ”توهين ڪيس يتيم سمجهي پاڻ سان وٺي وڃو.“

اکين ۾ لڙڪ تري آيم. مان سندس پيءُ موجود هئس، دنيا کي ڪهڙي دل سان ٻڌايان ها ته هو يتيم هو؟

”اسد ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو.

”ٻاهر گاڏيءَ ۾ ويٺو آهي،“ هن چيو. ”پر واعدو ڪريو ته ڪيس حقيقت کان آگاهه نه ڪندا.“

”ڇو؟“

”ڇو جو ڪيس پيءُ جي نالي کان به نفرت آهي.“ هن ورائيو.

هڪ لمحي لاءِ اسانجون نگاهون مليون وري جهڪي ويون.

هوءَ ٻاهر ويئي ۽ اسد کي پاڻ سان وٺي آئي.

زماني جي نفرت سندس منهن مان معصوميت ڦري ورتي هئي. هوبهو مون جهڙو هو. فقط اکيون ۽ وار ماءُ جهڙا ڪڪا هئس. قدرتي پيار جاڳي اٿيو. ڪيس سيني سان لڳائي پنهنجي پر ۾ ورهايم. اکين ۾ اداسي پئي ٻکيس. ٻانهن ورائي ڪيس سيني سان لڳائيندي چيم، ”اجا پيار جو سج نه اڀريو آهي پٽ، پر يقين ڄاڻ ته صبح جو سوجهرو دور ناهي.“

منهنجو جملو هن معصوم لاءِ بي معنيٰ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبي ۽ اسد جي وچ ۾ سڀ ڳالهيون اڳ ئي طئي ٿي چڪيون هيون. زبيءَ چيو "مونکي اجازت ڏيو. اسد کي پنهنجو ڪري توهان انسانيت جو زنده مثال ڏنو آهي."

هزارين لڙڪ، لاتعداد ممتا جا موتي زبيءَ جي اکين ۾ ڪارڻ ڪڪرن وانگر تري آيا. وئشيا جي اندر مان عورت اُڀري آئي. الائي ڪيئن پنهنجا لڙڪ لڪائي ڇڏيائين! اسد کي مٿي تي پيار ڪري وڃڻ لاءِ وڌي. جڏهن در وٽ پهتي ته اسد منهنجي سيني ڪان ڌار ٿي ڊانهس ڊوڙ پاتي ۽ پوءِ ماءُ جي سيني سان لڳي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

"امان، مان هڪ ڏينهن ضرور موٽيندس."

"اسين ٻئي موٽنداسين اسد. ان ڏينهن هيءَ دنيا نئين نور سان روشن هوندي. هڪ عورت جي هنج ۾ گلن بدران خار نه پوندا."

اٿي اسد کي سيني سان ڀيڙ لڳايم ۽ زبي در جو پردو هٽائي هلي ويئي.

اسد کي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري، مان ڊرائنگ روم ۾ آيس. ڏٺم ته اخباري عيوضي اعتراض طور اڳ ئي اٿي ويا هئا. ڪين سخت اعتراض هو ته مون هڪ طوائف کي مٿن ترجيح ڏني هئي.شام جي جلسي جا ڪجهه ميمبر پڻ خفي ٿي ڏٺا. هو وقت مقرر ڪري هليا ويا.

رات جي جلسي لاءِ مون اسد کي به تيار ڪيو. دل ۾ پختو ارادو ڪيم ته ڪيس پنهنجي پر ۾ اسٽيج تي ويهاريندس. سڄي دنيا کي ٻڌائيندس، ته مذهب جي چڪيا تي معصوم جيو جلائڻ سڀ کان وڏو پاپ آهي. ڪين ٻڌائيندس ته هڪڙن جا گناهه ٻين تي مڙهڻ مهاپاپ آهي. اجا شام جو سج مس لٿو هو ته هڪ ميمبر ڊوڙندو آيو. سهڪندي سهڪندي، منهنجي سامهون هڪ اشتهاري قسم جو پيمفليٽ رکندي چيائين، "ظلم ٿي ويو آهي سائين."

مون پيمفليٽ هٿ ۾ کنيو. لکيل هو، "اخلاق ۽ انسانيت جي پروفيسر جي روم ۾ طوائف." اخباري عيوضي ڳالهه مان ڳالهوڙو ۽ رسيءَ مان نانگ ناهڻ لاءِ ڪجهه ڪلاڪن ۾ پنهنجي بيان کي باروت جو رنگ ڏيئي عوام جي آڏو کڻي آيا.

انتظامي ڪاميٽيءَ جي ميمبر چيو، "سڄو انتظام عوام درهم برهم ڪري ڇڏيو. اسٽيج کي جلائي ان تي گند جا ڍير اڇلايا اٿائون."

مون آهستي پڇيو، ڇو؟

"ڇو جو توهان هڪ وئشيا جي پٽ کي هنج ۾ کنيو آهي." هن جواب ڏنو. مون منهن ورائي اسد ڏانهن ڏٺو. هو هيسيل هيسيل وينو هو. سندس پيشاني تي قدرت جي

طرفان ڏنپي ڏنل نہ هو. ميمبر ڏڪندي ڏڪندي چيو، "سائين، هجوم هن طرف اچي رهيو آهي."

خبر هئم تہ هجوم جا حواس هميشہ باختہ هوندا آهن. خون خرابي ۾ دير نہ ڪندا آهن.

مان جنهن مهل اسد سميت بنگلي جي پوئين در کان ٻاهر نڪري رهيو هيس، تنهن مهل سامهون جوشيلن نعرن جو آواز بلند ٿيو:

"ڪٿي آهي ڊونگي؟"

"اخلاق جو قاتل ڪٿي آهي؟"

"اسان کي بيوقوف بڻائيندڙ ڪٿي آهي؟"

۽ پوءِ جڏهن اسين ريل جي ٽرڊ ڪلاس گاڏي جي ڪنڊ ۾ ويهي ان شهر کان دور وڃي رهيا هئاسين، تڏهن هر طرف رات جي هيبت ناڪ اوندهہ ڦهلجي ويئي هئي. اسد ۽ مان درين کان ٻاهر لامحدود خلائن (پولار) ۾ نهاري رهيا هئاسين.

اسد اوندهہ ۾ ممتا لاءِ نهاري رهيو هو ۽ مان پنهنجي اولاد لاءِ.

(1964)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چار ننڍڙيون ڪھاڻيون

## انعام

ھو بيحد غريب شاگرد ھو.

ڪيس ڪاليج مخزن ۾ بھترين ڪھاڻي لکڻ تي ”تالسٽاءِ جي ناولن جو سيٽ انعام ۾ مليو. اجا تاڙيون بہ مس پوريون ٿيون ھونديون، جو ھن سرگوشيءَ ۾ چيو:

”ھي ڪتاب پنجاھہ رپين ۾ وڪڻندين.“

حيرت مان ڏانھس نھاريم. مونکي خاموش ڏسي چيائين:

”سياڻي امتحان جو فارم ڀرڻو اٿم، مون وٽ پائي بہ ڪانھي.“

منھن ورائي اسٽيج ڏانھن ڏٺم، جتي خاص مھمان ٻيا انعام ورھائي رھيو ھو.

## خطرناڪ

چيائون تہ مزورن جي ساليانی ميڙ ۾ ڪجھہ ڳالھاءِ. مان جو ڪاليج جي بحثن مباحثن ۾ حصو وٺندو ھئس، تہ پھہ اچي مائيڪ اڳيان بيٺس.

وڏن وڏن ليکڪن جون رچنائون چاھہ مان پڙھيون ھئم. سندن ويچار ٻڌائيندي، جڏھن تقرير سماپت ڪرڻ تي آيس، تہ چيم:

”مونکي دولت ڪان نفرت انکري ناھي جو مان غريب آھيان، يا غريبن جو ساٿي آھيان. نفرت اٿم انھن شاھوڪارن ڪان جن اسانکي تعليم ۽ روزگار ڪان محروم رکيو آھي.“

خوب تاڙيون وڳيون.

جڏھن مائيڪ ڪان ھٽي، دور آيس، تہ ڪنھن چيو:

”اسين توکي گرفتار ڪنداسين.“

”چو؟“ ڪائڻ پڇيم.

چيائون، ”چو جو تون خطرناڪ ٿو لڳين.“

ميڙ ڪانپوءِ ٻه لوهي ڪڙا منهنجي ٻانهن ۾ وجهي پاڻ سان وٺي ويم.

## پريڪٽس

اسانجي پاڙي ۾ هڪ چسي، وڪالت جو امتحان روئي پٽي ستين سال پاس ڪيو. مڙس ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. اڇن شيشن واري عينڪ ورتائين. جيئن تيئن ڪري پٽيءَ لڳل پيٽ تي ڪجهه گولائي آندائين. نيٺ سڀ ڪيس مهاپرش سمجهڻ لڳا، پر تڏهن به مڙس جي وڪالت نه هلي.

اوچتو غريب پاڙيسرين تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪنهن ڪي ريڊيو وڄائڻ تي نوٽيس ٿي ڏنائين ته ڪنهن کي ٻارن جي روئڻ تي. پاڙي وارن جو نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيائين. سندس دوست سمجهائيندي چيس:

"يار، ائين نه ڪر."

جواب ڏنائين، "پريڪٽس ڪرڻ ڏوهه آهي ڇا؟"

## دعا

هو جڏهن غريب ۽ مفلس هو، تڏهن خدا کي ٻاڏائي چوندو هو:

"مولا، دولت ڏي ته حج ڪريان."

اوچتو سندس دوستي ڪنهن سمگلر سان ٿي، جنهن جو وڏن وڏن ڪارخانن ۾ وڏو حصو هو.

جڏهن خوب دولت ڪمائي ورتائين، تڏهن ٻاڏائڻ ڇڏي ڏنائين ۽ انهن پئسن مان پئرس هليو ويو. (1964)

# پيا بہ غم آهن

نغما ماحول کي مدهوش ڪري رهيا هئا. ۽ مان رنگين روشنين ڪان پري ناريل جي وڻ ويجهو ويٺو هيس. انهن نغمن ۾ منهنجي لاءِ ڪابہ ڪشش نہ هئي. انهن رنگين بلبن جي جهالرن ۾ منهنجي لاءِ ڪابہ دلفريبي نہ هئي، ڇو جو مان تنها هوس. ڇو جو منهنجو ڪوبہ ساٿي نہ هو! لاپرواهہ ٽهڪن ۽ مسڪراهٽن جي ماحول ۾ فقط مان ئي هيس، جنهن جي دل ۾ درد هو. جنهن جي آتما دکي هئي ۽ جنهن جي روح جي گهراين ۾ ماضيءَ جي يادن جا ناسور رچي رهيا هئا. ڪجهہ پريرو لان جي سائي ڇٻر تي ڪلب جا مرد ۽ عورتون رقص ۾ محو هئا. سندن اکين ۾ عارضي محبت جا پيغام ۽ وقتي چاهت جي چمڪ هئي. پر منهنجين پنبڻين ۾ تشنہ تمنائن ۽ دلخراش محروميءَ جا لڙڪ تري رهيا هئا. مان مجبور هيس، لاچار هيس، سوسائٽيءَ جو ميمبر هوندي بہ مان ان سوسائٽيءَ جي خوشين ۾ شريڪ ٿي نہ ٿي سگهيس ۽ مون سوچيو تہ هر فيشن ايبل سوسائٽيءَ جو فرض آهي تہ مجبور ميمبرن کي پلائي ڇڏي. اها تہ ماڊرن سوسائٽيءَ جي عادت آهي تہ قدرت ۽ دنيا وارن جي ستايلن کي فراموش ڪري ڇڏي! ۽ مون کي پڻ سيني وساري ڇڏيو هو. منهنجا ساٿي مون ڪان منهن موڙي چڪا هئا ۽ هينئر مان اڪيلو هيس، تنها هيس، مرڪ ڪان محروم ۽ ٽهڪن ڪان خالي ۽ رهجي ويو هو مون وٽ فقط دل جو درد ۽ روح جا زخم!

”مان هت ويهي سگهان ٿي؟“

منهنجن خيالن کي ڪنهن منتشر ڪري ڇڏيو ۽ مون ٽڪل نگاهون مٿي کنيون. هوءَ منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ بنا ٽيبل جي ٻئي طرف رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

”توهان جو ڪوبہ ساٿي ڪونهي؟“ هن پڇيو.

هن جو اڌ چهرو رنگين روشنيءَ ۾ بيحد حسين نظر اچي رهيو هو.

”توهان تنها آهيو؟“

هن پرس ٽيبل تي اڇلائي ڇڏيو ۽ منهن موڙي آرڪيسٽرا ڏانهن نهارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي. ڪتيل وار سندس ڪلهن تي پريشان ٿي ويا ۽ ٻئي لمحي هن جڏهن وري مون ڏانهن نهاريو ته سندس چهرو وارن جي حلقي ۾ هو ۽ وارن جي وٿين مان سندس ڪنول جهڙا سفيد ڳل موتيءَ جي مکڙين کان وڌيڪ حسين نظر آيم.

مان سندس بيپناهه حسن ڏسڻ لڳس. هن منهنجي اکين ۾ نهاريو.

"توهان اُداس آهيو؟"

مون نظرون جهڪائي ڇڏيون.

"توهان جي چهري مان دلي اضطراب ظاهر ٿي رهيو آهي."

مون ڪيس جواب نه ڏنو.

"۽ توهان جي اکين ۾....." هوءَ ٽيبل تي پنهنجيون مرمرين ٻانهون ٽيڪي اڳتي جهڪي آئي. "توهان جي اکين ۾ درد و غم جون گهٽائون آهن."

هوءَ پنهنجي شيرين آواز سان منهنجا زخم کوٽي رهي هئي..... مون کي منهنجيون مجبوريون ياد ڏياري رهي هئي، ۽ مون کي احساس ڏياري رهي هئي ته مان دنيا جو سڀ کان وڌيڪ بدنصيب انسان آهيان. هن شايد منهنجي اکين ۾ ترندڙ لڙڪ ڏسي ورتا ۽ پوءِ ڳالهين جو رخ متائڻ خاطر چيائين:

"اڄ ميمبر هالي ڊي موڊ ۾ آهن."

دل تي جبر ڪري ڪومايل چپن تي مرڪ آڻيندي پيم.

هن دلفريب ادا سان وار سنواريندي وري چيو. "۽ ٽنبولا کانپوءِ گهٽا غير ميمبر پڻ آخري رقص لاءِ ترسي پيا آهن."

مون پويان ويندڙ ويٽر کي هٿ جو اشارو ڪيو ۽ ٻن گلابي چپن چيو. "مان ڪافي پيئندس."

مون ويٽر کي ٻيهر اشارو ڪيو ۽ پوءِ جڏهن ويٽر اسان لاءِ ڪافي ۽ سينڊوچز کڻي آيو ته هن ٻئي ڪپ پاڻ ڏانهن سوري ورتا. ڪافيءَ ۾ ڪريم ملائيندي هن پنهنجو تعارف ڪرايو.

"منهنجو نالو نرگس آهي."

مون ڪيس ڏسي وري نظرون جهڪائي ڇڏيون.

"شاهده جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ لاهور کان آئي آهيان." ڪافيءَ ۾ کنڊ ملائيندي چيائين.

"سندس اسرار تي پندرهن ڏينهن اڳ هلي آئي آهيان." ۽ پوءِ جڏهن ڪپ مون ڏانهن وڌايائين نه اوچتو ساڙهيءَ جو پلو سندس ڪلهي تان ڪسڪي ويو. سندس وڌندڙ ڪپ کي هلڪو ڇلڪو آيو. سندس چپ اڌ کليل ۽ آلائي رهيا ۽ قربت جي احساس جا هزارين جذبا سندس نيڻن ۾ ايري وري متجي ويا. اسان ٻنهي جون نظرون

ساڳي لمحي ملي وري جهڪي ويون ۽ هن ڪپ منهنجي اڳيان رکي ڇڏيو. ساڙيءَ جو پلاند درست ڪندي چيائين. "هن ڪلب ۾ ايندي شايد ڏهه ڏينهن ٿيا اٿم."

مون ڪافيءَ جو ڍڪ پريو ۽ تلخي نڙيءَ ۾ ڦهلجي وئي.

"مناڻ ته ٺيڪ آهي نه."

مون اقرار ۾ ڪنڌ کي خم ڏيئي ٻيو ڍڪ پريو.

ڪجهه دير خاموشي رهي.

"شاهده به ته هن ڪلب جي ميمبر آهي." نرگس ڳالهائڻ لاءِ موضوع تلاش ڪيو. مون وري به آهستي ڪنڌ کي خم ڏنو.

"توهان ڪيس سڃاڻو ٿا."

مون وري به اقرار ۾ ڪنڌ لوڏيو. هوءَ کلي پئي ۽ سندس ٽهڪ موسيقيءَ سان هم آهنگ ٿي ويا. مون ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته ٻن سالن کان شاهده منهنجي دوست آهي.... گهڻيون ئي روماني شامون اسان گڏ گذاريون آهن. هوءَ رقص ۾ هميشه منهنجي پارٽنر رهي آهي ۽ - ۽ ايترو قريب جواچ به شاهده جي وارن ۽ جسم جي ابدي ۽ قدرتي مهڪ منهنجي ذهن ۾ سمايل آهي. پر مان اهو سڀ ڪيس ڪيئن ٿي ٻڌائي سگهيس!

هن پنهنجو رخ رنگين روشنين ڏانهن ڪري ڇڏيو. سندس بلائوز جا آئينا ترورن ۾ تجلا ڏيڻ لڳا ۽ سندس حسن وڌي ويو. ڊگهين پنبڻين جا عڪس سندس ڳلن تي بيهي رهيا ۽ مان ڪيس ڏسندو رهيس.... ڏسندو رهيس ته حسن جي تپش: مون تائين پهچي رهي هئي.... ڏسي رهيو هيس ته شباب جي گرمي مون کي جلائي رهي هئي. ڪيترو نه لطف هوان جلڻ ۾، ان سڙڻ ۾ ۽ ان پچرڻ ۾، جنهن ۾ ڪجهه دير لاءِ مون پنهنجو غم به پلائي ڇڏيو.

"توهان نه ڳالهائڻ جو قسم کنيو آهي ڇا؟" هن اوچتو سوال ڪيو. مون غم جي پرده داري ڪرڻ لاءِ هلڪو ٽهڪ ڏنو. ٽهڪ، جنهن ۾ سڏڪا سُتل هئا. ۽ پوءِ ضبط جي باوجود منهنجون اکيون آليون ٿي پيون. هوءَ منهنجي ويجهو هلي آئي.

"توهان روئي رهيا آهيو!" هن حيرت مان پڇيو.

مون ڪوٽ جي ٻانهن سان اکيون اگهي ڇڏيون.

"توهان بيحد دکي آهيو." هن سراپا همدرد ٿي چيو. "ڪو الميه داستان اوهان سان وابسته آهي."

"مان ٽيبل تي اڳتي جهڪي آيس.

"هڪ اجنبي عورت کي پنهنجو راز ٻڌائڻ ۾ شايد توهان کي عار آهي."

مون پرنم نگاهن سان سندس نيرين اکين ۾ نهاريو. همدرديءَ جا حرف مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اندر ئي اندر تڙپائي رهيا هئا. پر مان ڪيترو نہ مجبور هيس. ڪيترو نہ لاچار هيس. ڪيترو نہ ناڪس هيس! مون وٽ ڇوڻ لاءِ گهٽوئي ڪجهہ هيو. مون ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ مان قدرت جو ستايل ۽ دنيا جو ٺڪرايل آهيان. مان دلسوز مجبوريءَ جو ماريل آهيان. منهنجو ڪوبہ ساٿي ڪونهي. هن تنهائيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ منهنجو ڪوبہ دوست ڪونهي! پر مان ڪيس ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهيس.

”توهان ڪڏهن محبت ڪئي آهي؟“ هن اوچتو تڪلف جون حدون ٽپندي پڇيو.

مون ڪنڌ انڪار ۾ لوڏيو.

”ڪوڙ.“ هن هڪدم چيو. ”توهان جي شخصيت مان ناڪام محبت جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي. توهان ضرور دوکو کاڌو آهي.“

مون آڪاش ۾ سفر ڪندڙ چنڊ ڏانهن ڏٺو. چنڊ اداس هو. سندس چاندوڪي زرد هئي، سندس داغ نمايان هو ۽ ستارن جي جهرمٽ ۾ ڪوبہ سندس ساٿي نہ هو.

”محبت جي انتها جدائي آهي.“ نرگس خالي ڪوپ ساسر تي رکندي چيو.

۽ پوءِ هڪدم آخري رقص لاءِ آرڪيسٽرا جا سر بلند ٿيا. هوءَ بيٺي ۽ وار سنواريندي شڪايت آميز لهجي ۾ پڇيائين:

”رقص ۾ توهان منهنجو ساٿ نہ ڏيندا؟“

سندس آواز ۾ ڪشش هئي، دعوت هئي ۽ مانوسيت هئي. مان اٿي اچي هن جي سامهون بيٺس. مون سندس اکين ۾ نهاريو. حيا جون هزارين ليڪون سندس چهري تي اپري وري گم ٿي ويون. سندس اکين ۾ تلاش هئي، جستجو هئي ۽ هڪ ساٿيءَ جي ڳولا هئي، جنهن سان هوءَ شام جي چاءِ پي سگهي، جنهن سان وقتي الفت ڪري سگهي، جنهن سان مصنوئي محبت ڪري سگهي. ان عارضي خوشيءَ ۾ ڪجهہ دير آرام بہ آهي ۽ زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان فرار بہ! ان فريب جو نالو آهي ماڊرن سوسائٽي.

”توهان جي ٽاءِ جي ڳرہ بہ درست ڪونهي.“ هن آهستي چيو ۽ مون کيس ٻانهن کان وٺي پنهنجي قريب ڪري ڇڏيو.

”ايتري لاپرواهي توهان کي زندگيءَ کان بد دل ڪري ڇڏيندي.“

هن پنهنجو جسم منهنجي گرفت مان ڇڏائيندي وري چيو:

”۽ زندگي قدرت جو عطيو آهي. توهان کي امانت جو خيال رکڻ گهرجي.“

هال ڏانهن ويندي مون محسوس ڪيو تہ هوءَ منهنجي مسلسل خاموشيءَ کان بيزار ٿي چڪي هئي. اسان جي پهچڻ کان اڳ آخري رقص شروع ٿي چڪو هو ۽ اسان بہ جوڙن سان شامل ٿي وياسين. رقص جي دوران نرگس پڇيو:

”توهان شاهده کي ڇڳيءَ طرح سڃاڻو ٿا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کنڌ سان هائو ڪئي. درد، غم، مجبوريءَ ۽ محروميءَ جو احساس ڪجهه دير لاءِ منهنجي ذهن مان نڪري ويو.

فخر جو جذبو مايوسيءَ تي غائب پوندو ويو. ڇو جو ان رات جي سڀ کان حسين عورت منهنجي ٻانهن ۾ هئي. چنڊ منهنجي دامن ۾ هو ۽ ستارا رشڪ ڪري رهيا هئا. نرگس جي وارن ۽ جسم جي فطري مهڪ منهنجي ذهن ۾ داخل ٿي رهي هئي. مان بيحد خوش هيس. اسان سان گڏ سڄي ڪائنات به رقص ڪري رهي هئي ۽ پوءِ اوچتو نرگس جي هڪ سوال منهنجي مصنوئي خوشيءَ جو تاج محل سنگسار ڪري ڇڏيو.

”خالد به ته هن ڪلب جو ميمبر آهي!“هن منهنجي اکين ۾ ڏسندي پڇيو ”توهان ته ڪيس ضرور سڃاڻيندا هوندو.“

مون ڪنڌ سان هائو ڪئي.

مون پنبڻيون پڪوڙي لڙڪن کي لڪائي ڇڏيو.

”شاهده سندس اکين جي ڏاڍي تعريف ڪندي آهي.“ هوءَ چوندي رهي. مون مٺي زهر کي ٻڌائڻ چاهيو ته شاهده به سال خالد سان هن فرش تي رقص ڪندي رهي آهي. پر مان خاموش رهيس، مون ڪيس ڪو مايل گل جي باري ۾ ڪجهه نه ٻڌايو.

”ٻڌو اٿم ته فالج ڪانپوءِ سندس زبان بند ٿي وئي آهي.“ هن آخري نشتر هنيو.

”مون کي به ته ڏيکاريو گونگو خالد.“ سندس ڳالهائڻ ۾ طنز هو.

پهرين وقفي لاءِ ساز بند ٿي ويا. هن ڪڪ ٿي چيو. ”آخر مان ڪهڙي موضوع تي ڳالهايان. توهان منهنجي ڪنهن ڳالهه جو به ته جواب نٿا ڏيو.“

وري به اکيون آليون ٿي پيم.

۽ پوءِ بالڪوني ڏانهن ويندي ڪاريڊار ۾ نرگس منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو:

”وساري ڇڏيو پنهنجو ماضي.“

۽ بالڪونيءَ ۾ منهنجي ڪلهي تي پنهنجو منهن رکندي چيائين:

”مان توهان جي ناڪام محبت جي تلافي ڪنديس.“

ڪجهه دير هوءَ ائين ويٺي رهي.

”هلو خالد.“ پريان سڃاتل آواز گونجيو ۽ منهن ورائڻ کان اڳ امجد مون کي پنهنجن مضبوط ٻانهن ۾ ڪٺي ورتو. ”تو ڏاڍو ستايو آهي ظالم.“ هو چوندو رهيو. ”ايترا ڏينهن ڇو لڳايئه اچڻ ۾، هت سڀ تنهنجي نگاهن لاءِ بيچين آهن.“

۽ پوءِ جڏهن امجد مون کي پنهنجي گرفت مان آزاد ڪيو ته مون هڪدم منهن ورائي نرگس ڏانهن ڏٺو. پر هوءَ وڃي چڪي هئي. (1963)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ خط، هڪ افسانو

پياءُ،

ڪجھ ڏينهن ٿيندا جو شادي ڪئي اٿم. ڏک هوندءِ تہ توکي نہ گھرايم. دل ۾ نہ ڪجانءِ، ڪنهن کي بہ دعوت نہ موڪلي هيم. دعوت! ڪھڙو نہ عجيب لفظ آهي. دعوت تہ انهن جي شاديءَ جي ڏني ويندي آهي جن جي زندگين جا فيصلا ٻيا ڪندا آهن. جن جا رفيق ٻيا تلاش ڪندا آهن. جن جا ساٿي ٻيا منتخب ڪندا آهن. ڪھڙو نہ ڪک ڪنڊڙ هوندو زندگيءَ جو سفر، جنهن ۾ ساٿي ۽ سجاتل ۽ منزل نامعلوم هوندي!

زندگيءَ جي ڪٺن راهن لاءِ پنهنجو ساٿي پاڻ چونڊيم. ڪيس سڃاتيم، جاتم ۽ سمجھيم ۽ هينئر ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو جز بڻائي جيون سفر شروع ڪيو اٿم. پنهنجي زندگيءَ جي اهم فيصلي جي اجازت ٻين تي نہ ڇڏي هيم، شايد انڪري خانداني ڪشمڪش ۾ وڪوڙجي ويو هئس. جدوجهد جي ٻي انت لھرن مان اوچتو اُڇل ڪاڏم. پراڻين ريتن رسمن کي ٽوڙي، ڪوڙي شان شوڪت جا بند ڀڃي ۽ خانداني امارت کان منهن موڙي پنهنجي ننڍڙي دنيا آباد ڪئي اٿم. منهنجي اها تمنا رهي آهي پياءُ، تہ انسان کي اخلاق جي حدن اندر ابابيل وانگر آزاد هئڻ گھرجي.

اڄ بہ جڏهن هي خط توکي لکي رهيو آهيان، چئني طرفن کان ماحول کي جلائيندڙ مخالفت جا شعلا جيون ڪڏي آتش نمرود وانگر ڀڙڪي رهيا آهن. اها باھ مونکي جلائي نہ سگھندي. گھڻا ڏينهن نہ ٿيندا جو هڪ هنڌ لکيو هئم.

”مان آتش، مان باھ برھ جي
مان ئي آهيان لاٺو-
ڀھڻ ڀھڻ جي شڪتي مون ۾
مون سان لڙندو ڪير.“

جنهن عمل جي اجازت ضمير ڏئي، سو ڪم بي ڊپائيءَ سان ڪرڻ گھرجي. شاھ صاحب چا چيو هو. ”اندر آئينو ڪري پرين سو پسيج.“ ضمير کان وڏو منصف هن

پرٿويءَ تي پيدا نہ ٿيو آهي. سندس آواز عدل جهانگير کان اوچو نوشيروان عادل جي انصاف کان عظيم ۽ آڪاش کي ڇوهيندڙ هوندو آهي تہ پوءِ انهن مخالفت جي شعلن جي ڪهڙي اهميت! انهن شعلن کان ڊپ تڏهن ڪيان ها جڏهن انهن ۾ دليل ۽ حقيقتون هجن ها. پر ان آڳ جي هنج ۾ آهي بوسيده خاندانن ۽ سڙيل ڳريل سماج جو سرد لاش! هڪ ڏينهن ضرور سرد ٿي ويندي هيءَ باهہ.

هڪ ڏينهن چيو هيومانس-

”مان تنهنجي محرومين جي رج ڪي پنهنجي لڙڪن سان آلو ڪندس. خزائن کي پنهنجي پيار جي بهارن سان سجائيندس. مان توکي اهڙو پيار ڏيندس جنهنجو مثال هن دنيا کي ملي نہ سگهندو.“

لڙڪ لاڙيندي چيو هئائين. ”مان زمين جي خاڪ آهيان.“

”زمين جي خاڪ کي حقير نہ سمجهہ ڇيلي.“ مون هڪدم وراڻيو. ”ان خاڪ مان انساني زندگيءَ لاءِ لهرائيندر فصل ۽ رنگين گل جنم وٺندا آهن.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن اسان رواجن جي جنڊ ۾ پيڙجي رهيا هئاسين. تڏهن مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن دکي اکين ۾ اميدن جي روشني ۽ ڪومايل چپن تي لازوال مرڪ ايندي ڏٺي هئي.

چيو هيومانس-

”اسان جو پنهنجو ننڍڙو گهر هوندو- اُنهن ۾ رنگين پردا نہ هوندا. جنهن ۾ برمائيڪ ۽ شيشم جو فرنيچر نہ هوندو-جتي غاليچا وچايل نہ هوندا. اتي هوندو تنهنجي ۽ منهنجي امر پيار جو سنگم!“

”اسان جو پنهنجو گهر.“هن آهستي وراڻيو.

”ها تيجي، اسان جو گهر.“ مون پنهنجي ڪائنات سندس قدمن ۾ وڇائيندي چيو- ”جتي تنهنجا پنهنجا ٻار هوندا- جتي سچ جي جلترنگ جو سنگيت هوندو_ جتي هڪ عورت فقط هڪ مرد لاءِ پنهنجي دل جي روشني ڦهلائيندي.“

”ڪاش ائين ٿي سگهي“- هن سر گوشي ۾ وراڻيو هو.

”ائين ٿيندو ڀڳلي“- مون سندس نراشا مٽائيندي چيو ائين ضرور ٿيندو. ڇو جو اها فقط منهنجي نہ. بلڪ انسانيت ۽ اخلاق جي قدرن جي تقاضا آهي.

مون ڪيس اهو مقام ڏنو.

هڪ عورت کي سندس حق موٽايم.

اِنسان جي خونخوار فطرت ڏسي. ڊارون جي ٿيئري مڃڻ تي مجبور ٿي پوندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ دفعو وري انسان وحشي جذبن جي جنون ۾ اچي، خاندان جي زره پائي هڪ نبل ڪمزور ۽ ستايل عورت تي تهمتن جي تلوار سان الر ڪري آيو آهي. مان انساني وحشانيت ۽ ان بدنصيب ڇوڪريءَ جي وچ ۾ سرڪش پهاڙ وانگر اُڀري آيو آهيان. هر دور ۾ هنگاما ٿيندا آيا آهن. هميشه انسان انسانيت جي توهين ڪئي آهي. انقلابن ۾ ڪجهه اهڙن انسانن جو به خون وهي ويندو آهي جن جا پتلا ڪڙا ڪيا نه ويندا آهن. جن جا نالا سونهري اکرن سان تاريخين ۾ ليکيا نه ويندا آهن. جن جون ورسيون نه ملهائبيون آهن.

مان انهن مان هڪ هوندس.

هوءَ غريب آهي، مفلس آهي. پاڻ سان ڏاج ۾ بنگلو هڪ موٽر ۽ ٽيهه هزار رپيا نه آندا اٿائين. شايد انڪري هڪ ننڍڙي لاٽ اُجهائڻ لاءِ ايترا طوفان بيرحم راڪاسن وانگر اُڀري آيا آهن. پر مون به فيصلو ڪيو آهي ، ته ان ديپ جي جوتيءَ کي پنهنجي پيار جي روشنيءَ سان روشن رکندس. جي تيل ٻري ويو ته پنهنجي لهوءَ جا چراغ روشن ڪندس. جيڪو قدم ڪنيو اٿم سو واپس نه ورائيندس، مان انهن انسانن منجهان آهيان جيڪي ضد تان زندگي قربان ڪري ڇڏيندا آهن.

مان پنهنجي تنگدل خاندان جي ويجهو مذهب کان باغي ۽ روايتن کان بيزار آهيان. تنهن هوندي به مون کين پنهنجي فيصلي کان اڳ ئي آگاهه ڪيو. جڻ ته ٻهن ۾ باهه لڳي.

آواز اٿاريائون-

"اهو ناممڪن آهي. تون هڪ وڏي خاندان جو ڇوڪرو آهين. پنهنجي لائق ڪنهن ڇوڪريءَ جو هٿ پڪڙ."

سندن اوچ نيچ ۽ ننڍ وڏائي جي تانگهي تصور کي پُرزا پُرزا ڪندي چيم،

"توهان جي ويجهو مان ناستڪ سهي. پر ڪهڙو مذهب هڪ مجبور کي سهارو ڏيڻ کان روڪي ٿو. ڪهڙو اخلاق گهائل کي زخمي ڪرڻ جي اجازت ٿو ڏئي. انسانيت جي ڪهڙي باب ۾ درج آهي ته ستايل جو ساٿ نه ڏيو."

گهور ڪري منهنجي اکين ۾ ڏٺائون. جڻ ته مون ڌرتيءَ جو سينو ڪنبائي ڇڏيو هو. ٻهن تي اُٿي بيٺا. هڪ تنها ڇوڪريءَ کي گارين سان گهائي ڇڏيائون. ان وقت منهنجي اکين آڏو اهو منظر تري آيو جڏهن حضرت عيسيٰ هڪ مجبور عورت کي ليڙن ۾ ويڙهيل ۽ لاچار ڏٺو هو. هوءَ وحشي هجوم جي وچ ۾ ڪنڌ جهڪائي بيٺي هئي.

حضرت عيسيٰ کي پڇڻ تي ماڻهن ٻڌايو.

"هن عورت گناهه ڪيو آهي. کيس سنگسار ڪيو ويندو. اسان کيس پٿرن سان ماريندا سين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت عيسيٰ جواب ڏنو ”برابر جنهن گناهه ڪيو آهي تنهن کي سزا ملڻ گهرجي. پر توهان منجهان پهريون پٿر اُهو شخص اُڇلائي جنهن ڪوبه گناهه نه ڪيو آهي.“

هجوم جو ڪنڌ جُهڪي ويو ۽ سندن هٿن مان پٿر ڇڏائجي ويا. ڪير آهي جنهن ۾ عيب ڪونهي. ڪير آهي جنهن جي دامن تي داغ ناهن. ڪير آهي جنهن جي جهوليءَ ۾ پاپ پيل نه آهن؟

ڪير به نه- ڪير به نه.

ته پوءِ انسان پاڪدامنيءَ، ثواب ۽ پارسائيءَ جو ڪوڙو ڍونگ ڇو رچايو آهي؟ ڪهڙي مخصوص ڪسوٽي آهي جنهن تي گناهه ۽ ثواب کي پرکيو ويجي؟ جڏهن سيئي ڪوڙهي آهن ته پوءِ پاڻ کي خوامخواه اُجرو سمجهڻ مان ڇا ورندو!

خانداني خار منهنجي دل ۾ اڄ جا ڪتل ناهن. مان ته ان پيڙا ۾ ان وقت کان تڙپي رهيو آهيان، جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم. پنهنجن ڪمزورين کان انڪار ڪونهيم. شايد مان بيحد جذباتي ۽ حساس آهيان تنهنڪري معمولي واقعا به منهنجي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکندا آهن.

سنڌ جا So-called وڏا خاندان ڏنا پيا آهن، سندن ڇوڪرا شراب خانن کان قمارخانن تائين ۽ قمارخانن کان رنڊين جي ڪوٺين تائين محدود آهن. ان وقت سندن ڪارهن ڪاڏل آن بان ڪٿي هوندي آهي جڏهن سندن سپوت نشي ۾ چور ٿي سستا فلمي گانا ڳائيندا گهر موٽندا آهن؟ نياڻين کي ڪوٺن ۾ قيد ڪرڻ سندن خانداني ڪسوٽي آهي. ان ظلم تي کين فخر آهي. ڏسڻ ۾ سڀ مذهب جا پابند آهن. پر اها سندن چالبازي آهي. هو بي رحم، بي درد، وحشي ۽ اڇي جامي ۾ اوڊيل پونءِ وارا جسم ڪٽي جي رهيا آهن. سندن مڪار نگاهون ٻئي جي زخمن تائين ته پهچن ٿيون پر انهن زخمن پٺيان ڇپيل ڪندن جهڙو روح ڏسڻ کان محروم آهن.

اهو نظر جو دوکو آهي، دوست.

زندگيءَ جي لاهين چاڙهين ۾ نظر جا هوشربا فريب خوب ڏٺا اٿم. وڏن ماڻهن جا عيب دولت جي چادر ۾ ڍڪجي ويندا آهن. ڪراچي يونيورسٽيءَ جون اُهي ڇوڪريون جي بس جو ٽي آنا ڀاڙو ڀري ”اعليٰ“ تعليم حاصل ڪرڻ اينديون هيون، تن جي آشنا ڇوڪرن کي سندن يار سڏيو ويندو هو ۽ اُهي ڇوڪريون جيڪي چلڪندڙ موٽرن ۾ رنگارنگي روا اُڏاريندون اينديون هيون، تن جي ساٿين آشنائن کي سندن دوست سڏيو ويندو هو دولت جي آڙ ۾ ساٿيا آشنا Boy friend سڏائيندا هئا. غريب جيڪڏهن زندگيءَ جي تلخي مٽائڻ لاءِ چند قطرا پيئندو ته شرابي سڏائيندو ۽ ان جي برعڪس هڪ امير شرابيءَ جي باري ۾ ذڪر ٿيندو. ته ، چوندا، هو Drink ڪندو

آهي. " اميرن جي شراب خانن تي Neon لائيٽ سان بار "Bar" لکيل تو ٻ بارها ڏٺو هوندو پياءُ، پر ڪڏهن غريبن جي گُتن تي ڪاري ڪوئلي سان "گتو" لکيل ٻ ڏٺو اٿئي؟ سماج جو اهم ترين جز آهي انسان. ۽ انسان گرفتار آهي سماجي زنجيرن ۾! تہ پوءِ ڪيئن هڪ اڪ ٻي پنل اڪ لاءِ لڙڪ لاڙيندي، ڪيئن هڪ دل جو درد ڏسي ٻي دل تڙپي اُٿيندي - ڪيئن هڪ انسان ٻي انسان سان ڏک سک ونڊي سگهندو!

انسان فطرت ڪان مجبور آهي شايد! سندس نگاهون چنڊ جي داغ تائين تہ پهچنديون آهن، پر پنهنجي وجود جي لاتعداد داغن تي نہ پونديون آهن. تنگ نظر انسان جو تصور سمنڊ جي سطح تائين محدود رهندو آهي. ڪيس ڪهڙي سڌ تہ ساگر جي گهراين ۾ اصل ماڻڪ لڪل هوندا آهن!

ڪير ڪين سمجهائي دوست!

"برسي پئون ٿا، تہ بجليون ڪِنوَن
جي ترسي پئون ٿا، تہ دل اُڏما ڪائي.
چنڊ ڪي لڪايون جي غم جي گهٽا ۾
تہ روئڻ چڪورن جو جيءَ ڪي جلائي،
سچ ڪي لڪايون تہ چائي انڌيرو
اوندهہ ۾ ڳوڙها اسان ئي وهايون."

پنهنجي ئي ڪنهن آزاد نظم جون مٿيون سٽون دل تي تري آيون آهن. الاءِ ڪڏهن لکيو هيم. پر جڏهن بہ اهي سٽون لکيون هوندم، تڏهن منهنجي تصور ۾ شايد هي اٽانگو وقت چيي رهيو هو.

هينئر جڏهين هي خط ختم ڪرڻ تي آهيان تہ هوءَ چاءِ جو ڪوپ کڻي منهنجي اڳيان اچي بيٺي آهي. نماڻا نيڻ کڻي پئي پڇي:

"ايترو طويل خط بہ هوندو آهي چا؟"

"ها تيجي. هن ڪائنات جون ڪشمڪشون بہ تہ طويل آهن. زندگي جا اڻ ڏٺل راز ۽ اڻ سليل ڳجهارتون هنن چند صفحن ۾ ڪيئن سمائجي سگهنديون. انهن ڪهاڻين لاءِ مون پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي آهي."

ساڳي ماڪ ۾ ڏوتل مرڪ.

"چاءِ ٺري ويندي."

"خط لکي چڪو آهيان."

اجازت ڏي، پياءُ

تنهنجو...... (1964)

■

سبايو آهي، ذري گهٽ باڊي ڏسڻ ۾ پئي آيس."

"ڪهڙي پنا ماءُ؟"

"پنهنجي نئين پاڙيسرڻ، جنهن گذريل هفتي سڄيءَ جاءِ لاءِ نئون فرنيچر ورتو هو."

"جنهن جو مڙس تور- ماپ جو انسپيڪٽر آهي؟"

"ها ها، ساڳي!" زال جو منهن خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو. "..... ۽ ساڙي تي ولائتيءَ شال به ڪٺي ويئي آهي. شال به ڏسڻ وٽان اٿس!"

ماستر ٽڏي سان بوٽ ڪٽ هيٺان ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٻئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏيئي، ليٽي پيو. اکيون ٻوٽينديءَ، ڇپن ۾ چيائين، "موڳن ڇورن سان بڪ- بڪ ڪري، کوپري ئي خالي ٿي ويئي آهي!"

"پنا ماءُ ٽيڊي ڪپڙا به ته سبايا آهن!"

ماستر خاموش رهيو. اکيون کولي، نظرون ڇت تي ڪپائي ڇڏيائين. زالهنس کي اها حرڪت پسند نه آئي. جڪ ڪاڏائين، پر تڏهن به چيائين، "پنا ماءُ جو مڙس اڄ ڏاڍو سٺو سوٽ پائي آفيس ويو هو."

ماستر هڪ تيز چيندڙ نگاهه پنهنجيءَ زال تي وڌي، ۽ ڪٽ تان اٿي دريءَ وٽ وڃي بيٺو. ٻئي مٺيون دريءَ جي شيخن ۾ وجهي، هن گهٽيءَ تي نگاهه وڌي.

گهٽيءَ ۾ پاڙي جا ٻار اتي- ڏڪر راند ڪري رهيا هئا. سامهون، اسپتال جي ٿلهي تي ڪکو وينو هو. هٿ ۾ ڪوئلو هوس ۽ ڪوئلي سان ٿلهي تي ليڪا ڪڍي رهيو هو.

"توهين به پنا ماءُ جي مڙس جهڙو بلو سوٽ سبايو نه!"

ماستر منهن نه ورايو. زالهنس ڪلهي تي هٿ رکي، پنهنجو جملو ورجائڻ خاطر چيو، "ٻڌو ٿا، توهين به پنا ماءُ جي مڙس جهڙو بلو سوٽ سبايو."

"سبائيندس-" ماستر دريءَ کان ٻاهر ڏسندو رهيو.

"ڪڏهن؟"

تڏهن هن منهن ورائي پنهنجيءَ زال جي منهن ۾ چتائي ڏٺو. پوءِ آهستي ورائيائين، "پيسا ٿيندا ته سبائي وٺندس."

جواب ٻڌي، هوءَ مڙس کان ٻه-چار وکون پري ٿي بيٺي. مٿي تي رئو ناهيندي چيائين، "پئسا ٿيندا، ڇو نه ٿيندا! اسين ٻين کان گهٽ آهيون ڇا!"

ماستر ڪنڊ ۾ رکيل ميز وٽ وڃي بيٺو. ٻئي هٿ ميز تي رکي، ڪجهه اڳتي جهڪيو. پني زال ڏانهن ٿي هيس، ته ڪنڌ مٿي ڪري، پٽ مان لٽڪندڙ جاري

نہ!"

هو خاموش رهيو.

زال پنهنجيون ٻئي ٻانهون هوا ۾ پکيڙيندي چيو، "هيڏو، پنا ماءَ جي ريڊئي جيڏو ريڊيو آڻيو. هوبهوا!"

ماستر جواب نہ ڏنو. دريءَ وٽ وڃي بيٺو. اسپتال جي ٿلهي تي سندس پٽ هڪ راڪاس جي شڪل ناهي هئي، جنهن جي مٿي تي سڱ هئا.

"ڏسو."

هن پنهنجيءَ زال ڏانهن ڏٺو. هوءَ ڪنڌ واريءَ ميز وٽ ئي بيٺي هئي. اتان ئي چيائين، "ريڊيو هن ميز تي رکنداسين. ڏاڍو نهندو."

هو اڳتي وڌي آيو ۽ زال جي سامهون اچي بيٺو. زال جي اکين ۾ ڏسندي پڇيائين، "گهرجي خرچ پکي مان ڪجهہ بچايو اٿئي؟"

"ها، ڏهہ کن رپيا بچايا اٿم." زال گد گد ٿيندي وراڻيو. "ڏهہ رپيا مان ٿي ڏيانو. باقي پيا توهين وجهي، ريڊيو---"

ماستر جو منهن ٻهڪڻ لڳو. واڇ مان مرڪ ليئو پائي چپن تي چنبڙي پئيس. چيائين، "اڄ ٽيهين تاريخ آهي، ۽ منهنجي کيسي ۾ ٻارهن آنا کن مس آهن. صبح ڪان ئي سوداءُ ورائي ويو هوم."

"اڄ نہ آڻڻ لاءِ نٿي چوانءِ. سياڻي پهرين تاريخ آهي. سياڻي آڻجو. پر هوبهو پنا ماءَ جي ريڊئي جهڙو!"

ماستر پنهنجيءَ زال جي ڳالهہ ٻڌي اٿڻي ڪري ڇڏي. ڪوٽ پائيندي چيائين، "ڊاڪٽر اڄا اسپتال ۾ هوندو. مون کي ٻہ رپيا ڏي تہ ککي لاءِ دوا وٺي اچان."

زال جا پير فرش کي چنبڙي پيا. سندس نگاهون مڙس جي منهن تي کپي پيون.

هو ڏانهنس وڌي آيو. کيس ڇهندي چيائين، "اسان وٽ سڀ ڪجهہ آهي، چري، اسان وٽ سڀ ڪجهہ آهي!"

ان وقت ڪيٽليءَ جي ٽن مان ٺهڪندڙ ٻاڦ اڇل کائي ٿاندن تي وڃي پيو.

(1967)

# داغ

جوان ۽ حسين عورت منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان اهم خواهش رهي آهي. روزي عورت هئي. جوان ۽ حسين به.

۽ مون نئين ٽائيپسٽ روزيءَ کي هميشه وانگر هڪ مهيني تائين بلڪل اهميت نه ڏني. روزيءَ جي پريل بدن، گول گول سنگمرمر جهڙين ٻانهن، گلابي چپڙن ۽ ڪارين وڏين اکين ۾ بيحد ڪشش هئي. هوءَ عورت جي روپ ۾ قيامت هئي. پر مون قيامت ۾ پاڻ کي ننگو ٿيڻ نه ڏنو. جنهن ڏينهن هوءَ سرخ اسڪرٽ ۽ گلابي لپ اسٽڪ استعمال ڪندي هئي. تنهن ڏينهن سندس بيپناهه حسن مسيحا وانگر مرده دلين ۽ ڪومايل گلن ۾ نئون روح وجهي ڇڏيندو هو.

سندس دعوتي حسن ۾ ڪنهن به عابد کي گمراهه ڪرڻ جي طاقت هئي.

پر مان عابد نه آهيان.

مون هميشه وانگر ڪيس ڪا به اهميت نه ڏني.

جڻ ته باهه جا شعلا منهنجي لاءِ سرد هئا. جڻ ته مقناطيس ۾ لوهه کي ڇڪڻ جي طاقت نه هئي! پر جنهن ڏينهن هوءَ هلڪي فيروزي رنگ جي ساڙهيءَ سان نيوي بلو بلائوز پائي ايندي هئي، تنهن ڏينهن ته منهنجو قلم به گهڻي ڪوشش جي باوجود هڪ لمحي لاءِ بيهي رهندو هو. هڪ لاپرواهه نگاهه سندس اگهاڙين ٻانهن تي وجهي، مان وري فائيلن ۾ گم ٿي ويندو هيس.

شروع شروع ۾ هوءَ منهنجي سرد مهريءَ تي حيران ٿيندي هئي ۽ پوءِ منهنجي لاپرواهيءَ کيس پريشان ڪري ڇڏيو. مون سندس نگاهن ۾ اچرج جو جذبو جاچي ورتو هو. شايد اڪثر سوچيندي هئي ته مان به فرم جي ٻئي اسٽاف وانگر کيس بکايل نظرن سان ڇو نٿو گهوريان! هن هر ممڪن ڪوشش ڪري منهنجن جذبات ڪان خالي اکين ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي. هر طريقي سان منهنجي دل ليائڻ جي ڪوشش ڪيائين! دلفريب ادائن سان ذري گهٽ منهنجي صبر جو پيالو لبريز ڪري ڇڏيائين. پر مون صبر سان سندس هر وار برداشت ڪيو. مان فرم جو اسسٽنٽ مئنيجر هيس. هڪ ٽائيپسٽ لاءِ ايترو جلد جهڪڻ منهنجي لاءِ مناسب نه هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ انتقام تي لهي آئي.

عورت نانگڻ جو روپ ڌاريو.

۽ مون من ئي من ۾ مرڪي ڏنو. منهنجي اهائي منشا هئي.

روزيءَ فرم جي جنرل مئنيجر سان راهه و رسم وڌايو. هڪ ڏينهن سندس ڪاري مرسيڊيز ڪار ۾ ويهندي مون ڏانهن فاتحانه نظرن سان ڏٺائين. سندس نگاهون چئي رهيون هيون ته تون احمق آهين. پٿر جا پوڄاري تو هيري جو قدر نه ڪيو. بد ذوق انسان، تو شفق جي سرخي کي پنهنجي دنيا ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو! هن جي گلابي چپن تي طنزيري مرڪ اچي وئي ۽ مون سندس شعوري وجود کي سگريٽ جي دونهي ۾ تحليل ڪري ڇڏيو. بيزاريءَ مان منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيم.

هوءَ جلي وئي.

ڪشمڪش وڌندي رهي.

هن هر طريقي سان مونکي محسوس ڪرائڻ چاهيو ته هوءَ فرم جي جنرل مئنيجر جي منظور نظر هئي ۽ ڪيس اسسٽنٽ مئنيجر جي ڪابه پرواهه نه هئي. هر دفعي هن پاڻ کي دوکو ڏنو. جو اڪثر سندس مخروطي آڱريون ٽائيپ جي اکرن تي ترسي پونديون هيون ۽ هوءَ پنبڙين جي وٿيءَ مان، چور نگاهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳندي هئي. اها سندس هار جي ابتدا هئي. مان ڪو اهڙو ٿاهوڪو نه آهيان. پر منهنجو صبر، سنجيدگي ۽ لاپرواهي، شوخ ڪان عورت لاءِ به زهر قاتل آهن.

ڏنم ته هوءَ گهائل ٿي چڪي هئي.

۽ هڪ ڏينهن-

هڪ ڏينهن ڪجهه ڪاغذن تي صحيحيون وٺڻ لاءِ هوءَ منهنجي ڪمري ۾ آئي. ان ڏينهن هوءَ فيروزي ساڙهيءَ ۾ هئي. ڪاغذ ٽيبل تي رکي هوءَ ويٺين جي سهاري جهڪي بيهي رهي. سندس سنگمرمر جهڙيون سفيد ٻانهون منهنجي اکيان، منهنجي ئي ٽيبل تي رکيون هيون. اوچتو ساڙيءَ جو پلو سندس ڪلهي تان کسڪي ويو ۽ سندس اڌ اگهاڙي سيني منهنجي صبر جو ساهه سڪائي ڇڏيو. مون اکيون پوري ڇڏيون. منهنجو ساهه تيز ٿي ويو. قوت جواب ڏيڻ لڳي، ڄڻ ته بند اکين مان به هوءَ منهنجيءَ دل ۾ داخل ٿي رهي هئي. مون هڪدم اکيون کولي ڇڏيون. سندس خمار آلوده نگاهن سان منهنجون نگاهون ملي ويون ۽ هن پنهنجن اڌ کليل چپن کي زبان سان آلو ڪيو. مونکي پنهنجي شڪست جو يقين ٿي ويو ۽ شدت سان محسوس ڪيم ته مان سندس قدمن ۾ ڪري پوندس.

شعلا منهنجي دامن کي جلائڻ تي هئا. جو مون الائي ڪيئن چئي ڏنو.

"مس روزي هيءَ آفيس آهي. مونکي تنهنجي ٻيهڻ جو طريقو پسند ناهي."

باهه وسامي وئي.

هوءَ مهتجي وئي.

مونکي حقارت سان ڏنائين ۽ ڪمري مان نڪري وئي.

ساڳي ڏينهن شام جو پيا ڪلارڪ ۽ فرم جو اسٽاف وڃي چڪو هو. روزي اڃان بہ ڪجهہ ضروري ڪاغذ ٽائيپ ڪري رهي هئي. اُهو سڄو ڏينهن هن پيچ تاب کائيندي گذاريو هو. ۽ هينئر مجبوري سندس نگاهن ۾ لڙڪ بڻجي تري رهي هئي. ڪائنس پنهنجي حسن جو احساس بہ وسري ويو ۽ هينئر هوءَ هڪ معمولي ٽائيپسٽ وانگر مسڪين نظر اچي رهي هئي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڪاغذ ٽائيپ ڪري، اکيون جهڪائي منهنجي ڪمري ۾ آئي. سڄو ڏينهن پنهنجي ڪمري جي شيشي جي پارٽيشن مان مون کيس جاچيو هو. صبح واري واقعي کان پوءِ جڻ تہ هوءَ وسامي وئي هئي. هينئر بہ آئي تہ اُجهاميل اُجهاميل هئي. ميز تي ڪاغذ رکي وڃڻ لڳي. مون کيس روڪيو. "مس روزي."

هوءَ در وٽ بيهي رهي. سندس پٺ مون ڏانهن هئي.

"مان پنهنجي صبح واري رويي تي نادم آهيان." مون التجا آميز لهجي ۾ ڳالهايو. هن حيرت مان منهن ورايو.

"يقين ڪر روزي مان بيحد پيشمان آهيان."

ڪائنس ڳالهائڻ وسري ويو. هن منهنجي زبان مان اهڙا بااخلاق جملا ٻڌڻ جي ڪڏهن بہ توقع نہ ڪئي هئي.

"ها روزي." مون سندس حيرت جو پورو پورو فائدو وٺڻ چاهيو. "پنهنجي بد تهذيبيءَ جي تو کان معافي ٿو گهران."

هوءَ اڃان بہ خاموش هئي. مان اٿي، سندس سامهون بيٺس. آهستي چيومانس. "معاف ڪرڻ وڏي سزا آهي."

هن وراڻيو. "توهان مونکي شرمندو ڪري رهيا آهيو."

"شايد اڃا تائين ناراض آهين."

"نہ، نہ." هن هٻڪندي چيو.

"ڪيئن يقين ڪيان تہ تو مونکي معاف ڪيو آهي." مون هن جي نگاهن ۾ نهاريندي چيو. جواب ۾ سندس گلابي چپن تي مرڪ اچي وئي.

"تہ مونکي معاف ڪيءِ؟" هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

"ها ڪر روزي. ها ڪر." مون کيس ٻانهن کان جهليندي چيو. "منهنجي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها ڪر.“

۽ هن فقط هڪ اکر چيو، ”ها.“

”تنهنجو احسان مان ڪڏهن به وساري نه سگهندس، روزي.“ مون سندس نگاهن ۾ نهاريو. هن اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون.

اسان بت بڻيا هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا رهياسين ۽ پوءِ مون ئي ڳالهايو ”روزي اجازت ڏين ته عرض ڪيان.“

”خدارا مونکي وڌيڪ شرمندو نه ڪيو.“ هن بيچين ٿي جواب ڏنو. ”زمين جي خاڪ کي عرش تي نه اچليو.“

”ائين نه چئه روزي. مان ته گناهه گار آهيان. الائي ڪيئن داغ ڌوئي سگهندس.“ خاموشيءَ جي ٻي لمحي کي به مون ٽوڙيو.

”جي مناسب سمجهين ته رهي سهي تلخيءَ کي گرم گرم چانهه سان دور ڪجي.“

هن جواب ۾ چيو، ”هون.“ ۽ اکيون جهڪائي ڇڏيائين.

ڪافي هائوس تائين هوءَ احساس ڪمتريءَ ۾ ٻڏندي ترندي رهي. ڪئبن ۾ داخل ٿيندي مون چيو. ”سمجهان ٿو ته تو ضرور منهنجي باري ۾ بري راءِ قائم ڪئي هوندي.“

”نه، نه.“ هوءَ هٻڪي پئي.

”ته پوءِ خاموش ڇو آهين روزي.“ مون ڪيس اُيرڻ نه ڏنو.

”ائين ئي.“

”ڪجهه ته آهي جو خاموش آهين.“

”سچ ٿي چوان ڪجهه به ناهي.“ هن اکيون مٿي ڪندي چيو. ”توهان يقين ڪيو ته ڪجهه به ناهي.“

”خير، تون نٿي ٻڌائين ته مان زور به نه ٿو ڀري سگهان.“ مون سندس نيڻن ۾ سندس دلي جذبات جاچيا، ”پلا اهي ڳالهيون پڇڻ جو مون کي حق به ڪهڙو آهي!“

”توهان مون کي غلط ٿا سمجهو.“ هن چيو. ”مان سوچي رهي آهيان ته.....“

”ته!“

”ته مان هڪ معمولي ٽائپسٽ آهيان ۽ توهان فرم جا اسسٽنٽ مئنيجر آهيو.“ هن منهن ٻئي طرف ڪندي ڳالهايو.

”روزي!“ مون جذباتي انداز ۾ چيو. ”مان انسان آهيان، ۽ تون به . اهي ڳالهيون اسان جي وچ ۾ پيت نه بڻجن ته بهتر.“

هوءَ خاموش ٿي ويئي.

”مان فقط هڪ انسان آهيان. دکي ۽ اڪيلو انسان.“ مون ڳوري آواز ۾ ڳالهايو. ويٽر چاءِ ۽ سينڊوچ کڻي آيو. سيٽ روزيءَ ڏانهن سيريندي چيم، ”اڄ تائين ڪنهن به عورت جي هٿ جي ٺهيل چانهه نه پيتيءَ اٿم.“

هن جواب ۾ فقط مون ڏانهن ڏٺو.

ڪوپ ۾ کنڊ ملائيندي پڇيائين. ”سچ پچ توهان جي زندگيءَ ۾ ڪابه عورت نه آئي آهي؟“

”نه روزي“ مون آداسين جي احساس سان چيو. ”منهنجي زندگي عورت جي پيار کان محروم رهي آهي.... اڄ تائين ڪنهن جي به پيار سان پنهنجي تنها زندگيءَ ۾ خال پري نه سگهيو آهيان.“

هن ڪوپ منهنجي سامهون رکيو.

مون چانهه جو ڍڪ پري هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ ڪنڌ جهڪائي چانهه جي سپ پري رهي هئي.

”شايد دنيا جون تمام تلخيون منهنجي حصي ۾ آيون آهن.“مون سرگوشيءَ ۾ چيو.

هوءَ ڪجهه سوچي رهي هئي. سفيد سينڊوچ سندس سرخ چپن وٽ رهجي ويو. مان ڳالهائيندو رهيس.

”سڀ سمجهن ٿا ته مون کي دنيا جون سڀ نعمتون حاصل آهن. پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته مان اڄ تائين محبت لاءِ تڙپندو رهيو آهيان.“ هوءَ فقط ٻڌي رهي هئي.

”اڪيلين راهن ۾ مان اڪيلو آهيان، روزي.“ مون درد ڀريل آواز ۾ چيو. ”شايد اهوئي سبب آهي جو منهنجو ظاهر خشڪ ۽ رُکو آهي.“

باقي وقت مون ڪيس سوچڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيو.

ڪئبن ۾ خاموشي رهي.

۽ پوءِ جڏهن ٻاهر نڪري رهيا هئاسين، ته هن آهستي چيو: ”اڪيلين راهن ۾ مان توهان جو ساٿ ڏينديس، جيڪڏهن مناسب سمجهو ته!“

”روزي!“ مون سندس هٿ چمي ورتو.

ڪافي هائوس مان ٻاهر اچي، مون ڪيس چيو. ”تو مون کي سچي دنيا جون مسرتون ڏيئي ڇڏيون آهن، روزي.“

هوءَ شرمائجي ويئي، ۽ مون پنهنجي فتح تي مرڪي ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي لمحي ڪنهن منهنجي شارڪ اسڪن جي ڪوٽ جي ٻانهن ڇڪي. مون منهن ورايو.

”معاف ڪر.“ هڪ اڌ اگهاڙي فقيرياڻي منهنجي سامهون بيٺي هئي.

”معاف ڪيان!“ هن ديوانن وانگر ٺهڪ ڏنو. ”خدا جي نالي ٿورو ئي ٿي گهران. ڏس.“ هن پنهنجي پائمال جوانيءَ جو مظاهرو ڪيو. ”ڪجهه ڏيندين.“

روزيءَ خوفزده ٿي چيو. ”شايد پاڳل آهي.“

اوچتو فقيرياڻيءَ منهن ۾ گهنڊ وجهي غور سان مون ڏانهن ڏٺو.

”تنهنجو بنگلو سوسائٽيءَ جي باغ وٽ آهي نه.“ هن چيو. اُف. پاڻ ٻه ڪيتريون راتيون گڏ گذاري چڪا آهيون.“

”بڪواس بند ڪر.“

هن ٺهڪ ڏنو. ”مون ڪي وهنجاري، خوشبوءِ لڳائي پاڻ سان...... “ هن طنز ڀريو ٺهڪ ڏنو. هجوم جمع ٿي رهيو هو. عجيب مصيبت هئي. هڪِ ديواني منهنجي سڄي محنت جو ستيا ناس ڪري رهي هئي.

”تون مونکي پنج رپيا ڏيندو هئين! نه منهنجي مفلسي ۽ بک تي رحم ڪائي ۽ نه ئي منهنجن يتيم ٻارن جي دوا لاءِ ڪجهه ڏيندو هئين ته پنهنجي هوس ۽ منهنجي جوانيءَ لاءِ.“

جڻ آسمان ڏري پيو.

”مڪار.“ مان فقط هڪ لفظ ضمير جي بار هيٺان ڪڍي سگهيس.

هن فلڪ شگاف ٺهڪ ڏنو. روزيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

”تئون شڪار ڦاسايو اٿئي ڇا؟“

جند ڇڏائڻ لاءِ پنجن رپين جو نوٽ ڏانهنس وڌايم. جهٽ ڏيئي نوٽ پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪندي چيائين.

”مون کي ته چوندو هئين......“ هن منهنجو نقل ڪيو. ”مان غريبن ۽ مفلسن جو ساٿي آهيان.“

مون پيچڻ ۾ بهتري جاتي. هن وري مرنڪي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو:

”هن بلبل کي ڇا چئي ڦاسايو اٿئي؟“

ان ڏينهن محسوس ڪيم ته زمين جو سينو بيحد مضبوط آهي.

زمين منهنجا گناهه لڪائي نه سگهي. پنهنجي هنج ۾ جاءِ نه ڏنائين.

اوچتو ڪوڙهي آتما تان چادر جو لهي ويئي، ته تڪڙ ۾ پنهنجي روح جو داغ به لڪائي نه سگهيس. هجوم جي نفرت ڀريل نگاهن ۾ روزيءَ جي تلاش ڪيم. هوءَ وڃي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ مان روزيءَ سان اک ملائي نه سگهيس. ڪوٽ ته نئون پائي آيو هئس. پر ان ڪوٽ جي ٻانهن تي به جڻ فقيرياڻيءَ جي هٿ جو داغ هو. اهڙو داغ جيڪو منهنجي جسم ۽ ماس سان چهٽي، منهنجي رت ۾ شامل ٿي ويو.

(1964)

■

# چنڊ وسامي ويو

۽ پوءِ جڏهن گهنگهور گهٽائون هوائن جي هجوم سان هليون ويون ۽ آڪاش ستارن سان سينگارجي ويو.

تڏهن پريان،

انب جي وڻ جي وٿين مان چنڊ ليئو پاتو. سندس عڪس سنڌوءَ ۾ جهمر پائڻ لڳو.

۽ هوءَ ڳائڻ لڳي:

منهنجو ساجن آيو اڄ رات

منهنجو ساجن آيو اڄ رات

ڳايو.

ڳايو ترانو من جي خوشين جا

منهنجو ساجن آيو اڄ رات.

سندس حسين مکڙي تان وارن جون

بدليون هٽائيندي پڇيو مانس:

”وساري ته نه ڇڏيندين، اندرا؟“

نرمل نگاهون مٿي ڪندي، چيائين،

”نه پريتم.“

سندس سادي جواب ۾ ڪهڪشان جي رنگن جا موتي پرويل هئا.

”منهنجي زندگيءَ جي مرڪ تنهنجي پيار جي سهاري امر ٿي ويندي.“ مون چيو.

هن وراڻيو.

”چنڊ جهڙو چنچل آهين.“

”مان؟“

”ها، پريتم تون.“ هن مڌر آواز ۾ ڳالهايو.

”چنڊ ته اُداس آهي، اندرا.“ مون آهستي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اداس وري ڪيئن؟" هن منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي چيو. "هيڏانهن ڏسينس، ڪيئن نہ جهمر پيو پائي." هن چندرما جي عڪس ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو سنڌوءَ جي لهرن ۾ نچي رهيو هو.

"پنهنجو درد ڇپائي پيو جهمر هڻي." مون وار سندس ڳلن تان دور ڪندي چيو.

"درد وري ڇا جو منهنجا پريتم؟" هن پريشان ٿي پڇيو.

"دامن تي داغ جو اٿس." مون سندس چرنن ۾ ويهندي چيو.

"پر تون تہ منهنجي سنسار جو بيداغ چنڊ آهين، سدا سندر ۽ من موهيندڙ."

هن سنڌوءَ مان پاڻيءَ جي لپ ڀري منهنجن هٿن ۾ هاري.

پڇيو مانس. "هي ڇا اندرا؟"

شرمائيندي چيائين. "منهنجو پيار!"

"ايترو پيار تہ نہ ڏي اندرا، جو جدائي جو هڪ لمحو بہ تو کانسواءِ گهاري نہ سگهان." مون پنهنجا آلا هٿ سندس آلن هٿن ۾ ڏيندي چيو.

پيار جي اٿاهہ لهر اُڀري، چيائين. "تن من تہ تنهنجي پريت ۾ هاري ويٺي آهيان پر جدائي جا ڪنڊا پلڪن سان چونڊيندي س."

هن گلاب جهڙو سندر مکڙو منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. سندس ساهہ منهنجي دل جي ڌڙڪڻ سان ملي، محبت جو گيت، گيت ٿي پيو:

منهنجو ساجن آيو اڄ رات

ڳايو.

ڳايو ترانہ من جي خوشين جا

منهنجو ساجن آيو اڄ رات.

ان وقت هوا جي لوڏن سان لمندي، ناز بوءِ جي خوشبوءِ بہ هوريان هوريان هلي آئي. مورڪ ٿي مون کان پڇيائين، "ڏاڍو ٿو چاهينس؟"

ٻڌايو مانس. "منهنجي آتما جو آهي!"

"توکي چنڊ ٿي چوي نہ؟"

"پاڻ چانڊوڪي آهي نہ. تڏهن." مون وراڻيو "نہ تہ مان ڪارو ڪوجهو منهن جو ڪهڙو مانُ."

"متان ڇڏي نہ وڃي توکي، بانورا، تنهن جي چانڊوڪي!" مهڪ مرڪ سان چيو.

"تہ پوءِ منهنجو داغ ڪير ڏسي نہ سگهندو."

پنهنجي چانڊوڪيءَ کانسواءِ مان ڪيئن چمڪندس!

”مان ڪارو ڪوجهو منهنجو ڪهڙو مانُ“ مون نادان نازبوءِ جي هيڪار ڪي سمجهايو. هوءَ هوا جي پرن تي ويهي دور ديس ڏانهن هلي وئي.

اندرا منهنجي سيني مان منهن ڪڍي، مون ڏانهن ڏٺو.

”ڪنهن سان پيو ڳالهائين، پريتم؟“

”تنهن جي چاهت ۾ اندرا، هن سنسار جو ذرو ذرو مونسان رهاڻيون ٿو ڪري.“

”تنهنجي ان پيار ڪان ته ڏڪان ٿي، پريتم!“ هن آهستي چيو.

۽ پوءِ اوچتو طوفان اٿلي آيا.

سنڌوءَ جي چولين ۾ جهمر پائيندڙ چنڊ ويو وسامندو، ويو وسامندو ۽ جهڪو ٿيندو. آنڌيون آيون.

وڄ چمڪي.

ڪڪر آيا ڪارا ڪارا.

لڪندو ڇپندو چنڊ،

ويو وسامندو، ويو وسامندو.

چنڊ سڙي ويو، ڪارو ڪوجهو.

۽ سڙيل ڪاميل چنڊ کي گهنگهور گهٽائن لڪائي ڇڏيو.

آسمان مان آب وسيو-

پر اندر جي آگ جلندي رهي، جلندي رهي.

مون اندرا کي سنسار جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڳولهيو.

پر وڇڙيل ساٿي ويو هليو.

مان بانورو.

ڪيس پڪاريندو رهيس، پڪاريندو رهيس.

۽ پوءِ منهنجي آتما اشانت ٿي اندرا جي انتظار ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي ليٽي پئي. (1962)

■

# توتان بند بدا ٿيو

ڪالهه،
وجي ۾ مان،
خاموش ڪمرو،
اداس ۽ ڪاري رات،
پپا.
جي پٽ.
پڙهو پپا؟
ها پٽ.
مونکي اسڪول ۾ ويهاريو نہ.
ڇهن سالن جو ٿيءُ تہ پوءِ
مان ڇهن سالن جو ڪڏهن ٿيندس؟
هن سال پٽ
خاموشي
پپا.
ننڊ نٿي اچيئي نہ؟
نہ پپا
بتي وسايان؟
نہ،
تہ،
منهنجي هنڌ تي ويهي پڙهو.
ڊپ ٿو ٿيئي؟
اون هون. ممي چوندي هئي. مان بهادر آهيان.

ها پٽ، تون بهادر آهين.

مميءَ کي پڳوان چو گهرائي ورتو؟

موڪليو به ته پڳوان هئس. پاڻ ئي گهرائي ورتائينس.

پوءِ پلا باهه ۾ ساڙي چو گُهراياائينس؟ ائين سڏي وٺيس ها نه. جيئن توهان مونکي سڏيندا آهيو.

وڏو ٿيندين ته اها ڳالهه سمجهائيندوسانءِ. هاڻي سمهي پئه.

ممي به سمهي پيئي هوندي نه؟

ها پٽ.

پڳوان مميءَ کي پٽ تي سمهاريو هوندو؟

نه وجي،

پلا پڳوان وٽ هنڌ آهي؟

ها.

ته پوءِ ممي به پلنگ تي ستي هوندي؟

ها.

مان به سمهان ٿو.

.......

ساڳيو ويران، وڻواڳ ڪمرو.

چنڊ ڪوجهو

تارن جا ديپ وسايل،

پپا.

چو وجي

ننڊ نٿي اچي.

ڪير پيئندين؟

نه،

مٺي ڪي زور ڏيان؟

نه،

پلا اچ ته ليوڊو راند ڪيون.

مميءَ جو وارو ڪير هلائيندو؟

راند ته پاڻ ٻئي ڪنداسين نه.

نه، مميءَ جو وارو مان هلائيندس.

چگو.

پپا

جي پٽ.

سايون ڳوٺون ممي ڪٽندي هئي نہ؟

ها.

ممي اسان لاءِ روٽي بہ پچائيندي هئي، چانھہ بہ ٺاهيندي هئي.

تون وارو هلاءِ.

مونکي سنان بہ ڪرائيندي هئي، هان نہ؟

ها.

روز ٻوهاري بہ پائيندي هئي؟

ها پٽ.

خاموشي.

ليوڊو راند نہ ڪنداسين پپا.

ڇو.

بس نہ.

يلا ننڊ ڪر.

توهان منهنجي پريم اچي ويهو نہ.

هان، اچي وٽ. بس.

ها، هاڻي آکاڻي ٻڌايو.

ڪھڙي؟

جيڪا ممي ٻڌائيندي هئي.

اَچي پريءَ جي؟

ها.

چگو.

ٻين پرين اَچي پريءَ جا پر ڇو ساڙي ڇڏيا؟

ڇو جو پل وچان هن ڳاڙهي بدران اڇو گلاب چني ورتو.

پوءِ؟

پوءِ ويچاريءَ کي سزا ملي. ٻين پرين سندس پر ڪپي، ڪيس پرستان مان ڪڍي ڇڏيو.

پوءِ ڇا ٿيو.

پوءِ هڪ راڪاس پرستان کي باهه ڏني. اَڇي پريءَ پرستان جي باهه کي پنهنجي لڙڪن سان وسايو ۽ آخر ۾ ٻين پرين گناهه معاف ڪري ڪيس پرستان جي راڻي ڪيو.

ممي به راڻي هئي نه پپا؟

ها پٽ، اسان جي گهر جي.

چڱو- منهنجو منهن مميءَ وانگر پنهنجي هنج ۾ رکو ته مان سمهي پوان.

..............

آفيس مان موٽيو آهيان،

سج ٻڏي ويو آهي،

۽ وڄي رهيا آهن سانجهيءَ جا پاڇا.

ڇا پيو ڪرين وجي؟

توهان لاءِ چانهه پيو ناهيان.

نه پٽ. باهه سان هٿ چراند نه ڪندو ڪر.

ته پوءِ توهان کي چانهه ڪير ناهي ڏيندو؟

مان هوٽل مان پي آيو آهيان. اڇي وٺ، تنهنجي لاءِ ٽافيون به آنديون اٿم.

ممي اسان کي ڏسندي هوندي نه پپا؟

ها پٽ.

ته پوءِ ممي ڇا چوندي، ته منهنجو وير بهادر پپا کي چانهه به ناهي نٿو ڏئي!

اوهه وجي، منهنجا سياڻا پٽ.

پپا.

جي.

مون ڏانهن ڏسو.

هان اڃي بس.

روئو پيا.

نه نه.

ڇي ڇي، روئندا ته ٻار آهن،

ته پوءِ توهان ڇو پيا روئو.

رئان ڪٿي پيو چريا، اک ۾ ڪک پئجي ويو اٿم.

مان ته ڪڏهن به نه رئندو آهيان.

۽ ان ڏينهن جو رنو هئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏينهن تہ پلا منهنجو چينيءَ جو تاج محل پڄي پيو هو. توهانجو پلا ڇا پڳو؟
ها. تنهنجو چينيءَ جو تاج محل پڄي پيو هو وجي. منهنجو الاءِ ڇا.

...........

ٻاهر،
طوفان، وڄ ۽ بارش.
اندر،
مان، وجي ۽ بادلن جي ڪڙڪاٽ جا آواز.
منهنجي ممي مٺي هئي نہ پپا؟
ها پٽ.
منهنجي ممي سٺي بہ هئي نہ؟
ها پٽ.
اشوڪ جي مميءَ کان بہ سٺي هئي نہ؟
ها.
تہ پوءِ دادي وڙهندي ڇو هئي مميءَ سان؟
نہ نہ. ڪٿي وڙهندي هئي.
ها، وڙهندي هئي.
رسي وئين!
ها، دادي ڪني آ- خراب آ.
چڱو چڱو.
خاموشي.
پپا.
جي پٽ.
وشا ڇا هوندو آهي؟
ڇا؟
وشا، ويشا.
ڇا؟ وئشيا!
ها پپا، وئشيا
نہ پٽ، سنا ٻار اهي اکر نہ پڇندا آهن. ڪٿان ٻڌا اٿئي؟
داديءَ کان.
داديءَ کان!

ها، مميءَ کي چيو هئائين، تون وئشيا آهين. رنڊي آهين.

ڪڏهن؟

جنهن ڏينهن مميءَ کي باهه لڳي هئي.

پيو ڇا چيو هئائينس؟

داديءَ چيو، تون وئشيا آهين، رنڊي آهين. اسان جي گهر ڇو آئي آهين. ڇيائين، شرم نٿو اچيئي. جيڪر سڙي مرين.

ڪڙڪاٽ،

گجگوڙ،

ڪنوڻ، بارش، آبشار،

پپا پلا رنڊي ڇا هوندي آهي.

نه وجي اهڙا اکر سنا بار نه پڇندا آهن.

مان ته رڳو پڇان ٿو. ٻڌايو نه.

نه وجي.

نه ته مان نه سمهندس.

ضد نه ڪر پٽ.

نه پپا. ٻڌايو نه؟ بس هڪڙو دفعو.

سياڻي.

هاڻي.

رنڊي سڀ کان سٺي عورت هوندي آهي.

هان!

ها.

پر منهنجي مميءَ ته سڀني کان سٺي هئي.

آواز.

شايد ڪٿي وڄ ڪري هئي. (1966)

■

# لاش

ڊاڪٽر اپريٽس سميت ڇوڪريءَ جي لاش تي جهڪيل هو. مون ڏانهن ڏسندي چيائين. ”ڇوڪريءَ جي جسم ۾ اڃا ساهه آهي. ان ڪري ڪيس لاش نٿو چئي سگهجي.“

مون آرام ڪرسيءَ جي پشت تان ڪنڌ ڪڍي ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو- ڊاڪٽر ٻن نرسن جي مدد سان ڇوڪريءَ کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مون اتڻ گوارا نہ ڪيو. مان ٿڪل هيس- بيحد ٿڪل! مان ان وقت پاسي واري ڳوٺ ۾ ٿيل خون جي جاچ ڪري موٽيو هيس. نوجوان جو قتل پنهنجي جاءِ تي هڪ راز هو. قاتل نوجوان کي ڪهاڙي سان ماري سندس ٻئي اکيون چاقوءَ جي تيز نوڪ سان ڪڍي ڇڏيون هيون. قتل واهه جي ڪپ تي ٿيل هو. جتان قدمن جا نشان ڳوٺ جي زميندار جي اوطاق تائين صاف ظاهر هئا. واردات کان هڪ ڏينهن اڳ زميندار شهر ويل هو. پر تنهن هوندي بہ نہ ڄاڻان ڇو منهنجو شڪ زميندار ۾ پختو ٿيندو ويو. مون شاهد جمع ڪرڻ شروع ڪيا. شاهد هاري ناري هئا. ان ڪري زميندار جي ڏوهہ جي پرده ڪري رهيا هئا. مفلسيءَ جا ماريل ۽ ڦهرجا ڪنبايل زبان کولڻ کان ڪيٻائي رهيا هئا.

هڪ شاهد ڏڪندي ڏڪندي زبان کولي تہ مقتول زميندار جي حويلي ۾ اندر ڪم ڪندو هو. پر جڏهن کان مقتول کي مڇن جي ساوڪ آئي ۽ سندس آواز بدلجڻ شروع ٿيو تہ ڪيس ٻاهر اوطاق ۾ ڪم تي لڳايو ويو. ۽ اڄ صبح جو سويل اهو نوجوان واهہ جي ڪپ تي قتل ٿي چڪو هو- جاچ ڪندي ۽ بيان قلمبند ڪرائيندي سانجهي ٿي وئي. ۽ پوءِ جڏهن پوليس اسٽيشن تي مس پهتس تہ هڪ پراڻي مندر جي کوهہ مان ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ جي لاش ملڻ جي خبر مليم.

ڇوڪري زندهہ هئي ۽ هينئر ڊاڪٽر ڪيس هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڇوڪريءَ اکيون کوليون ۽ ماحول کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڊاڪٽر ڪانئس نالو پڇيو. ڇوڪري چپن ۾ پنهنجو نالو ٻڌايو. مشير لکندو رهيو. ڊاڪٽر ڪانئس پيءُ جو نالو پڇيو ۽ ڇوڪريءَ جڏهن جواب ۾ پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌايو تہ مون کان ۽ منهنجي هيڊ ڪانسٽيبل کان ڇرڪ نڪري ويو. ڇوڪري

ساڳئي زميندار جي ڌيءَ هئي جنهن جي ڳوٺ ۾ خون جي واردات ٿي هئي. ڇوڪريءَ خودڪشيءَ جي جرم جو اقرار ڪيو.

منهنجي دل ۾ شڪ جاڳيو ته ڇوڪري جي خودڪشيءَ ۽ نوجوان جي قتل جو پاڻ ۾ ضرور گهرو لاڳاپو آهي. مون هيڊڪانسٽيبل کي اسپتال ۾ پهري لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ پاڻ رات جي تاريڪي ۾ ان شاهد وٽ آيس جنهن ڪجهه نه ڪجهه ٻڌايو هو.

شاهد سماج جي لاش جو ڪفن لاهي ڇڏيو. چوائين ته زميندار جي خاندان ۾ نياڻين جي شادي عيب آهي. ڪنوارين ڇوڪرين کي ڇٽن پٽن ۾ بند ڪرڻ کي وڏ ماڻپائي ۽ برتريءَ جو نادر نمونو سمجهن ٿا. فطرت ۽ قدرت جي امر کي آڏو اچڻ ۾ فخر ٿا پائن...... ۽ نتيجي ۾.....!!!! نوجوان مقتول جو لاش ساڳي اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليو ويو جتي ڇوڪري زير علاج هئي. شڪ يقين ۾ بدلجي ويو ۽ مان زميندار کي گرفتار ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيس. (1961)

■

# مڙدي ڳالهايو

منهنجي پاسي واري قبر سالن کان خالي هئي. مون کان اڳ شايد ڪنهن لا وارث کي دفن ڪيو ويو هو. بين مڙدن کان معلوم ٿيو ته ان لاش جو ڪفن، ڪفن چور لاهي ويا ۽ پوءِ جڏهن ماس هڏن کان ڌار ٿي ويو ته هڏا ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد تجربن ۽ تحقيق لاءِ کڻي ويا. ان وقت کان قبر خالي هئي. پر ڪالهه رات هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو.

هڪ اڌڙ عمر جو شخص جنهن کي اجا سيني ۾ ساهه هو، لڪندو ڇپندو، هڪ ڳوري ڳوڻ ڪلهي سان لٽڪائي، سهڪندو سهڪندو ان قبر جي قريب "ڦان" ڪري ڪري پيو. پيشاني تان پگهر اگهي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. اونده انڌوڪار ۽ قبرستان جي مڪمل خاموشي ۾ سندس ساهه جي سهڪي کان سواءِ هيبت ناڪ ماٺ هئي. مون قبر جي وٽ مان ڏانهس نهاريو. بدن ۾ ڏاند جهڙو هو. پر پيٽ ڪجهه سرس نڪتل هيس. اکيون عيار ۽ پرون پاڻ ۾ ڳتيل هيس. ضرور ڪو قاتل هو يا ڌاڙيل هو. مهانڊن مان ته ائين پئي لڳو! مان ڪيس قبر جي وٽ مان جاچي رهيو هيس ۽ هو منهنجي نگاهن کان بيخبر رهيو.

جڏهن ڪيس پڪ ٿي وئي ته ڪيس ڏسڻ وارو ڪوبه نه هو. تڏهن نهايت احتياط سان ڳوڻ آهستي آهستي قبر ۾ لاٿائين. ڳوڻ هڪ "ڇمڪي" سان قبر جي خالي پيٽ ۾ سمهي پئي. ڇمڪي جي آواز مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه هو ته ڳوڻ ۾ سڪا ۽ سون پريل هو. مان حيران رهجي ويس. جاڻ هيم ته قبرانهن لاءِ هوندي آهي جيڪي هن سماج جا بيڪار فرد هوندا آهن يا جن جي هن سوسائٽي ۽ معاشري کي ضرورت نه هوندي آهي. پر دولت! دولت ته انسان ذات جي تحرڪن جو اهم سبب آهي! مون کان رهيو نه ٿيو. پڇيومانس:

"ڪير آهين؟"

جڻ ته وڃوءَ ڏنگيس- ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪنبي ويو. اونده ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهورڻ لڳو. جڏهن ڪيس ڪجهه نظر نه آيو ته پاڻ سان پاڻ پٽڪيو:

”اجايو وهم اچي ورايو آهي، هوندو وري ڪيرا!“

وڏي آواز ۾ چيومانس ”مان آهيان، مان.“

هڪدم قبر ڪي ٽڪڙو ٽڪڙو متيءَ سان پوريندي چيائين ”جي جن آهين ته پرواهه ناهي. پر جي انسان آهين ته پستول جون پنج گوليون مغز ۾ لڳنديءَ.“

مون وراڻيو ”مان انسان آهيان.“

”ته پوءِ خبردار ٿي.“ هن پستول هٿ ۾ ڪندي پڇيو. ”ڪٿي لڪل آهين؟“

”مان ته پنجاهه سال اڳ مري چڪو آهيان.“ مون وراڻيو.

رڙ ڪري چيائين- ”مون کي بيوقوف نه بناءِ- ڏسين ٿو هيءَ دولت دنيا کي بيوقوف بنائي هٿ ڪئي اٿم.“

”مان سچ پچ مئل آهيان.“ مون قبر جي وٽ مان هڏائون هٿ ٻاهر ڪڍيون.

اوندهه ۾ هڏن جون آڱريون صاف ظاهر هيون. هن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ڪنبندي ڪنبندي روالور هٿ مان ڇڏائجي ويس. رڙ ڪري پڇيومانس.

”ڪير آهين“.

”مان سون جو واپاري آهيان.“ ڏڪندي ڏڪندي وراڻيائين.

مون رعب دار آواز ۾ وري ڪانئس پڇيو. ”۽ هيءَ دولت ڪيئن هٿ ڪئي اٿئي؟“

”ملاوٽ سان.“ ساڳي حالت ۾ جواب ڏنائين.

”لڪائين ڇو ٿو، ضرورت کان زيادهه اٿئي ڇا؟“ مون هٿ هوا ۾ لوڏيندي چيو. هو منجهي پيو. وٽس جواب نه هو.

”گهرج آهر هجيئي ها ته گهر ۾ رکين ها. ضرور ضرورت کان زيادهه اٿئي.“

مون هڪ تازي قبر ڏانهن اشارو ڪندي ڳالهايو. ”هن قبر ۾ ڪالهه هڪ نوجوان عورت جو لاش رکي ويا آهن. مون کي پاڻ ٻڌايائين، ته غريب هئي. اڄ ڪالهه غريب عورت جي جواني به رستي جو گل آهي! جنهن به مٿس رحم ڪاڙو، تنهن کيس لٽيو. هڪ رات جو ساٿي ته کيس سيئي مرد بنائڻ لاءِ تيار هئا. پر سچي عمر جي رفاقت کيس ڪنهن به نه ڏني. اها ئي، تنهنجي ضرورت کان زيادهه دولت کيس لٽيندي رهي. ان دولت هڪ عورت کي ماءُ ٿيڻ نه ڏنو. کيس پيٽ ٿيڻ نه ڏنو ۽ نه ئي رفيقه حيات. ان دولت کيس وئشيا بنايو- ۽ آخر کيس خودڪشي تي مجبور ڪيو.“

”ته مان ڇا ڪيان.“ هن بيزاري لڪائيندي چيو.

”هي ڳوڻ ڪٽي پنهنجي سماج جي مجبور انسانن وٽ وڃ. هيءَ دولت مفلسن جي بهبوديءَ لاءِ خرچ ڪر.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هيءَ منهنجي دولت آهي.“ هن لالچ ۽ ڏپ جي مليل جليل احساس سان چيو.

”يلا پيٽ ۾ به دولت لڪائي اٿئي ڇا!“ مون سندس مٽ جهڙو پيٽ ڏسندي پڇيو.

هن کان رهيو نه ٿيو چيائين. ”ڏاڍو بدتميز مڙدو آهين! ڪير آهين؟“

مون وراڻيو- ”مان سيٽ ستار آهيان.“

هن حيرت مان رڙ ڪئي- ”هيرن جو واپاري!“

”ها.“ مون هڪدم هٿ ٻاهر ڪندي چيو- ”۽ پاڻ سان ڪجهه به نه آندو اٿم.“

ان وچ ۾ هو قبر بند ڪري چڪو هو. آهستي چيائين- ”تو به ته ڏاڍي دولت گڏ ڪئي هئي.“

”ها، اڄ ان تجربي مان ڳالهائي رهيو آهيان. ورنه مان ته توکان به وڌيڪ رهزن هيس.“

هڪدم ٿهڪ ڏيئي وراڻيائين. ”مان به مرڻ کان پوءِ تو وانگر تبليغ ڪندس. هينئر ته زندگي جا عيش لٽڻ ڏي.“

منهنجو وات بند ٿي ويو. ويندي ويندي رڙ ڪري چيائين- ”دولت جو خيال رکجانءِ.“ (1962)

■

# تنهائي

هيءُ منهنجو ڪمرو آهي. اڄ ڪان چار سال اڳ هن ڪمري جي هر شي آراسته نظر ايندي هئي. پلنگ تي چانڊوڪيءَ جهڙي چادر وڇايل هوندي هئي. ڪتاب ريڪ ۾ ترتيب وار رکيل هوندا هئا. هر وقت ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي، ڪشيده ڪاريءَ وارو ڪور چڙهيل هوندو هو. ڇت سهڻي ۽ پٽيون صاف هونديون هيون. پر اڄ ته هر چيز تي اُداسي ڇانيل آهي. پٽيون ميريون ٿي چڪيون آهن ۽ ڇت تي جا بجا ڄارو لٽڪي رهيو آهي- پلنگ جي چادر طويل مدت ڪان ميري ٿي چڪي آهي پنهنجي بي پرواهي جي تحت ان کي بدليو به نه اٿم- ڪتاب منتشر پيا آهن- ڪجهه پلنگ تي، ته ڪجهه الماڙيءَ مان جهڪندا اچي هيٺ فرش تي پيا آهن- هر سامان تي مٽيءَ جي چادر چڙهيل آهي- البته ٽيبل اڳيان رکيل ڪرسي دز ڪان بچيل آهي- ڇو جو ڪالهه رات ان ڪرسي تي ويهي، پنهنجي ماضيءَ جا حالات لکيا اٿم..... ماضي..... ۽ ....... ماضيءَ جا حالات.

مان به ڪڏهن ڪلي سگهندو هوس- منهنجي چپن تي به مرڪ آئي هئي. مون به هوائن ۾ ڪنهنجو پيغام ۽ چنڊ ۾ ڪنهنجي صورت ڏٺي هئي. لهرن جي خوشگوار گوڙ ۾ مڌر ملن جا گيت ٻڌا هيم. جڏهن هن مونسان ڪڏهن به جدا نه ٿيڻ جو واعدو ڪيو هو- لهرن جو راڳ اڄ به منهنجي ڪنن ۾ گونججي رهيو آهي.

"زهره"

"هون"

"لهرن جو راڳ ٻڌ."

"لهرن جو؟" هن منهنجي نگاهن ۾ ڏسندي چيو.

"ها زهره- لهرن جو راڳ. اڄ هي موجون پاڻ ۾ سرگوشيون ڪري رهيون آهن." هن منهنجو سهارو وٺندي پاڻي مان پير ٻاهر ڪڍيا.

"اف.... توکي ته سڄي ڪائنات ڳالهائيندي نظر ايندي آهي."

"ها زهره، هن ڪائنات ۾ تنهنجو حسن آهي. هن ۾ تنهنجا گيت آهن..... پري تون نٿي ڄاڻين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا"

"تہ تون هن ڪائنات جي شهزادي آهين."

"۽ جيڪڏهن مان هنن لهرن ۾ گم ٿي وڃا تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟"

"مان اشڪ ٿي هنن لهرن ۾ سمائجي ويندس."

"اوه اختر- تون ڏاڍو چريو آهين."

۽ پوءِ جڏهن هوءَ واري جي دڙن تان منهنجو سهارو وٺندي "سيبريز" ريسٽورنٽ ۾ پهتي تہ تيز هوا هن جي وارن کي بي ترتيب ڪري ڇڏيو هو. هن ايزي چيئر تي ويهندي پنهنجن پريشان زلفن کي سنڀاليو- ۽ مان هن جو بي پناهہ حسن ڏسندو رهيس.

"زهره"

"جي"

"زهره مان توکان سواءِ ڪيئن جي سگهندس!"

"اختر" هن مونکي پرنم نگاهن سان ڏٺو.

"ها- زهره"

"پر اختر، تقدير جي نہ تنهنجي وس ۾ آهي، ۽ نہ منهنجي."

"مان تقدير جو قائل نہ آهيان. مونکي فقط تنهنجي واعدي تي اعتبار آهي...... جيئڻ ۽ مرڻ جو واعدو"

"اهو تہ مون توسان ڪري ڇڏيو آهي."

"توکان وڇڙي مان هميشہ ڀٽڪندو رهندس. هر صبح جو سج ايرندو، پر منهنجي مقدر جي تاريڪي ڪڏهن دور نہ ٿيندي."

۽ اڄ مان تاريڪين ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. تنهائي منهنجي هم سفر آهي. زهره جي ياد دکي دل جو سهارو! زهره هميشہ لاءِ مونکي تاريڪين ۾ ڇڏي. روشن دنيا ۾ هلي وئي. سج تہ هر صبح جو ايرندو آهي. پر منهنجي ڪمري ۾ اوندهہ رهندي آهي.

زهره ٻئي ڪنهن شخص سان زندگي گذارڻ تي آپگهات کي ترجيح ڏني. مان ڇو نہ ڪنهن عورت سان زندگي گذارڻ تي آپگهات کي ترجيح ڏيئي سگهيو آهيان؟ (1959)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن جڳ ۾

پراڻي اسٽيشن ويٽنگن اسانجي گهر ٻاهران اچي بيٺي. ڊاڪٽر هيرانند پنهنجي لڪڻ جي آڌار تي ويٽنگن مان ٻاهر آيو. مونکي سڏي پڇيائين، "پڙهين آهي؟"

مون ڪنڌ لوڏي "ها" ڪئي ته چيائين، "جلدي وٺي اچينس."

ڪيس ڪمري ۾ ويهاري مون ڏانهس حيرت مان ڏٺو. پوءِ پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجن ڪپڙن ڏانهن ڏٺم. مونکي اڇي پتلون، اڇي قميص ۽ ڪرڪيٽ جو بوٽ پاتل هو. هونءَ، ڊاڪٽر منهنجي جسم تي اهڙا ڪپڙا ڏسي خوب ٺٺوليون ڪندو هو. غور سان نهاريم ته ڊاڪٽر پريشان ڏسڻ ۾ آيو. ڪنهن اونهي ويچار ۾ غلطان هو. گذريل هفتي بمبئيءَ وڃڻ کان اڳ بابا سان ملڻ آيو هو. تڏهن به مونتي خوب چٿرون ڪيون هئائين. پڇيو هئائين، "مهِچ تان موٽيو آهين؟"

"ها چاچا، اسين پختي پوزيشن ۾ آهيون."

بابا چيو، "ڪالهه هنجو فوٽو اخبارن ۾ آيو هو. پنهنجي ڪاليج طرفان سينچري ڪئي هئائين."

"ها چاچا، مون 140 رنسون ڪيون هيون."

"هڪ سو چاليهه رپيا ڪمائي ڏيکار ته خبر پوي. هنن سڪين رنسن بنسن مان ڪجهه نه ورندءِ."

مان ته ڪامي ويس. سهندي چيم، "هن سال مان ڪراچي يونيورسٽي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪئپٽن به ٿيندس."

"ساڳي چريائي. اڙي پوڪ ڪئپٽن ٿيندين ته ڪو تير ته ڪونه هڻندين. هڪ اٺين ڏهين رپئي وارو ڪپ، هڪ بليزر ۽ هڪ سينچري، بس. ٽڪا ته نه ڪمائيندين؟"

"ڊاڪٽر صاحب، منهنجي هن پٽ کي ته فقط ڪرڪيٽ جو شوق آهي. پنهنجن وڏن ڀائرن وانگر بزنيس مائينڊيڊ (واپاري) ناهي."

"هڪ ڏينهن ضرور پڇتائيندو. توهان به ته ڪيس آرٽس ڪڍائي آهي. منهنجن ٻارن وانگر ڪا ٽيڪنيڪل لائين ڪڍايوس ها ته سڪي به ها ته ڪمائي به ها."

"هنجي مٿي ۾ اٽ آهي. چيائين مان ايم - اي ڪري ڪنهن ڪاليج ۾

پڙهائيندس، ڪرڪيٽ کيڏيندس ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪندس."

"بيوقوفي، نج بيوقوفي. هن صنعتي (هنري) دور ۾ اهي ڳالهيون چريائيءَ جون نشانيون آهن."

"پر هنکي ڪير سمجهائي."

"هيڏانهن اچ." ڊاڪٽر صاحب مونکي پنهنجي سامهون ويهاريندي چيو. "منگهي ۽ وشني کان سبق سک. ٻنهي مان ڪوبه ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪئپٽن نه هو. ڊرامن ۾ به ڪم نه ڪيائون. اڄ ٻئي لنڊن ۾ هزارين پائونڊ ڪمائين ٿا ۽ هندستان ۾ بزنيس ڪن ٿا. قل به نه مليو اٿن. ٻنهي جا سهرا ڪروڙپتي آهن. شاديءَ ۾ جام رپيا مليا اٿن."

"اهو رواج اسان مسلمانن ۾ به زور وٺندو ٿو وڃي. اڄ ڪرڪيٽ جي ڪڏ پيو آهي نه پوءِ نه ملندس جوءِ ۽ نه ملندس وڏ گهراڻو سهرو."

ٻنهي جي دليل آڏو هارائيندي چيم، "دنيا ۾ دولت ئي سڀ ڪجهه ناهي."

"آهي،" ڊاڪٽر صاحب ذري گهٽ رڙ ڪئي، "دولت ئي سڀڪجهه آهي. عزت آبرو، نالو ناموس، سڀ دولت سان آهي. منهنجو ٽيون نمبر پٽ گوبند لنڊن مان ميڪنيڪل ڊگري وٺي بمبئي مس پهتو آهي، ته هن لاءِ رشتا به اچڻ لڳا آهن. اڌ لک جي آڇ به آئي آهي، پر مان وڏي موڙي لاءِ ترسيل آهيان."

"چڏيو هن اڙٻنگ کي." بابا چيو.

"مان گوبند جي ڳالهه پڪي ڪرڻ لاءِ سياڻي بمبئي وڃي رهيو آهيان. ڳالهه بيهاري، وات منو ڪرائي ڪراچيءَ موٽي ايندس."

"۽ ڪملا جو ڇا ٿا ڪريو؟"

"گذريل مهيني ڪملا ٽيهن سالن جي ٿي آهي. ڀڳوان جي ڪريا سان مٿن راس جو منحوس اثر متانئس ختم ٿيو."

اها ڳالهه مون لاءِ عجيب هئي. پڇيم، "سائين، انسان جي قسمت گرهن جي هٿ وس آهي ڇا؟"

"تون نه صفا چريو آهين پائي." ڊاڪٽر صاحب وراڻيو. "مهراج چيو هو ته ڪملا جي شادي جيڪڏهن ٽيهن جي ڄمار کان اڳ ٿي، ته پوءِ مٿن راس جي منحوس اثر ڪري پاڻ مري ويندي يا سندس پتي مري ويندو."

"ائين آهي ڇا؟"

"توکي بيٽ بال جي ٽوٽا ڪانسواءِ ٻي ڪا ڄاڻ به آهي؟"

مان ماٺ ٿي ويس. بابا چيو "پر ڊاڪٽر صاحب، ڇوڪريءَ لاءِ ٽيهه سال

بابا وڌيڪ ڪجھ نہ چيو. ڪمري ۾ مڪمل خاموشي رهي. ڊاڪٽر صاحب لڪڻ تي زور ڏيئي اٿي بيٺو. سندس عمر اڳ ڪان وڌي محسوس ٿي رهي هئي. اڳ وانگر ڦڙت بہ نہ ٿي ڏٺو. چيائين، ”مان وڃان ٿو.“

بابا اٿندي چيو ”اڄ رات مان توهان وٽ ايندس. سوچيندا سين. الله ڪندو ڪا راهہ نڪري ايندي.“

بابا ڪيس وڱڻ تائين ڇڏڻ ويو. ڊاڪٽر صاحب فٽ بورڊ تي قدم رکندي چيو ”دولت سان سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو پر وقت جي چنتا آهي. ڪملا جي عمر جي اچا بہ وڌي ويئي، تہ رقم بہ وڌيڪ گهرندا. بزنس مئن ڇوڪرو هٿن مان نڪري ويندو. عمر وڌي، موڙي گهٽ، سنو ور وري هٿ نہ ايندو.“

ڊاڪٽر صاحب بابا سان هٿ ملائي هليو ويو. بابا اندر آيو. مون ڏانهن ڏٺائين، منهنجي ڀيڻ ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي، ڳورن قدمن سان پنهنجي ڪمري طرف هليو ويو. (1965)

■

# انصاف جي ڳولا

سنڌ جو مشهور، هر دلعزيز عوام جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد زميندار خان الله داد خان ڏمچر هڪ ٽائوٽ سان ڳالهائي رهيو هو. جيئن ”استاد“ پيشو ڪرائيندڙ عورتن لاءِ گراهڪ ڳولي ايندا آهن، تيئن ٽائوٽ وڪيلن لاءِ اصيل هٿ ڪندا آهن ۽ اصيلن کي وڪيلن جي حوالي ڪري پنهنجي ڪميشن وٺندا آهن. ٻڌجي پيو ته اڄڪلهه سرڪار پاران ٽائوٽن تي بندش وڌي ويئي آهي. والله اعلم بثواب.

عوام جي نمائندي ۽ قومي خدمتگار خان الله داد خان ڏمچر ٻاويهون خون ڪرايو هو ۽ فڪرمند هو. اصل ۾ هن فقط اٺ خون باقاعدي ڪرايا هئا ۽ تيرهن ڄڻن کي انڪري مارايو هئائين. جو اهي تيرهن مقتول اٺن خونن جا شاهد هئا. ٻاويهون خون ڪرائڻ ڪانپوءِ خان الله داد خان ڏمچر فڪرمند ان لاءِ هو جو ان خون جو شاهد پڇجي ويو هو. ٽائوٽ دلداري ڏيندي چيس، ”پڇي ڪيڏانهن ويندو! جنهن به حصي ۾ وڃي لڪو هوندو، اتي مارائيندا سينس. اسانجو وڪيل صاحب جناب ع غ برفي وڏي پهچ وارو آهي. ڪنهن به صوبيدار کي اشارو ڪري ڇڏيندو ته شاهد جا ٽپڙ ٽيشڻ تي هوندا.“

”پلا جج سان رهائي اٿس.“ خان ٽائوٽ کان پڇيو.

”ڏاڍي“، ٽائوٽ چيو، ”جنهن مئجسٽريٽ صاحب وٽ پنهنجو ڪيس آهي سو ته اسانجي وڪيل صاحب جو جڙ يار آهي. ٻئي پيالي ياڻي آهن. سڄي سڄي رات رمي ڪندا آهن. پيئندا آهن ۽ هڪ ٺي ڪمري ۾ رنن سان سمهندا آهن.“

خان الله داد خان ڏمچر ان انڪشاف تي ڏاڍو خوش ٿيو.

ٽائوٽ رئيس کي قابو ڪرڻ لاءِ چيو، ”جنهن حد جي ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل آهي تنهن جو صوبيدار ته اسان جي وڪيل جو پڳ مٽ دوست آهي. وڪيل صاحب جي چئي ۾ آهي. جنهن کي وٽينس تنهن کي ڪاٺ ۾ هٺي ڇڏيندو آهي. مجال آهي جو ڪو چون چرا ڪري.“

خان الله داد خان ڏمچر ٻاويهين خون ۾ پنهنجي بچاءَ لاءِ جناب ع غ برفيءَ کي وڪيل ڪيو. (1968)

# ڪشمڪش

هو مهيني ڪان پوءِ ڪاليج آيو هو.

سندس ڏاڙهي وڌيل هئي. وار منجهيل- اکين جي چوگرد ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوريءَ جا ڪارا حلقا. ڪپڙا ميرا ۽ بي ترتيب هيس- سندس جسم بخار ۾ پچري رهيو هو.

هو پيٽ جو سهارو وٺي ورانڊي ۾ پهتو. پيرڊ شروع ٿي چڪا هئا. هن ڪلاس ۾ وڃڻ مناسب نه سمجهيو. وقت ڪاٽڻ لاءِ هو نوٽس بورڊ ڏسڻ لڳو. امتحان ۾ ٽي مهينا پيا هئا ۽ امتحان جي في پنجاهه رپيا هئي. جا اڳين مهيني جي ويهين تاريخ تائين ڏيڻي هئي. پنجاهه روپين جي تقاضا ڪيس سوچ ۾ وجهي ڇڏيو. مهيني جي خرچ مان پنجاهه روپيا بچائڻ هن لاءِ ناممڪن هو. ڇا پنجاهه روپين لاءِ ڇئن سالن جي محنت رائگان ٿي ويندي. هن سوچيو- ڇا هو ڪڏهن به گرئجوئيٽ ٿي نه سگهندو؟ پنهنجي مفلسي جي مدنظر هن نوڪري پڻ ڪئي هئي. پر هڪ سو هڪ روپين مان پنجاهه روپيا هو ڪيئن بچائي سگهندو! هن دفعي ڪيس هاسٽل جي في، ڪاليج في ۽ ڊاڪٽر جي بل ڪانسواءِ ڪجهه ڪتاب پڻ وٺڻا هئا. آفيس تائين بس جو ڀاڙو به ڏهه روپيا ڪن هو. پر انهن ڪانسواءِ به دنيا ۾ انسان کي پيسن جي ضرورت پوندي رهي ٿي! ٻيا به نه موقعا پيسا خرچ ڪرڻ جا آهن. هن کي هڪ بوٽ جي پڻ سخت ضرورت هئي. آخر هو ڇا ڪري! ۽ هن سچ پچ محسوس ڪيو ته زندگيءَ جو ٻيو نالو ڪشمڪش آهي.

هو ٿڙندڙ قدمن سان ڪاليج گارڊن ۾ آيو. سرد هوا جو هڪ تيز جهوٽو هن جي ڪمزور جسم سان لڳو ۽ هن پنهنجي پراڻي ڪوٽ جي ڪالر ڪڙي ڪري ڇڏي. سرديءَ ساون وڻن کي سڪائي ڇڏيو هو. ۽ هو تارين مان ڇڻل پنن تي ويهي رهيو. هن پاسي ۾ بيٺل نم کي ڏٺو جنهن جا پن ڪجهه ته ڇڻي ويا هئا ۽ ڪن کي سيءَ زرد ڪري ڇڏيو هو...... هن سوچيو- مان به زرد ٿي چڪو آهيان........ مون کي به هي سرد هوائون سڪائي ڇڏينديون، ۽ منهنجي بدن ۾ ڊوڙندڙ خون خشڪ ٿي ويندو- مان

هميشه لاءِ سمهي پوندس........ هي سڪل پن منهنجو ڪفن هوندا ۽ ستارا قبر جو ڏيو.

هو ٻانهون مٿي هيٺان ڏئي ليٽي پيو ۽ سڪل پن هن جي وزن سان ٽڙ ٽڙ ڪري خاموش ٿي ويا. ۽ هن محسوس ڪيو ته هو به زماني جي بار هيٺان دٻجي ويندو..... ابتر حالتون هن کي ڪڏهن به زنده رهڻ نه ڏينديون. ڇا مان مري وڃان! هن سوچيو نه.......... نه. هن کي جيئرو رهڻو هو- هن سان والدين جون لاتعداد اميدون وابسته هيون. هن والدين جي غريبيءَ جي مدنظرهت اچي نوڪري پڻ ڪئي- ۽ ڪائنڻ ڪجهه به نه گهرائيندو هو. ڇا هو مري وڃي! نه..... ڪڏهن به نه. هن جو موت هن جي والدين جي خوابن جو موت هوندو. هن جي ڪراڙي ماءُ، جنهن اڪثر پٽ کي خواب ۾ سهڻي ۽ چمڪيدار موٽر ۾ سفر ڪندي ڏٺو هو، سا پاڳل ٿي ويندي ۽ حسين خواب جي اهڙي خطرناڪ تعبير کي هوءَ ڪڏهن به برداشت ڪري نه سگهندي. هن کي زنده رهڻو هو.

۽ پريان ڇوڪرين جي هڪ گروهه جي ٽهڪن هن جي خيالن کي منتشر ڪري ڇڏيو ۽ هو ماحول کي معطر ڪنديون هن وٽان گذري ويون. انهن ۾ نجمه به هئي، جنهن هن کي ڏسي منهن موڙي ڇڏيو ۽ ڇهڪندي، هلي وئي. هو بيچين ٿي ويو. اڄ هو مهيني ڪانپوءِ ڪاليج ۾ آيو هو- نجمه ڇو منهن موڙي ڇڏيو؟ نجمه هن سان محبت نه ڪندي هئي، پر مخلصانه گفتگو ته ڪندي هئي. اڄ اها گفتگو ڪيڏانهن وئي. ۽ اوچتو هن جي نظر پنهنجي ڇڳل چمپل تي پئي........ ۽ پوءِ هن پنهنجو پراڻو ۽ ڪالر وٽان ڦاٽل ڪوٽ ڏٺو...... ۽ هن جي چپن تي زهريلي مرڪ اچي وئي. هن سوچيو نادان! تون رستي جو پٿر آهين...... تنهنجو وجود شادمانين ۾ درد ڀري گيت کان زياده مختلف ڪونهي.......

خالد موٽي هاسٽل آيو ۽ زور سان اکيون پوري اونڌي منهن کٽ تي ليٽي پيو.... هن نٿي چاهيو ته سندس لڙڪ وهي نڪرن..... ۽ پنهنجي مشڪلاتن تي عورتن وانگر لڙڪ وهائي. ڇو جو هو بزدل نه هو. ۽ گهڻي دير کان پوءِ جڏهن هن جي سيني ۾ سور جو زور گهٽ ٿيو. ته هن پنجاهه روپين جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. هو بخار جي حالت ۾ پڻ آفيس ويندو رهيو هو..... پر هڪ سو ڇهن روپين مان پنجاهه روپيا في لاءِ بچائڻ هن لاءِ ناممڪن هو. ۽ هيئنر هن فيصلو ڪيو ته مهيني اڌ لاءِ هو رات جو به ڪم ڪندو. ان ڪم ۾ دراني‌ءَ به هن جي مدد ڪئي. ۽ کيس هڪ مقامي اخبار ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ نوڪري ملي ويئي.

صبح کان شام تائين آفيس ۽ شام کان رات تائين پريس. هنجي زندگي مستقل مشين بنجي وئي. هنجي دوا پڻ دراني وٺي ايندو هو ۽ خيراتي اسپتال جي ٻاڙهي دوا سان ڀريل بوتل ڏسي هنجي خشڪ چپن تي مرڪ اچي ويندي هئي. هنکي خبر هئي ته ٻاڙهي دوا ۽ اڇين پڙين ۾ ڪوئنين ڪانسواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي. پر هو

ان ڳالھ تي ٺي راضي هو ته دوا مفت جي هئي. مفت ۾ ڪوئنين نه، ته ڇا اڪونائيٽ ۽ نيٽرم سلف ملندو......!

وقت ويندو رهيو ۽ ڪوئنين اثر ڪندي رهي. سندس اکين جي چوگرد دردناڪ ڪارا حلقا گهرا ٿيندا ويا. پر هن جي همت پختي رهي. هو ڪاليج جي پوئر بوائز فنڊ مان چندو وٺي سگهيو ٿي. پر نه. ائين ڪرڻ سان هن جو نالو نوٽس بورڊ تي اچي ها ۽ ڪاليج جا اڍائي هزار شاگرد هن جي ڪمزوري مان واقف ٿين ها- ۽ نجمه پڻ هن کي پينو سمجهي ها. نجمه سان هو خاموش محبت ڪندو هو. نجمه عرش هئي ۽ هو فرش. تنهن هوندي به هو نجمه کي چاهيندو هو- زمين جي خاڪ آسمان سان دل لڳائي هئي.

جڏهن رات جو مشين جي گڙ گڙاهٽ هن جي مغز تي هٿوڙا هلائيندي هئي، جڏهن ڪرسيءَ تي ويهندي ويهندي هن جي چيلھ ۾ درد جاڳندو هو ۽ جڏهن ننڊ ڪان هن جي اکين ۾ سيون چڀنديون هيون، تڏهن هو دل کي آٿت ڏيندو هو ته، هو جلد گريجوئيٽ ٿيڻ وارو آهي ۽ پوءِ هن کي ڪو وڏو عهدو ملندو. هو اوچا اوچا ڪپڙا پائيندو ۽ نجمه سان هم ڪلام هوندي ڪڏهن به احساس ڪمتريءَ جو شڪار نه ٿيندو. هو نادان سپنا ڏسي رهيو هو. خواب ۾ هو پنهنجي والدين جا دعا لاءِ اٿيل هٿ ڏسندو هو ۽ هن جي همت زور پڪڙيندي هئي.

پگھار جا هڪ سو ڇھ روپيا، پريس مان مليل سٺ روپين سان ملائي هن بار بار ڳڻيا ۽ ائين ڪرڻ سان هو پاڻ کي هينري فورڊ تصور ڪرڻ لڳو..... ڪاش! مهيني جي هر تاريخ پهرين تاريخ هجي. هن جي دل ۾ احمقانه خيال آيو ۽ پوءِ هلڪو ٺهڪ ڏئي بوري بازار ۾ هليو ويو. بي مقصد ٻه چار چڪر ڏيڻ ڪانپوءِ هو ايلفيءَ تي هليو آيو. زندگي ۾ پهريون دفعو هن کي رنگين ڪپڙن ۽ ميڪ اپ سان ٺقيل ڇهرن ۾ ڪشش محسوس ٿي ۽ هن محسوس ڪيو ته هو به جوان آهي.

ڪجھ دير رلڻ ڪانپوءِ هو ڪيپيٽل وٽ پارڪ ٿيل موٽرن اڳيان اچي بيٺو. مختلف نالن سان هر رنگ ۽ هر ماڊل جي ڪار بيٺل هئي. گنل ۽ پراڻيون موٽرون ڪيس بلڪل پسند نه آيون ۽ سڀ ڪان وڌيڪ هن کي ڪاري رنگ جي ڪيڊلڪ وڻي. پر ان جي پاسي ۾ اچي شورليٽ پڻ بيٺي هئي ۽ هو سوچ ۾ پئجي ويو ته هن کي ڪهڙي ڪار وٺڻ گهرجي. ها، ته پرنس آف ويلس جلد فيصلو ڪر- ڪيڊلڪ پسند اٿئي يا شورليٽ -! ۽ او نظام دکن سامهون ڏس- سرخ رنگ واري ڪارنئين اٿئي ۽ هلڪي سائي رنگ واري ڪار شايد مرڪيوري آهي! او هينري فورڊ، جلد فيصلو ڪر..... ڪهڙي ڪار وٺندين. تون ته قارون شڪن آهين- حاتم طائي اڄ ضرور قبر ۾ ڦتڪندو هوندو. ترسو! هن پنهنجي خيالن کي چيو- هز رائل هائنس ڪنهن هوٽل ۾ ان جو فيصلو ڪندا.

۽ هو سڄ پچ شاهانه انداز ۾ هلندو ڪيوالٽيءَ وٽ پهتو. اڄ هو هر لحاظ ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجين آني واري چاءِ پيئڻ جي قابل هو. ورنه ڪيس ملباري هوٽل تي سليماني ڪڙڪ چاءِ پيئڻ جي عادت هئي. هو پنهنجن خيالن ۾ گم هو ته هن کي ڪنهن جي آواز هوش ۾ آندو. برائون سوٽ ۾ ملبوس نعيم، نجمه سان گڏ بيٺو هو ۽ هن جي چپن تي مرڪ هئي، جنهن جو مفهوم هو سمجهي نه سگهيو.

”هلو خالد- ڪافي پئندين.“ هن جي لهجي ۾ هٺ ۽ دولت جي جهنڪار هئي.

خالد جي تن بدن ۾ باهه لڳي وئي. هو غريب هو ته ڇا ٿيو. هن وٽ به هڪ حساس دل هئي. جنهن ۾ غيرت جو معدو پڻ موجود هو. نعيم جو لهجو اهڙو هو جڻ خالد ڪڏهن به ڪافيءَ جو نالو نه ٻڌو هو. هن تلخ لهجي ۾ چيو- ”ڪافي ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟..... مان..... مان ته وسڪي پيئڻ آيو آهيان.“

۽ هو تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو هليو ويو. هنجي ذهن ۾ چڻگيون هيون- طوفان هيو ۽ اہرنڊڙ فولاد هو! باهه ۽ پاڻي، بک ۽ عشق، انهن جو ڪڏهن به پاڻ ۾ ميلاپ نه ٿيو آهي. هو سوچي رهيو هو. هتي هر شئي جي قيمت پئسي سان ادا ٿئي ٿي.

هو سڄي رات ماهي بي آب وانگر ڦٿڪندو رهيو. ان رات هن کي پنهنجي غريبي بيحد محسوس ٿي رهي هئي. پيسن سندس ۽ نجمه جي دلين ۾ هڪ وڏي ديوار اڀي ڪري ڇڏي هئي. نجمه ڪڏهن به هن جي خاموش محبت محسوس ڪري نه سگهي.

صبح جو هن نيرن به نه ڪئي ۽ فارم ڀري ڪاليج ۾ هليو ويو. امتحان جي في ڏيڻ لاءِ اڳ ئي ڪافي شاگرد قطار ۾ بيٺا هئا ۽ هو به بيهي رهيو. مستقبل جا حسين خيال ۽ گريجوئيٽ ٿيڻ جي تمنا به هن جي دل تان اداسي دور ڪري نه سگهي.

ڪائونٽر وٽ اچي هن فارم ڏنو. ڪلرڪ فارم وٺي پيسن لاءِ هٿ وڌايو.... ۽ خالد پينٽ جي هڪ کيسي ۾ هٿ وڌو... خالي....... پيو. خالي. هن جو منهن زرد ٿي ويو پر هڪدم کيس خيال آيو ته پيسا هن پوئين کيس ۾ وڌا هئا.

پوئين کيسو ڪتريل هو... شايد ڪنهن مفلس پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ هڪ غريب کي لٽي ڇڏيو.

سپنا ٽٽي پيا.... گيت اڌورا رهجي ويا....... تمنائون لٽجي ويون..... اميدن جو ساگر خشڪ ٿي ويو ۽ هو پرنم نگاهن سان ڪيڏانهن هليو ويو! (1962)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڙيل ڀُوڻاٽو

رسالا روڊ ۽ لجپت روڊ جي وچ وارين گهٽين ۾ حيدرآباد جي پس گردائيءَ وارن ڳوٺن جا ڀُوڻاٽا لسي مکڻ وکڻڻ ايندا آهن.

اسر ويل ڳوٺان نڪرندا آهن، ڪي گهوڙن تي، ڪي گڏهن تي ۽ ڪي پنڌ ۽ اچي پنهنجن پنهنجن نڪاڻن تي ويهندا آهن. گهڻو ڪري فٽ پاٿن تي يا رستي جي پاسن کان ڪنين موڙين وٽ ويهندا آهن. هر ڪو پنهنجي پنهنجي اڳيان جست يا ٽامي جي چونئري رکي ويهندو آهي. گراهڪ ڳاهٽ ٽيندا آهن، جن ۾ ٻارن جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. ٻار ميرا گدلا، بيمار ۽ ڏٻرا هوندا آهن. اکيون پڇين سان ٿقيل هونديون اٿن ۽ سندن وات مان بدبوءِ نڪرندي رهندي آهي.

سج اڀرڻ کان اڳ ڀُوڻاٽا پنهنجيون پنهنجيون چونئريون خالي ڪري ڇڏيندا آهن. خالي چونئريون کڻي لجپت روڊ جي ياجيءَ وارن وٽ ايندا آهن ۽ چونئرين ۾ پٽاٽا، بصر، ٿوم، ادرڪ، ڪريلا، واڱڻ وغيره وجهي ڳوٺ روانا ٿيندا آهن.

واپاريءَ جو ڪوبہ مذهب نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي ذات پات هوندي آهي. واپاريءَ جو مذهب منافعو ۽ پيسو پيغمبر هوندو آهي. اهڙو ئي هڪ ياجي وارو لجپت روڊ وٽ ويهندو آهي ۽ نفسيات جو ڄاڻو آهي. هو جيڪڏهن ياجيون نہ وڪڻي ها تہ جيڪر ڪنهن ڪاليج ۾ نفسيات جو پروفيسر هجي ها. ڪيس چار پنج ٻوليون اينديون آهن ۽ هر هڪ گراهڪ سان سندس مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو آهي. انسان کي دنيا ۾ ٻوليءَ کان وڌيڪ بي ڪا بہ شئي پياري نہ هوندي آهي. (واپاري طبقو ان چوڻيءَ کان خارج آهي.)

ياجيءَ واري جا گراهڪ ياجيءَ واري جي وات مان پنهنجي مادري ٻوليءَ جا گفتا ٻڌي خوش ٿيندا آهن ۽ ڇٽانگ بدران پاءُ ۽ پاءُ بدران سير ۽ سير بدران مڻ ياجي جو خريد ڪري ويندا آهن. هو پنجابين سان پنجابي، ڪڇين سان ڪڇي، ڪاٺياوڙي ميمڻن سان گجراتي ۽ مرهٽي ۽ سنڌي گراهڪن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو آهي. ڀُوڻاٽن سان نيٺ ٻهراڙيءَ جي محاورن ۾ ڳالهائيندو آهي. انگريز گراهڪ ڪونهيس،

تنهنڪري انگريزي نہ ڳالهائيندو آهي.

هڪڙي ڏينهن الياس نالي هڪ ڳوٺاڻو خالي چونئري ڪٽي ياڄي واري وٽ اچي بيٺو. ياڄيءَ واري پڇيس، "ٻوتار ڇا ڪائيندين؟"

الياس وراڻيو "همڪو ايڪ پاءُ واڱڻ ديو. ايڪ ڇٽانڪ ونگي ديو. ايڪ پاءُ پٽاٽا ديو."

ياڄي واري ٺهہ پهہ نج اردوءَ ۾ وراڻيو. "ابهي لجيئي، سرڪار"

الياس اردوءَ ۾ جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس واڇون وڃي پاپڙين سان لڳيون.ڏري گهٽ ڪلندي چيائين، "ها ۽ وڙي ايڪ پاءُ بصر بہ ديو ۽ ٿورڙا قودنا ۽ ڪوتمير بہ ديو."

الياس جي پاسي ۾ بيٺل هڪ ڳوٺاڻي حيرت مان الياس ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجي چونئري مٿي تي رکندي چيو. "مارا ڏاڍو سڌري پيو آهين. زيبان ۽ ديبان واري ٻولي ٿو ڳالهائين."

الياس جو ڳاٽ اوچو ٿي ويو.

هڪ سنڌي ماستر جو ڪنڌ جهڪي ويو. هن ياڄيءَ بدران رستي جا پٿر ميڙي ڳوٺڙيءَ ۾ وڌا ۽ اتان هليو ويو. (1968)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام عباس کي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پاتل هئا. پهراڻ جي ٻانهن تي ڪاري پٽي ٻڌل هئس.

رئيس دنيا داريءَ مان واقف آهي. پٽ جي پنهنجن هارين جهڙي حالت ڏسي ڪيس ٻاهه وٺي ويئي، پر خاموش رهيو.

رئيس پنهنجي پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو "رئيس جو پٽ هوندي به ڪاڏي پاتي اٿئي؟"

غلام عباس وراڻيو "جيستائين ڌرتيءَ جي سيني ۾ سنگينون تنبيل رهنديون، اسان ڪاڏي پائينداسين."

"۽ ڪاري پٽي؟"

"جيستائين دنيا جي مظلومن جو داد فرياد نه ٿيندو، اسان پنهنجي غم جو اظهار ڪاري پٽيءَ سان ڪنداسين."

رئيس پنهنجي پٽ کي اوطاق مان ٻاهر وٺي آيو. هڪ دڙي تي ٻئي ڄڻا چڙهي بيٺا. سندن آڏو رئيس جي هزارين ايڪڙ زمين هئي، جنهن تي فصل بيٺل هو.

رئيس ٻنين ڏانهن اشارو ڪندي چيو "پٽ، اسانجي ڌرتي هيءَ آهي. اسانجي ڌرتي آباد آهي. تون ڪهڙن ڦڏن ۾ وڃي ڦاٿو آهين."

غلام عباس پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو ۽ دڙي تان لهي، هيٺ جهڪي مٽيءَ جي لپ ڀري، هو سڌو ٿي بيٺو. پيءُ کي چيائين، "جنهن ڌرتيءَ جي مان ڳالهه ڪري رهيو آهيان، سا ڌرتي هن مٽيءَ ۾ پوريل آهي بابا."

پيءُ کي پٽ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

غلام عباس پيءُ ڏانهن ڏسڻ بنا اتان هليو ويو. (1968)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"خير ته آهي." ڊاڪٽر پڇيو- "سمجهان ٿو ته ڪنهن مڪ ڏنگ هنيو اٿو."

"ها." ڪراڙي چپن ۾ چيو.

"ڪهڙي قسم جو مڪ هئي؟"

"سائي رنگ جي مڪ هئي." ڪراڙي رڪائيءَ سان چيو.

وڏيري جي زال چيو. "توهان ڪانئس چڱيءَ طرح احوال وٺو. مونکي اجا رڌڻ پچائڻ جو ڪم ڪرڻو آهي."

"ها اما." ڊاڪٽر بيخياليءَ ۾ جواب ڏنو.

چڻ ته عورت کي ڏنگ لڳو.

"اکين تي ڪويا چڙهيل اٿئي ڇا؟" عورت منهن ورائيندي چيو. "تون ته منهنجي پيءُ برابر آهين."

اُن کان اڳ جو ڊاڪٽر ڪجهه جواب ڏيئس، هوءَ جواني جي غروز ۽ احساس ۾ ڪنڌ سڌو ڪري لڏندي لمندي هلي ويئي.

ڊاڪٽر کيس ڏسندو رهجي ويو. هوءَ بيحد حسين هئي. ڪانئس عمر ۾ ٻه ڳهٽو گهٽ پئي ڏٺي. ۽ ڪراڙي وڏيري کان ته عمر ۾ بيحد ننڍي هئي.

ڊاڪٽر وڏيري سان مخاطب ٿيو. "هٿ ڏيکاريو. سور اٿوَ ڇا؟"

"ها، ڇگيرڙو آهي."

ڊاڪٽر خيال سان ڪراڙي جو هٿ جاچي ڏٺو ۽ سندس منهن تي گنڀيرتا جا آثار ظاهر ٿيا. "ڪافي خراب آهي. ڪنهن زهريلي مڪ جو چڪ ٿو ڏسجي." هُن چيو.

"شايد." ڪراڙي لاپرواهيءَ سان وراڻيو. "مان فقط ايترو چئي سگهان ٿو ته اها عام رواجي مڪ نه هئي."

"اها مڪ ضرور ڪنهن مڙدي تان اُڏري آئي هئي."

ڊاڪٽر جي ان ڳالهه جو ڪراڙي وڏيري تي ڪوبه اثر نه پيو ۽ هو هڪ دفعو وري ڪجهه چپن ۾ پٽڪي خاموش ٿي ويو.

"چڱو جو مان وقت سر اچي پهتس. نه ته سپاٽي بيحد دير ٿي وڃي ها ۽ ممڪن آهي ته مري به وڃو ها."

"عجب جهڙي ڳالهه ٿو ڪرين!" ڪراڙي پائيپ ۾ تماڪ ڀريندي چيو.

"رت ۾ مليل زهر جلد پنهنجو اثر ڪندي آهي. اسانکي وقت وڃائڻو ناهي. دل پڪي ڪيو. توهانجي ٻانهن ڪپڻي پوندي."

"ٻانهن." ڪراڙي عجب مان رڙ ڪئي.

"ها. آپريشن نهايت ضروري آهي."

وڏيرو پائيپ ڇڪيندو رهيو.

”ڏسو نہ.“ ڊاڪٽر کيس سمجهائيندي چيو. ”توهانکي ترجيتري بہ تڪليف نہ پهچندي. اول توهانکي ننڊ ڪرائيندس. پوءِ جڏهن اُٿندو تہ توهانجي حالت بهتر هوندي. ورنہ ياد رکو تہ سياٽي هن مهل تائين توهان مري چڪا هوندا. خدا بہ توهانکي بچائي نہ سگهندو.“

”منهنجي جند ڇڏ.“ ڪراڙي بيزار ٿيندي چيو. ڇڻ تہ ڊاڪٽر جون ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي ٿڪجي پيو هو. هو منهن پٽ ڏانهن ڪري سمهي پيو.

ڊاڪٽر ان ضد لاءِ تيار نہ هو. هو ڪراڙي جو ڪمرو ڇڏي سندس زال سان ڳالهائڻ آيو.

”منهنجو مڙس ڪيئن آهي؟“ هن ڊاڪٽر خلاف رنجش جو اظهار ڪندي پڇيو.

”سندس حالت بيحد خراب آهي.“ ڊاڪٽر چيو. ”ڪيس سمجهاءِ تہ جيئن مان سندس ٻانهن ڪپي ڌار ڪري ڇڏيان.“

”اوه خدايا.“ منهن تي ڇڻ هيڊ هارجي ويس. ”ڇا اهو ضروري آهي؟“

”بيحد. نہ تہ تنهنجو مڙس چوويهن ڪلاڪن اندر مري ويندو.“

اوچتو عورت جو منهن سرخيءَ مائل ٿي ويو. ڊاڪٽر سان گڏ پنهنجي مڙس جي ڪمري ڏانهن ويندي چيائين. ”مان ڪنهن لُولي جي زال ٿيڻ جهڙي آهيان؟ مان ڪندي تہ شرم کان مري وينديس.“ ۽ پوءِ پنهنجي مڙس ڏانهن ڏسندي، ذري گهٽ رڙ ڇيائين. ”هنکي پنهنجي ٻانهن ڪپڻ نہ ڏجو. هن جي ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏيو.“

وڏيري پيار منجهان پنهنجي حسين ۽ جوان زال ڏانهن ڏٺو. ”تون ڪو خيال نہ ڪر. ڪرسڪي.“ پوڙهي کيس پڪ ڏياري. ”هت وڍ ڪٽ نہ ٿيندي. مان ٽڪرا ٽڪرا ٿي مرڻ پسند نہ ڪندس.“

ڊاڪٽر اجايو ويهي ڪراڙي کي زندگيءَ جي لطفن ۽ موت جي ڀيانڪ ڊپ کان ڏڪايو. وڏن ۽ ڇڱن کي بہ گهرايائين. پر ٻڍو وڏيرو هڪ تان ٻن تي نہ آيو. هڪ هڪ جي صلاح هڪ ڪن کان ٻڌي ٻي ڪن کان ڪڍي ڇڏيائين. وڏيرو پنهنجي ضد تان نہ لٿو.

ڪراڙي جي پر سڪون منهن مان، پنهنجي موت تي ڪنهن بہ قسم جي رنجش، افسوس ۽ ارمان جو اظهار نہ هو. اکين ۾ لڙڪ بہ نہ هئس. هو پنهنجي وڏن وانگر موت جي آواز تي لبيڪ چئي ڪوچ ڪرڻ لاءِ تيار هو.

ڊاڪٽر جي درخواست هن ٺڪرائي ڇڏي. الاجي ڇو ڊاڪٽر ڪراڙي کي بچائڻ - لاءِ واجهائي رهيو هو. ڊاڪٽر هڪ ٻي اٽڪل استعمال ڪئي.

”پل توهان آپريشن ڪرايو يا نہ. توهان کي ٽي سو رپيا ڏيڻا ئي پوندا. پر -

پنجن منٽن ۾ ٺيڪ ٿي ويندي."

"جيڪڏهن ڪمائيءَ جو ايترو ئي خيال اٿئي، ته پوءِ منهنجي ٻانهن کي تيل سان مالش ڪر." ڪراڙي جواب ڏنو.

سڀ بيڪار هو.

ڊاڪٽر نااميد ٿي ڪراڙي جي ڪمري مان نڪري آيو. هو ٻاهر هليو ويو. هن سوچيو ته، هو ڪيئن به ڪري ڪراڙي کي موت کان بچائڻ لاءِ سندس آپريشن ڪري ٻانهن ڌار ڪندو. اول سوچيائين ته جج کي وٺي اچي، شايد پنهنجي دوست جي ڳالهه مڃي. پر ڪراڙي جي ڪنڌ تي هر وقت سندس حسين ۽ نوجوان زال سوار هئي، جنهن پنهنجن هٿن اڪرن سان سندس ضد جي ديوار مضبوط پٺي ڪئي.

ٻاهر پڌر ۾ ڊاڪٽر کي وڏيري جو نوجوان نوڪر مليو. هو قداور، مضبوط ۽ طاقتور نوجوان هو.

"گاڏي تيار ڪر." ڊاڪٽر کيس چيو. "۽ وڏيري جي زال کي ٻڌاءِ ته مان رات جي ماني نه کائيندس."

نوجوان نوڪر عورت جي ڪمري ڏانهن ويو. ڊاڪٽر اڌ ٻيڪڙيل طاق مان ڏٺو ته نوجوان نوڪر کي ايندو ڏسي، عورت جي اکين ۾ عجيب چمڪ پيدا ٿي. ٻنهي جي اکين مان ظاهر هو ته ٻئي ٻاهه سان کيڏي رهيا هئا. سندن ڳالهائڻ جي انداز مان ظاهر هو ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪاسٽ سٽيل هئي.

سندن باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ، ڊاڪٽرڳوٺ ۾ نڪري آيو. کيس پڪ هئي ته ڳوٺ ۾ ڪا نه ڪا ڏوُتي ضرور هوندي، جنهن کي ڳوٺ جي سيني ڪربل جوڙن جي ڄاڻ هوندي.

کيس جلدئي اهڙي ڏوُتيءَ جو ڏس مليو.

ڊاڪٽر ڏوُتيءَ کي ٻه رپيا ڏيندي چيو. "مون کي هڪ عورت سان محبت ٿي ويئي آهي. چاهيان ٿو ته هوءَ به منهنجي محبت ۾ گرفتار ٿئي."

"اهو ناممڪن آهي. تون ڏسڻ ۾ ناڪرو ڪانوَ جهڙو آهين. هتان جون عورتون تو جهڙي جي وجهه ۾ نه اينديون."

"سچ ٿي چئين امڙ. پر مان کيس دولت سان مالا مال ڪري ڇڏيندس."

"پر مان به ته ٻڌان ته اها ڪهڙي عورت آهي؟"

"وڏيري جان گل جي زال ڪرسڪي."

"تون فقط اهوئي گل چني سگهين ٿو جيڪو اڳ چنل نه هجي."

"ڪنهن ٻي سان آهي ڇا؟" ڊاڪٽر اهوئي ته ڄاڻڻ آيو هو.

"ها، پنهنجي نوڪر پال ناگيءَ سان." ڏوُتيءَ جواب ڏنو. "هوءَ به اُن قداور جوان

تي موهت آهي. پَرسال مون کان ئي تعويذ وٺڻ آئي هئي.“

”وڏيري جان گل کي اجا تائين شڪ نہ پيو آهي ڇا؟“

”شڪ بہ ڪيئن پويس! سهڻي عورت جي انگلن اڳيان ڇا هلندس.“

ڊاڪٽر جان گل جي گهر موٽي آيو.

نوڪر پال ناگي گهوڙي کي ڪرڪلو هٽي رهيو هو ۽ ڪراڙي جان گل جي جوان زال ساٽس ڪونئس ڪري رهي هئي.

ڪرسڪي ڊاڪٽر کي ٽي سو رپيا ڏيندي چيو. ”اڇي، تنهنجي في.“

”پنهنجي ضمير کان پڇ تہ مان انهن پيسن جو حقدار آهيان؟“

”تون ڪو خيال نہ ڪر. منهنجو ضمير سهي ويندو.“

”ڏاڍو چڱو. تون منهنجو سامان گاڏيءَ ۾ رکاءِ تہ مان ايتري ۾ تنهنجي مڙس سان ملي اچان.“

جان گل آرام سان هنڌ تي ليٽيل هو. اکيون بند هئس ڊاڪٽر جي قدمن جو آواز ٻڌي اکيون کوليائين.

”مان توهان کان موڪلائڻ آيو آهيان.“

”تہ تون وڃي رهيو آهين؟“

”ها، هت رهي ڇا ڪندس.“

”ڪرسڪي في جا پيسا ڏنئہ؟“

”ها.“ ڊاڪٽر جواب ڏنو. ”توهان جي زال خوبصورت ۽ جوان آهي.“

وڏيري ڊاڪٽر سان هٿ ملائيندي، ڪيس معنيٰ خيزنگاهن سان ڏٺو. فقط ايترو چيائين. ”ناهي ڇا!“

”سندس گلابي چپ ياقوت جهڙا آهن.“

”اهي تہ آهنس.“ ڪراڙي جي منهن تي مرڪ اچي وئي.

”مان ايترو چئي سگهان ٿو تہ توهان جو نوڪر پال خوب مزا ماڻيندو.“

ڪراڙو ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪنبي ويو. ڊاڪٽر ڏانهن ڏسندي چيائين، ”تو ڇا چيو ڊاڪٽر؟“

ڊاڪٽر هڪدم پنهنجو وات بند ڪري ڇڏيو. جڻ اهو سڀ ڪيس چوڻ نہ گهربو هو ۽ پوءِ پڙڪيو، ”يلا منهنجو ڇا وڃي. سڀ ڪنهن کي اکيون آهن. دماغ آهي، سڀ ڏسي! ۽ سمجهي سگهي ٿا. مون کي تہ ان وقت ئي شڪ پئجي ويو هو. جڏهن هن توکي آپريشن کان منع ڪئي هئي.“

غصي ۾ جان گل جون ٻئي مٺيون پڪوڙجي ويون. هڪدم سڄيل ٻانهن ۾

سور جاڳيس ۽ آهہ ڪيائين. ”آهہ منهنجي ٻانهن! وري اهڙو اڪر نہ چئجانءِ.“

”هرگز نہ.“

وڏيري ڊاڪٽر کي ٻانهن کان جهلي، ڪنجهندي پڇيو ”ڪهڙو پال، ڊاڪٽر؟“

”چيم نہ، تہ توهان جو نوڪر. چا، سچ پچ توهان بيخبر آهيو؟“

ڪراڙي جو چڻ رت سڪي ويو. دل تي اهڙي چوٽ لڳس جو ٻانهن جو سور ڀلائي ڇڏيائين. پيشانيءَ تي چماٽ هڻندي چيائين، ”مان بہ ڪهڙو نہ بيوقوف آهيان. مونکي تہ اڳ ئي چاڻڻ گهريو هو تہ ڪرسڪي نانگڻ آهي.“

”هينئر پڇتائڻ مان ڪهڙو فائدو! هوءَ جوان آهي، جوانيءَ جي جوڀن سان ٽمٽار آهي. ممڪن آهي تہ هوءَ معصوم هجي! پر توهان ڪانپوءِ نيٺ تہ ڪيس شادي ڪرڻي پوندي، منهنجو مطلب آهي توهانجي مرڻ ڪانپوءِ.“

مريض بيچئنيءَ مان پاسو ورايو. ڊاڪٽر پنهنجو ڳالهائڻ جاري رکيو.

”هوءَ جيڪڏهن شادي ڪندي تہ توهان جو اُن ۾ چا ويندو. توهان کي قبر جي تهن مان خبر بہ نہ پوندي. ۽ ٻيو تہ ڪيس جوان ۽ ٺاهوڪو مڙس ملندو.“

ڪراڙو ڏند ڪرٽي رهيو هو.

ڊاڪٽر پنهنجو ڳالهائڻ جاري رکيو. ”اهو ظلم ناهي، جو هڪ خوبصورت عورت جو جسم ياڪرن بغير سڙندو رهي! ڪرسڪي کي توهان جي سچي دولت ملندي ۽ پال کي هڪ سهڻي مالدار عورت. تنهي ۾ فقط توهان ئي ابوجهہ آهيو.“

ڪراڙي وري ڪنجهندي آهہ ڪئي. سندس پيشانيءَ مان پگهر ريلا ڪري وهڻ لڳو. سندس دل ۾ پال لاءِ نفرت جو جذبو آتش فشان وانگر ڦاٽي پيو.

”ڏسو نہ، اهو لڪ دفعا بهتر آهي جو اهڙي گداز بدن کي هڪ ٻانهن سان ئي ياڪر پائجي، ان کان جو ڪيس ياڪر ۾ ئي نہ آڻجي.“ ڊاڪٽر آخري تير هلايو.

هينئر ڪراڙي وڏيري لاءِ برداشت ڪرڻ ناممڪن هو. هو ٽپ ڏيئي ويهي رهيو ۽ پنهنجي سڄيل ٻانهن ڊاڪٽر ڏانهن وڌائيندي چيائين. ”ڪڍ پنهنجي ڇري ۽ ڪپي ڇڏ منهنجي ٻانهن.“ (1964)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوگو سلاوين ڪهاڻي

ايوان ڪئنڪر

# پار ۽ پيڊا

هر رات، سمهڻ کان اڳ، پار پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هئا. هڪ ويڪري بخاري جي پير ۾ ويهي، جيڪي ڪي سندن سمجهه ۾ ايندو هو، چئي ڏيندا هئا. هر رات ائين ٿيندو هو. جو سانجهيءَ جا پاچا، دريءَ جي ڪاون مان سندن ڪوٺيءَ ۾ ننداڪڙو ماحول کڻي ايندا هئا ۽ انهن پاڇن ۾ هونديون هيون پانت پانت جون انوکيون ڪهاڻيون.

جيڪي پانءِ پوندو هئن، تنهن جي باري ۾ ڳالهائيندا هئا. پر سندن ذهن ۾ فقط سچ جهڙيون سندر ۽ سهڻيون ڪهاڻيون ئي ايندڙيون هيون، جن ۾ پيار ۽ اميد جا جذبا سمايل هوندا هئا. مستقبل هنن لاءِ هڪ طويل، بي انت لمبو موڪل جو ڏينهن هوندو هو. هنن لاءِ ايسٽر ۽ ڪرسمس ۾ ڪو به فرق نه هو.

اُتي، زندگي گلن وارن پردن جي پويان، خاموشيءَ سان ٿڙڪندي، ترڪندي، ڪڏندي روشنيءَ جي دائري ۾ روشنيءَ جا ڪرتا ملائيندي هئي. اکر سرگوشين ۾ اُڪليا ويندا هئا جن کي سمجهڻ به مشڪل هو. سندن ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي نه شروعات هوندي هئي. ۽ نه ئي ڪا شڪل. ڪنهن ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ته پڇاڙي به نه هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته چارئي پار هڪ مهل ڳالهائڻ لڳندا هئا. پر تڏهن به ڪو ڪنهنکي نه منجهائيندو هو. سيئي ان پاڪ ۽ صاف روشنيءَ کي گهورڻ ۾ محو هوندا هئا، جتي هڪ هڪ لفظ چٽو ۽ حقيقي هوندو هو.

پار شڪل شبيهه ۾ هڪ جهڙا هئا. ايتري قدر جو جهونجهڪڙيءَ ۾ سڀ کان ننڍي پار، چئن سالن جي ننڍڪ ۽ ڏهن سالن جي لاڙڪا ۾ ڪوبه فرق محسوس نه ٿيندو هو. سيني جا چهرا سنهڙا، ڊگها ۽ اکيون وڏيون ۽ ويڪريون هيون.

۽ هڪ شام، سنجها ڏاري، ڪنهن اڻ ڄاڻ طرف کان، اڻ ڏٺي طاقت جي بيرحم هٿ جنت جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ موڪلون، ڪهاڻيون ۽ قصا منتشر ڪري ڇڏيا: خط رستي ڪين خبر ملي ته سندن پيءُ اٽليءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويو هو. ان خبر سندن آڏو هڪ عجيب، نئون، بلڪل منجهيل خيالن جو جسم کڙو ڪيو. جسم بلند قامت، ويڪري ڇاتيءَ سان هو. پر نه هئس وات نه اکيون. اهو خيالن جو ديوتا نه ته چرچ ۽ گهٽين جي هنگامي مان آيو هو ۽ نه ئي ڪمري ۾ ڦهلجندڙ جهونجهڪڙي مان اُڀريو هو.

سنڌن خيالن ۾ نه ته خوشيءَ جا خزانا هئا ۽ نه ئي ڪا غمگين ڪٿا- چو جو سنڌن ذهن ۾ اُڪريل خيالن جو ديوتا مردن وانگر هو. جنهن کي نه اڪيون هيون نه وات. خيالن جو ديوتا پيدا ٿيل حالتن اڳيان تماشائيءَ ۽ بيڪسيءَ جي حالت ۾ بيٺو رهيو. جڏهن ته ڪنهن عظيم بت آڏو بيٺو هو. جا ساڪت هئي، خاموش هئي، گونگي هئي. خيالن جو ديوتا بت ڏانهن وڌيو ۽ حيرت ۾ خاموش بيهي رهيو.

”پر بابا ڪڏهن موٽندو؟“ ننڍڪ عجب مان پڇيو.

لازڪا ٽوٽ هٽي ڪيس گهوريندي چيو ”هو مري ويو آهي، هينئر ڪيئن موٽندو!“

سڀ ٻار خاموشيءَ ۾ ٻڏي ويا. هو ان عجيب بت آڏو بيٺا رهيا. جنهن جي پٺيان هو ڪجهه به نه ٿي ڏسي سگهيا.

”مان به جنگ تي ويندس.“ ستن سالن جي مچي اوچتو چئي ڏنو.

”تون اجا ننڍڙو آهين.“ چئن سالن جي ننڍڪ کيس صلاح ڏني.

ملڪا، جيڪا سيني ٻارن ۾ سنهڙي ۽ بيمار ٿي ڏٺي ۽ جنهن پنهنجي ماءُ جي شال ويڙهي هئي، پنهنجي نبل آواز ۾ پڇيو، ”جنگ ڇا هي؟ اسان کي جنگ جي باري ۾ ٻڌاءِ مچي.“

مچي سمجهائي ڏني، ”جنگ هيئن هوندي آهي ته ماڻهو هڪ ٻئي کي ماريندا آهن. چاقو هڻندا آهن. تلوارن سان هڪ ٻئي کي ڪٽيندا آهن ۽ بندوقن سان هڪ ٻئي تي گوليون هلائيندا آهن. جيترا گهڻا ماڻهو مرندا اوترو بهتر- توهان جنگ ۾ ماڻهو ماريندا وڃو ڪوبه توهان کي نه روڪيندو. جنگ ۾ ائين ئي ڪبو آهي.“

”پر ماڻهو هڪ ٻئي کي ڇو ماريندا آهن؟“ ملڪا پڇيو.

”بادشاهه جي لاءِ.“ مچيءَ کيس ٻڌايو. سڀ خاموش رهيا. سنڌن نگاهن آڏو چانيل ڏنڏلڪي مان انسانيت جي ڪامرانيءَ جا ڪرٽا اُڀرندا آيا. جن ۾ جوت به هئي ۽ قوت به هئي. هو سانتيڪا ويٺا رهيا. ساهه به خيال سان ٿي کڻيائون. جڏهن ته چرچ ۾ مهان اپديش ٻڌي رهيا هئا.

مچي مات ٽوڙيندي چيو، ”مان به جنگ تي ويندس، دشمن سان وڙهندس.“

”دشمن ڪنهن جهڙو هوندو آهي؟ ڪيس مٿي تي سڱ هوندا آهن ڇا؟“ اوچتو ملڪا پنهنجي سنهڙي آواز ۾ پڇيو.

”ها. دشمن کي مٿي تي سڱ هوندا آهن. ورنه دشمن کي ڪيئن سڃاڻي سگهبو!“ ننڍڙي ننڍڪ غصي ۾ چيو. صحيح جواب جي سڌ مچيءَ کي به نه هئي.

”مان نٿو سمجهان ته دشمن کي مٿي تي سڱ هوندا آهن.“ هن آهستي، هبڪندي چيو. ”دشمن کي سڱ وري ڪيئن هوندا! هو ته اسان جهڙو انسان هوندو آهي.“ لازڪا چيو- ۽ وري پنهنجي جواب تي ويچار ڪندي چيائين، ”فقط ڪيس روح

نہ هوندو آهي.“

طويل خاموشيءَ ڪانپوءِ ننڍڪ پڇيو، ”پر جنگ ۾ ماڻهو ڪيئن شهيد ٿيندا آهن؟ هيئن، پوئتي-“ ۽ هن پنهنجو جملو پوئتي ڪرندي سمجهايو.

”ڪيس ماري ماري، شهيد ڪيو ويندو آهي.“ مڇيءَ سمجهايو.

”بابا مون کي بندوق وٺي ڏيڻ جو انجام ڪيو هو.“

”پر هو توکي بندوق ڪيئن وٺي ڏيندو! هو تہ شهيد ٿي ويو آهي.“

”ها، ۽ هنن دشمن کيس ماري بہ ڇڏيو آهي!“

”ها، مري ويو.“

سنڌن معصوم مکڙن مان غم ۽ خاموشيءَ جهاتي پاتي.

سانجهي وقت، گهر جي ٻاهران پيل بينچ تي، ٻارن جو ڏاڏو ۽ ڏاڏي ويٺا هئا. سج جا رتول ڪرڻا وڻن مان ڇڻندا ٿي آيا. سانجهي خاموش هئي. اچانڪ ان قبرستان جهڙي خاموشيءَ ۾ هڪ سڏڪو گونجيو. سڏڪو واڙي مان آيو هو، جتي هڪ نوجوان وڌوا، يتيم ٻارن جي ماءُ مال کي گاهہ وجهي رهي هئي.

ٻئي، پيرسن، ضعيف عورت ۽ مرد، خيالن ۾ ڪٻا ٿي ويا هئا. پوءِ هنن هڪ ٻئي جو هٿ سوگهو ڪري جهليو، ڄڻ اڳ ائين ڪڏهن بہ نہ ڪيو هئائون. هو ٻئي سانجهيءَ جي اُجهامندڙ ڪرڻن کي گهوري رهيا هئا. سنڌن اکين ۾ نہ لڙڪ هئا ۽ نہ ئي چپن تي ڪي لفظ.“ (1965)

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪي ڪهاڻي

وليم سرويان

# نانگ

مئي جو مهينو هو. پارڪ مان لنگهندي هنجي نگاهہ پوري رنگ جي هڪ ننڍڙي نانگ تي پئجي ويئي، جيڪو ڪيس ڏسي ڇٽيل پنن ۽ ٻوٽن ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن ڪاٺي ڪڍي ورتي، ۽ ننڍڙي نانگ جي ڪڍ لڳو. ائين ڪندي هن پاڻ ۾ انسان جو نانگن ڪان فطري خوف جو جذبو محسوس ڪيو.

واهہ. هن سوچيو. بديءَ جي علامت! ۽ پوءِ ڪاٺيءَ سان نانگ کي چوهيائين، ۽ نانگ ويڙهوتو ٿي ويو. نانگ منهن مٿي ڪري ڪاٺيءَ کي ڏنگ هنيو ۽ پوءِ هڪدم گاهہ مان سرڪندو اڳتي هليو ويو. هو ڪاٺي ڪڍي نانگ جي ڪڍ هلندو رهيو.

ننڍڙو نانگ بيحد سهڻو ۽ چالاڪ هو. هن ڪجهہ وقت نانگ سان گذارڻ ۽ نانگ جي باري ۾ ڄاڻڻ جو فيصلو ڪيو.

ننڍڙي پوري نانگ جي ڪڍ هلندي، هو پارڪ جي نويڪلي حصي ۾ پهچي ويو جتي هو دنيا جي نظرن کان اوجهل ٿي نانگ سان اڪيلو رهجي ويو. نانگ جو پيڇو ڪندي، هن محسوس ڪيو تہ هو پارڪ جا قاعدا قانون ٽوڙي رهيو هو. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن نانگ سان اڪيلائيءَ ۾ ڏسي ورتو ۽ ڪانئس ان جو سبب پڇيو تہ هو ڪهڙو جواب ڏيندو؟ هن پاڻ کي جواب لاءِ تيار ڪيو. چوندس: مان جديد اخلاق جو محقق آهيان. يا سنگتراش آهيان. ۽ نانگن جي روپ ۾ دلچسپي رکندو آهيان. بهرحال، ڪونہ ڪو سبب ٻڌائي وٺندس. ها، اهو هرگز نہ چوندس تہ مان نانگ کي مارڻ جو ارادو رکان ٿو.

هو نانگ جي پاسي کان هلندو. ڪڏهن ڊوڙندو. ڪڏهن ڪيس اورانگهيندو. نانگ جي ڪڍ هلندو رهيو. نانگ ٿڪجي پيو. ۽ هلڻ جهڙو نہ رهيو پوءِ پٿر تي جهڪي، ڪجهہ اڳتي ٿي هن نانگ ڏانهن چڱيءَ طرح ڏٺو ۽ ڪيس ڪاٺيءَ سان چوهيو. ان وقت هن دل ۾ قبول ڪيو تہ هو ڪنهن بہ صورت ۾ نانگ کي ڪاٺيءَ بدران هٿ سان چوهي نہ سگهي ها. نانگ چوهڻ ائين آهي. جڻ انسان پنهنجي اندر ۾ لڪل ڪنهن راز کي چوهي، ڪنهن اهڙي راز کي. جنهن کي هو ڪنهن تي بہ ظاهر ڪرڻ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندو هجي. هوا ۾ ترندڙ خاموشي، جيڪا پوءِ بدلجندي انسان جي موجوده صورت ۾ آئي آهي، ان وقت ڪان هن وقت تائين نانگ جو وجود آهي. ۽ ائين محسوس ٿئي پيو جڻ زمين تي ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي.

نانگ ڏاڍو دلڪش هو- ننڍڙو، سهڻو ۽ صاف. نانگن جو خوف اوچتو سندس دل ۾ داخل ٿي ويو. هن سوچيو، پارڪ جا پيا ڪيترا نانگ ٻرن مان نڪري ايندا ۽ ننڍڙي پوري نانگ جي بچاءَ لاءِ ڪيس گهيرو ڪندا. هو نانگن جي پراسرار خاموشي ۽ خوفناڪ نمونن جي وچ ۾ بيٺو هوندو. هن سوچيو، پارڪ بيحد وڏو آهي، ۽ هتي ضرور وڏا وڏا نانگ هوندا. جيڪڏهن سيني نانگن ڪي اها سڌ پئجي وڃي تہ هو هڪ ننڍڙي پوري رنگ جي نانگ سان نويڪلو هو، تہ هو ڪيس منڊي ڇڏيندا. ڪيس چرڻ پرڻ نہ ڏيندا.

هن منهن ورائي چئني طرف ڏٺو. هر طرف خاموشي هئي. خاموشي بائيبل ۾ بيان ڪيل ڪنهن شروعاتي خاموشيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئي. هن وساري ڇڏيو تہ هو هڪ وڏي شهر جي پبلڪ پارڪ ۾ هڪ نانگ سان اڪيلو موجود هو. هڪ هوائي جهاز پارڪ مٿان لنگهي ويو. پر هن نہ هوائي جهاز ڏٺو ۽ نہ ئي هوائي جهاز جو آواز ٻڌو. خاموشي ڳُتيل هئي، ۽ هنجي نگاهہ نانگ تي ڄميل هئي.

هن پهن تي ويهي نانگ سان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو واسطو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ائين ڪندي هنکي ڏاڍي ڪل آئي. نانگ هنجي اڳيان، ڌرتيءَ تي سڌوسنئون پيو هو ۽ سندس سونهون ٿيندو پئي ويو. ڪيس ڏاڍو عجب لڳو. هن نانگ سان ڳالهائڻ چاهيو، پر وڏي آواز ۾ نانگ سان ڳالهائڻ ۾ هن خوف محسوس ڪيو. پر ڪجهہ دير بعد هن پاڻ ۾ همت پيدا ڪري ورتي ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ نانگ سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين. نانگ سان ڳالهائڻ ۾ ڪيس ڏاڍو لطف آيو.

ڳالهہ ٻڌ. هن چيو. سالن ڪانپوءِ ساڳيءَ ڌرتيءَ تي ۽ ساڳي سج هيٺان رهندڙ هڪ نوجوان هزارين جذبا دل ۾ کڻي تنهنجي آڏو بيٺو آهي. ۽ تون منهنجي آڏو بيٺو آهين، ساڳيءَ طرح. تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟ پڇندين؟ پر مان توکي پڇڻ نہ ڏيندس. بيو ڇا اٿئي من ۾؟ ڪهڙي نموني پنهنجو بچاءُ ڪندين؟ مون ارادو ڪيو آهي تہ انسان ذات جي عام ڀلائي خاطر توکي تباهہ ڪري ڇڏيان.

نانگ مجبوريءَ وچان چرڻ پرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ڪيس ڪانيءَ سان چوهيندو رهيو. نانگ ڪيترا دفعا ڪانيءَ کي ڏنگ هنيا ۽ پوءِ ٿڪجي پيو ۽ ڪانيءَ کان لاپرواهہ ٿي ويو. هن ڪاني پري ڪري ڇڏي. نانگ چيو مهرباني.

پوءِ هن وات سان سيٽي وڄائڻ شروع ڪئي. هن سوچيو تہ موسيقيءَ جي آواز تي شايد نانگ نچڻ شروع ڪندو. هن سيٽيءَ ۾ چيو، تون منهنجو پيار آهين. پر نانگ نہ نچيو. پوءِ هن مختلف ٻولين ۾ وات سان سازن جا آواز ڪڍي نانگ کي راضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانسواءِ مري ويندا آهن. ان وقت توکي اڄوڪي تجربي جو احساس ٿيندو.

نانگ جي وچڻ ڪانپوءِ هن پاڻ کي ڏاڍو خوش پانيو. هو ڪيتري دير تائين اڪيلي سر ڪلندو رهيو. پوءِ هن واٽ ورتي، ۽ هلڻ شروع ڪيو.

شام جو جڏهن هوءَ پيانو وڄائي رهي هئي، هن چيو: اڄ عجب اسرار ٿيو.

هوءَ پيانو وڄائيندي رهي. پڇيائين، عجب اسرار؟

ها. هن وراڻيو. مان پارڪ مان لنگهي رهيو هوس، ۽ مون هڪ ننڍڙو نانگ ڏٺو.

هن پيانو وڄائڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ منهن ورائي ڏانهس ڏسڻ لڳي. تو نانگ ڏٺو؟ چيائين. ڪهڙي نہ بد شيءِ ڏسي آيو آهين!

نہ، نہ. هن هڪدم وراڻيو. هو بد نہ هو. هو تہ بيحد حسين هو.

ڪيئن؟

مون کيس روڪي ورتو هو. ۽ کيس وڃڻ نہ پئي ڏنم.

پر ڇو؟

بنا ڪنهن سبب جي.

هوءَ پيانو وٽان اُٿي هنجي پاسي ۾ اچي ويٺي ۽ ڏانهس عجب وچان ڏسڻ لڳي. چيائين، مونکي نانگ جي باري ۾ ٻڌاءِ.

نانگ بيحد پيارو هو. هن چيو. هو ڪنهن بہ طرح بد نہ هو. مون جڏهن کيس ڇوهيو، تڏهن محسوس ڪيم تہ هو بيحد نرم ۽ صاف ۽ اُجرو هو.

اوهہ. مان اهو ٻڌي بيحد خوش ٿي آهيان. پڇيائين، پيو ڇا؟

مون نانگ کي مارڻ چاهيو ٿي، هن چيو. پر نانگ بيحد سهڻو هو. مان کيس ماري نہ سگهيس.

مان ڏاڍي خوش ٿي آهيان، هن چيو. اڳتي ٻڌاءِ.

بس ايترو.

اهو ايترو ناهي، وڌيڪ ڪجهہ بہ آهي، هن چيو. مونکي سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ. مونکان ڪجهہ نہ لڪاءِ.

ڇا ٻڌايانءِ. عجيب ڳالهہ آهي، هن چيو. چاهيم پئي تہ نانگ کي ماري ڇڏيان ۽ پوءِ تو وٽ ڪڏهن نہ اچان.

شرم نٿو اچيئي؟

اچي ٿو.

اڳتي ٻڌاءِ، هن پڇيو. نانگ کي پنهنجي سامهون ڏسي تو منهنجي باري ۾ ڇا سوچيو؟

تون اجايو خفي ٿيندينءَ، هن وراڻيو.

صفا پوڪ آهين، هن چيو. اهو ناممڪن آهي جو مان توکان خفي ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چگو، نہ پوءِ ٻڌ. هن چيو. مون تنهنجي باري ۾ سوچيو ته تون سهڻي آهين ۽ گڏوگڏ بد بہ آهين.

بد!

چيو هو مانءِ نہ. تہ تون خفي ٿيندينءَ.

۽ پوءِ؟

۽ پوءِ مون نانگ کي هٿ لاتو. هن چيو. ائين ڪرڻ ڪو سولو ڪم نہ هو. پر مون ڪيس هٿن ۾ ڪٽي ورتو. ان مان تون ڇا ٿي سمجهين؟ ان سلسلي ۾ تو ڪيترائي ڪتاب پڙهيا آهن. منهنجي نانگ ڪٽي وٺڻ مان تون ڪهڙو مطلب ڪڍي سگهين ٿي؟

هوءَ ذهين نموني کلڻ لڳي. چيائين. انجو مطلب آهي ته صفا پوک آهين.

اهو فرائيڊ جي فلسفي مطابق پئي چوين؟ هن پڇيو.

ها. هن کلندي وراڻيو. فرائيڊ جي مطابق.

تہ پوءِ اڳتي ٻڌ. هن چيو. ۽ پوءِ نانگ کي آزاد ڇڏي ڏيڻ ۾ مونکي بيحد لطف آيو.

مونکي ڪڏهن اهو چيو اٿئي تہ مونسان محبت ڪرين ٿو؟ هن پڇيو.

تو کي خود سمجهڻ گهرجي. هن چيو.

نہ. هن چيو. تو مونکي ڪڏهن بہ نہ چيو آهي. تہ توکي ڪا مونسان محبت آهي.

هوءَ کلڻ لڳي. ۽ هنجي باري ۾ ڪجهہ سوچي خوش ٿيڻ لڳي. تو هميشہ بين شين جي باري ۾ ڳالهايو آهي. هن چيو. بيمقصد ۽ ڪڏهن ڪڏهن عجيب ڳالهيون. هوءَ وري کلڻ لڳي.

اُهو نانگ. هن چيو. ناسي پوري رنگ جو هو.

۽ اهو سمجهائي ڏئي ٿو. هن چيو.

ڇا پئي چوين؟

مونکي خوشي آهي تہ تو نانگ کي نہ ماريو.

هوءَ موٽي وڃي پيانو وٽ ويٺي. ۽ آڱريون سُرن تي رکي ڇڏيائين.

مون نانگ کي راڳ بہ ٻڌايو. هن چيو. مون ڪيس اشڪوبرٽ جي اٽپوري موسيقيءَ مان ڪجهہ حصو ٻڌايو. مان خود اهو اٽپورو سنگيت ٻڌڻ چاهيان ٿو. جنهن ۾ ڪلام جو اهو بند آهي. تہ تون منهنجي محبت آهين. منهنجو پيار آهين. وغيره.

هن آهستگيءَ سان پيانو وڄائڻ شروع ڪيو. ۽ محسوس ڪيو تہ هو تڪ ٻڌي سندس هٿن. ٻانهن. ٻڃي ۽ وارن کي ڏسي رهيو هو. بلڪل اهڙي نموني جهڙي نموني هن نانگ ڏانهن ڏٺو هو. (1973)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزِ اول کان مون ڏکين ۽ ڏنگين حالتن ۾ لکيو آهي. سُوکيون ۽ سوليون حالتون ملن ها ته مان شايد لکي نه سگهان ها. گُهٽ، پوسٽ ۽ تعزيرات جي ورن وڪڙن ۾ مان پنهنجي وجود ۾ وڏيڪ سگهه محسوس ڪندو آهيان. جبر جي جبل سان متو ٽڪرائڻ مونکي وڻندو آهي. مونکي اهڙي زندگي قبول ڪونهي جنهن ۾ چيلينجز ۽ آزمائشون نه هجن. گل وڇايل راهن تي هلڻ بدران مونکي ڪنڊن ۽ ڀڳل شيشا وڇايل راهن تي پيرين اُگهاڙو راهي ٿيڻ وڻندو آهي. جيڏانهن پورب پنڌ، تيڏانهن آئون نه وڃڻو هيءُ هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾. نارمل، عام رواجي حالتن ۾ مان ڪومائجي ويندو آهيان. ايبنارمل، غير معمولي حالتن ۾ مان تڙي پوندو آهيان. ڏُکَ مونکي اڏول ۽ سُکَ ماري وجهندا آهن. ●

مونکي خبر هئي ته ڊگهي عرصي کان منهنجي ذهني ڪيفيت نيڪ نه هئي. نيوراالاجسٽن ۽ سائڪياٽرسٽن منهنجو اسلام آباد ۾ ورهين تائين علاج ڪيو هو، پر ڪرتيل نه نڪتو هو. جيئن ته مونکي پنهنجي ذهني ڪيفيت جي اسبابن جي خبر هئي، تنهن ڪري مان سائڪياٽرسٽن سان بحث ڪري سگهندو هوس. هڪڙي نوجوان سائڪياٽرسٽ ڪاوڙ وچان چيو هو، ”جيڪڏهن هن ملڪ ۽ ملڪ جي معاشري کان بيمار ٿيڻ جي حد تائين بيزار آهين، ته پوءِ هيءُ ملڪ ڇڏي ڇو نه ٿو وڃين؟“

امر جليل



1959



2009

Price: Rs.100

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com